ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 28 اپريل 2026ع 10 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (253)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪراچي ۾ سمنڊ جو پاڻي پيئڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ چين سان معاهدو، زرعي ٽيڪنالاجي سميت ٻين شعبن ۾ به مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون

چين جي صوبي هونان جي شهر چانگشا ۾ ايم او يوز تي صحيحن واري تقريب ۾ صدر آصف زرداري خصوصي طور شريڪ، زرعي ٽيڪنالاجي ۽ چانهه جي شعبي ۾ تعاون تي به صحيحون ڪيون ويون

مفاهمتي يادداشتون اهم شعبن ۾ عملي تعاون جي فروغ جي لاءِ ڪوشش جي عڪاسي ڪن ٿيون. پهرين مفاهمتي يادداشت سنڌ جي بلديات کاتي ۽ اوشيئن انوائرمينٽل ٽيڪنالاجي گروپ جي وچ ۾ طئي ٿي

ڪراچي شهر کي پاڻي جي فراهمي ۾ اضافي لاءِ سامونڊي پاڻي کي مٺو بڻائڻ جي منصوبي جي معاهدي تي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ اوشيئن انوائرمينٽل ٽيڪنالاجي گروپ جي پارٽي برانچ جي سيڪريٽري ۽ چيئرمين يوهوئي صحيحون ڪيون

ٻيو ئالهه سنڌ جي بلديات کاتي ۽ لانگ پن هاءِ ٽيڪ انفارميشن ڪمپني جي وچ ۾ زرعي ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جي لاءِ طئي ٿيو. ٽئين مفاهمتي يادداشت چانهه جي شعبي بابت آهي جيڪا سنڌ ۽ هونان ٽي گروپ ۽ جاڙونگ انٽرنيشنل ٽيڪنالاجي (هونان) جي وچ ۾ طئي ٿي

ناهه جو مقصد صنعت جي سمورن شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ آهي، چانهه جي صنعت جي ترقي ۾ معاونت ۽ اقتصادي، واپاري ۽ عوامي رابطن کي پڻ مضبوط بڻايو ويندو: ملاقات بعد ماهرن جي راءِ

چانگشا (اي پي پي) پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سامونڊي پاڻي کي استعمال جوڳو بڻائڻ، زرعي ٽيڪنالاجي ۽ چانهه جي شعبي ۾ تعاون جي ڪن مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري خصوصي طور تي شرڪت ڪئي ڪالهه سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب چين جي صوبي هونان جي شهر

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

Government of Sindh
Longping High-Tech Information

اسلام آباد: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ حڪومت ۽ چين جي وچ ۾ معاهدي تي صحيحن بعد ڪاغذن جي ڏي وٺ ڪري رهيو آهي صدر آصف علي زرداري پڻ موجود آهي

سنڌ جي قانون واري کاتي ۾ 18 ايڊيشنل ۽ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي قانون واري کاتي سنڌ جي وڏي وزير جي منظوري کانپوءِ 18 ايڊيشنل ۽ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايڪوادور ۾ هٿياربند جو حملو، 5 ڄڻا مارجي ويا، ڪجهه زخمي

ڪوئيٽو (اي پي پي) ايڪوادور جي سامونڊي ڪناري واري شهر مچالا جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي شڪي دستاويزن سبب ٻن مسافرن کي آف لوڊ ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن ڪراچي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪندي ٻه مسافر

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

چنگشا: صدر آصف علي زرداري پروفيسر پين زيانگبن کي ستاره امتياز جو اعزاز ڏئي رهيو آهي

اسحاق ڊار سان ڪئنيڊا جي پرڏيهي وزير جو رابطو، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

ٻنهي اڳواڻن امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

پاڪ ڪئنيڊا لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ اعليٰ سطحي مشاورت جي اهميت تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران پروفيسر پان شيانگ بن کي ستاره پاڪستان عطا

خصوصي تقريب ۾ پروفيسر پان شيانگ بن کي دل جي مرض جي علاج سبب اعزاز ايوارڊ ڏنو

پروفيسر پان شيانگ بن جنوري 2025ع ۾ پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ ڊاڪٽرن کي سکيا ڏني

چانگشا (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسٽيٽ بئنڪ وياج جي شرح وڌائي 11.50 سيڪڙو مقرر ڪري ڇڏي، نئين مانيٽري پاليسي جاري

مالي سال 2026ع جي پهرين ڇهه ماهيءَ دوران حقيقي جي ڊي پي ۾ 3.8 سيڪڙو اڀسر ٿي، مالي سال 2027ع جي اڪثر عرصي ۾ مهانگائي 5 کان 7 سيڪڙو هدفي حد جي مٿاهين سطح کان مٿي رهڻ جو امڪان

وچ اوڀر تڪرار جي ڏکيي هئڻ سان ڪلي معيشت جي منظرنامي کي شديد خطرا لاحق ٿي ويا آهن. توانائي جي عالمي قيمتن جو بار خرچن ۽ بيما پريميئر تڪرار کان پهرين جي سطح کان مٿي رهندو: ڪميٽي

سپلاءِ چين ۾ رنڊڪ ۽ موجوده غير يقيني ڪيفيت وڌائي ڇڏي، جيتوڻيڪ هاڻ تائين ملبل ڊيٽا وڌي حد تائين مانيٽري پاليسي ڪميٽيءَ جي اميدن موجب آهي، عالمي اگهرائي جا اثر ايندڙ اهم اقتصادي نشانين مان ظاهر ٿيندا

وچ اوڀر ۾ جاگرافيائي ۽ سياسي واقعن کان علاوه مانيٽري پاليسي ڪميٽي گذريل اجلاس کان پوءِ ٿيندڙ اهم اڳڀرائيءَ تي نظر وڌي. پهريان مارچ ۾ مهانگائي وڌي 7.3 سيڪڙو ٿي وئي. هاڻي نئين سوڌ جي ضرورت آهي: حڪومتي اختيارين

جون 2026ع تائين اسٽيٽ بئنڪ جي پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 18 ارب ڊالرن کان وڌيڪ رهڻ جو ڪاٿو آهي. ڪميٽيءَ عالمي معاشي حالتن ۾ بي يقيني کي نظر ۾ رکندي پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو

اسلام آباد (اي پي پي) مانيٽري پاليسي ڪميٽي پاليسي ريٽ 100 بيسز پوائنٽس وڌائي 11.50 سيڪڙو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. فيصلو 28 اپريل کان لاڳو ٿيندو مالي سال 2026ع جي پهرين ڇهه ماهيءَ دوران حقيقي جي ڊي پي ۾ 3.8 سيڪڙو اڀسر ٿي، مالي سال 2027ع جي اڪثر عرصي ۾ مهانگائي 5 کان 7 سيڪڙو هدفي حد جي مٿاهين سطح کان مٿي رهڻ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قيمتي پٿرن جي واپار کي وڌائڻ بابت ڳالهائي ٿي رهي آهي

ايران جي مفادن لاءِ جيڪو ٿي سگهيو، اهو ڪنداسين: روسي صدر پيوٽن جي عباس عراقچي کي خاطري

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سينٽ پيٽرزبرگ ۾ روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪئي، نيڪ خواهشن جو اظهار

اميد ته ايراني عوام هن ڏکئي دور مان گذري ويندو ۽ امن قائم ٿيندو، ايران ۽ خطي جي ملڪن جي مفادن ۾ جيڪو ممڪن ٿيو ڪنداسين: روسي صدر

ايران ۽ روس وچ ۾ ڪيترن ئي اهم معاملن خاص طور تي علائقائي صورتحال تي ويجهي رابطي ۽ مشاورت جو سلسلو جاري آهي: عباس عراقچي

ماسڪو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سينٽ پيٽرزبرگ ۾ روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪئي. روسي ميڊيا موجب پيوٽن چيو ته ڪيس ايران جي سپريم ليڊر جو پيغام مليو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ غير معمولي گرمي، موسميات کاتي جو الرٽ جاري

3 کان 5 مئي دوران ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اولهه هوائن جو سلسلو اثرانداز ٿيڻ جو امڪان

ڏکڻ پنجاب، سنڌ جا مختلف علائقا ۽ ڏکڻ ۽ اوڀر بلوچستان ملڪ جا هيٺ ويڪر سان متاثر علائقا قرار

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) موسميات

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

عراق: روڊ حادثي ۾ 8 ڄڻا فوت، 25 زخمي

بغداد (اي پي پي) عراق جي شهر ڪرڪوڪ ۾ روڊ حادثي ۾ 8 ڄڻا فوت ۽

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪي فوج پاران اوڀر ماڻهي سمنڊ ۾ ڪارروائي، مبينه منشيات بردار ٻيڙي تي حملو 3 ڄڻا مارجي ويا

ڪارروائي هڪ اهڙي ٻيڙي خلاف ڪئي وئي، ٻيڙي معلوم رستي تي سفر ڪري رهي هئي: آمريڪي سدرن ڪمانڊ

خطي ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪارروايون جاري، آپريشن دوران ڪنهن به آمريڪي فوجي کي نقصان ناهي پهتو: پرڏيهي ميڊيا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي فوج اوڀر پئسفڪ سمنڊ ۾ مبينه طور منشيات اسمگلنگ ۾ ملوث ٻيڙي کي نشانو بڻايو، جنهن جي نتيجي ۾ 3 ماڻهو مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي سدرن ڪمانڊ مطابق اها ڪارروائي هڪ اهڙي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

چاڊ ۾ فرقيوارانه چڪريون، 42 ڄڻا قتل

بدقسمتيءَ سان 42 ڄڻا قتل ۽ 10 زخمي ٿيا آهن: رپورٽ

اسان سوڳوار ڪٽنبن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا: چاڊ جو نائب وزيراعظم

ياندي (اي پي پي) وچ آفريقي ملڪ چاڊ جي اوڀر صوبي وادي فيرا جي ڳوٺ ايڪوٽي ۾ فرقيوارانه چڪرين ۾ گهٽ ۾ گهٽ 42

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

منيٰ ۾ حج پانڌيئڙن جي رهائش جو ڊجيٽل نظام تيار

رهائشي سهولتن ۾ 90 سيڪڙو رڪارڊ بهتري آئي آهي: ڊي جي حج

هن ڀيري انتظامن جي مڪمل ٿيڻ ۾ غير معمولي تيزي آندي وئي آهي: عبدالوهاب سومرو

مڪه مڪرمه (اي پي پي) ڊائريڪٽر جنرل حج عبدالوهاب سومرو چيو آهي ته حج انتظامن کي ظاهري ۽ انتظامي بنهي رخن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاڪستاني قيمتي پٿرن جي پراسيسنگ منصوبابندي واري وزارت کي ڏئي ڇڏي

وزيراعظم پاران قيمتي پٿرن جي روانگي واپار ۾ اضافي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت

پاڪستان کي الله تعاليٰ قيمتي پٿرن سميت قدرتي وسيلن جي دولت سان مالامال ڪيو آهي: وزيراعظم

اجلاس کي قيمتي پٿرن جي پراسيسنگ ۽ ڪٽڻ جي ڪوٽائي جي جديد طريقن کي لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف قيمتي پٿرن جي روانگي واپار ۾ اضافي جي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان کي الله تعاليٰ قيمتي پٿرن سميت قدرتي وسيلن جي دولت سان مالامال ڪيو آهي مقامي وسيلن سان برآمدات ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو سينٽرز آف ايڪسيلنس قائم ڪرڻ ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي جڏهن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪشمير صرف سرحدي تڪرار ناهي پر انسانيت جو امتحان آهي: مشعال ملڪ

اها ڪهڙي بي حسي آهي ته ڪجهه قدمن تي هڪ پيءُ پاءُ جي جنازي ۾ شريڪ ناهي ٿي سگهي

ته اهو منظر صرف هڪ واقعو ناهي پر ڪشمير جي هزارين وڇڙيل خاندانن جي ڪهاڻي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) حريت اڳواڻ ياسين ملڪ جي گهرواري مشعال حسين ملڪ چيو آهي ته ڪشمير صرف سرحدي تڪرار ناهي پر انسانيت جو امتحان آهي. دنيا ان کي سمجهي جاري بيان ۾ هن چيو ته اها ڪهڙي بي حسي آهي ته هڪ پيءُ ڪجهه قدمن تي بيٺل آهي پر پنهنجي پاءُ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آئيني عدالت جو چيف جسٽس امين الدين خان فل ڪورٽ ميٽنگ جي صدارت ڪري رهيو آهي

اقتصادي رابطا ڪميٽي گڏهه جو گوشت ۽ کلون برآمد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح گهٽجڻ ۽ اگهن ۾ استحڪام تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو

ضروري شين خاص طور ٽماٽي، بصر، اٽي، کنڊ ۽ ٿوم جي اگهن ۾ لاٿ جو رجحان برقرار آهي، جنهن کي حڪومتي قدمن جو هاڪاري نتيجو قرار ڏنو ويو

ڪميٽي جبري پورهئي ذريعي تيار ڪيل شين جي درآمد تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، گوادر جي ڊرنڪي سلاٽر هائوس مان گڏهه جي گوشت ۽ کلن جي برآمد بابت تجويزون به منظور

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اقتصادي رابطا ڪميٽي جبري پورهئي ذريعي تيار ڪيل شين جي درآمد تي پابندي لاڳو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب اقتصادي رابطا ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي شروعات تي پاڙائي جو رجحان

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1174.69 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 169497.35 پوائنٽس تي بند

مجموعي طور تي 780.22 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 33.42 ارب رپيا هئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر ڏينهن ڪاروباري هفتي جي شروعات تي پاڙائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1174.69 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي جي اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري سان سندس والده جي وفات تي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير اوقاف مذهبي معاملن زڪوات ۽ عشر سيد رياض حسين شاهه شيرازي ٽيسوري هائوس

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ محتسب ۾ سفير جو تجربو شاگردن جي مستقبل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو: سهيل راجپوت

شاگرد اسان جو روشن مستقبل آهن، جيڪي سوشل ميڊيا تي فعال ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

ترقي يافته ملڪن ۾ سماجي خدمتن کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ جي سرپرستي ۾ ضياءُ الدين يونيورسٽي ڪلفٽن ۾ برينڊ ايمبيسيڊر پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت خاص طور شرڪت ڪئي. محمد سهيل راجپوت شاگردن کي ايمبيسيڊر پروگرام ۽ صوبائي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جو ميمبر ۽ سنڌ حڪومت جو ترجمان سڪديو هيمناڻي ٽرانسجينڊر ڪميونٽي سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ رڪشا ڊرائيور قتل ٿي ويو

جوهر ڪمپليڪس پرسان سائيڪل سوار ٽن ڏوهارين فائرنگ ڪئي

گولين لڳڻ سبب 40 سالن جو ڊرائيور راشد ولد بشير قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سچل ٿاڻي جي حد جوهر ڪمپليڪس اسڪيم 33 يونيورسٽي روڊ پرسان فائرنگ جي دوران رڪشا ڊرائيور 40 سالن جو راشد ولد بشير قتل ٿي ويو آهي ڪراچي ۾ يونيورسٽي روڊ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 11 ماڙ عمارت تان هيٺ ڪرڻ جي نتيجي ۾ معصوم ٽينگري فوت

ڪلفٽن بلاڪ 6 ۾ 11 ورهين جي ٽينگري راند ڪندي بالڪوني مان هيٺ ڪري پئي

اطلاع تي پوليس پهچي ٽينگري جو لاش ڪڍائي جناح اسپتال منتقل ڪيو، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن بلاڪ 6 ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي عمارت جي 11هين ماڙ تان ڪري هڪ 11 ورهين جي ٽينگري فوت ٿي وئي. پوليس موجب ٽينگري جو لاش قانوني

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس جي ڪارروائي، ڏيڍ ڪروڙ جو ڪپڙو چوري ڪندڙ جوابدار گرفتار

سائوٿ جاچ پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار اعجاز کي سوگهو ڪيو

جوابدار پنهنجي ساٿين سان گڏ هڪ ڪروڙ 60 لک ماليت جو ڪپڙو چوري ڪرڻ ۾ ملوث هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هڪ ڪروڙ 60 لک ماليت جو ڪپڙو چوري ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪراچي ۾ پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي مهانگي ماليت جو ڪپڙو چوري ڪندڙ گروهه جي اهم ڪارندي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران خواجه سرائن لاءِ نوڪرين جي ڪوٽا تي اثرائتي عملدرآمد جو فيصلو ڪيو

ڪراچي ۾ حڪومتي نمائندن جو خواجه سرا ڪميونٽي سان هڪ اهم مشاورتي اجلاس منعقد ٿيو

خواجا سرا ڪميونٽي جي نمائندن ني آءِ ايس پي ۾ رجسٽريشن دوران پيش ايندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪئي

سنڌ پهريون صوبو آهي جنهن خواجه سرا ڪميونٽي لاءِ پنج سيڪڙو نوڪري ڪوٽا مقرر ڪيو آهي: سڪديو هيمناڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت خواجه سرائن لاءِ نوڪرين جي ڪوٽا تي اثرائتي عملدرآمد ۽ سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪراچي ۾ خواجه سرا ڪميونٽي سان هڪ اهم

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مان 13 ارب رپين جي ڪڻڪ گم ٿيڻ حڪومت جي نااهلي آهي: حليم عادل

سنڌ جي گودامن مان سڄو ارب کان وڌيڪ ماليت جي ڪڻڪ غائب يا خراب ڪئي وئي آهي

ڪرپشن ۾ ملوث سرڪاري آفيسرن کي ٻيهر مقرر ڪرڻ هڪ سنگين ڏوهه آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سرڪاري گودامن مان اربين رپين جي ڪڻڪ غائب ٿيڻ واري معاملي تي پاڪستان تحريڪ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گٽر ۾ ڪري نوجوان مسيحي ورڪرن جي فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف مظاهرو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميناري فورم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ٿيل معاهدا مختلف شعبن جي ترقي لاءِ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندا: شرجيل ميمڻ

چين جي شهر چانگشا ۾ صدر آصف زرداري جي موجودگي ۾ ٽي مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون

زرعي ٽيڪنالاجي تعاون، سامونڊي پاڻي کي استعمال لائق بڻائڻ ۽ چانهه جي شعبي بابت معاهدا ڪيا ويا

سنڌ حڪومت شهري مسئلن کي مستقل طور تي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) چين جي شهر چانگشا ۾ صدر آصف علي زرداري جي موجودگي ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ٽي مفاهمت جون يادداشتون صحيحون ڪيون ويون سامونڊي پاڻي کي قابل استعمال بڻائڻ جي معاهدي تي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ لڪسين انوائرمينٽل ٽيڪنالاجي گروپ يو هوئي جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحوليات وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي جي جي آءِ جي پاڪستان ۽ نيپال لاءِ نمائندي لارا جالوس جوڪي سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

صوماليا ۾ اغوا ٿيل پاڪستانين جي آزادي لاءِ مسلسل رابطي ۾ آهيان: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته هو صوماليا ۾ اغوا ٿيل پاڪستانين جي آزادي لاءِ سامونڊي معاملن جي وفاقي وزير سان مسلسل رابطي ۾ آهيان معاملي تي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پارٽي اڳواڻن جون ملاقاتون، تنظيمي ۽ ترقياتي معاملن بابت ڳالهيون

سينيٽر وقار مهدي، ايم پي اي محمد آصف خان، سکر جي ميئر ارسلان شيخ ۽ ٻين ملاقات ڪئي

اڳواڻن پاران پارٽي چيئرمين کي سنڌ جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي

ڪنٽونمينٽ بورڊن جي ايندڙ چونڊن جي تيارين ۽ سينيٽ ۾ قانون سازي وارن معاملن تي غور ويچار

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پارٽي اڳواڻن جون ملاقاتون سياسي، تنظيمي ۽ ترقياتي معاملن تي تفصيلي جائزو ڪراچي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سينيٽر وقار مهدي، ايم پي اي محمد آصف خان، سکر جي ميئر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ حڪومت جو ترجمان ارسلان اسلام شيخ ۽ پ پ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري وقار مهدي ملاقات ڪري رهيا آهن

ڪورنگي لڳ رن ريلنگ ڪندڙ نوجوانن جي موٽرسائيڪل جو ٽڪر لڳڻ سبب پي ٽي سي ايل ورڪشاپ جو انچارج زخمي

ڪورنگي (ن ع) ڪورنگي جي ٽيليگراف واري علائقي ۾ ڪجهه اوباش ون ويلنگ ڪندڙ نوجوانن مان هڪ نوجوان تيز رفتاري سان موٽر سائيڪل تي ٽيليگراف

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي ناڻي کاتي ۾ 28 اسسٽنٽ اڪائونٽس آفيسرن کي 17 گريڊ ۾ ترقي ڏني وئي

ترقيون ماڻيندڙن ۾ بشير احمد هاليپوٽو، اشرف علي، قطب علي شاهه، عبدالستار ڏل شامل

عرفان علي شاهه، ارشاد مري، شاهد علي، محمد رفيق، جنيد علي سميت 28 آفيسرن ترقيون ماڻيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناڻي کاتي جي پروموشن ڪميٽي ناڻي کاتي جي 28 اسسٽنٽ اڪائونٽس آفيسرن کي 17 گريڊ ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ معذور پنهنجي ٽراءِ سائيڪل تي ٻارن جا رانديڪا وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

ڪورنگي لڳ 8 مهينا اڳ قتل ڪيل بيڪري مالڪ جي والد جو ٻارن سميت مظاهرو

مقتول عرفان جي والد محمد گائينچو ٻارن سميت پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

ايف آءِ آر ۾ نالا ڏيڻ جي باوجود پوليس بااثر جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري: الزام

ڪورنگي (ن ع) ڪورنگي مسلم ٽائون ۾ 8 مهينا اڳ ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيل بيڪري مالڪ عرفان گائينچو جي والد

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم ۾ پرياسي ٻن عورتن پاران ڏار ڏار آپگهات جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 35 سالا شادي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عوام کي سهولتن کان محروم رکڻ واري پاليسي برداشت نه ڪبي: سردار عبدالرحيم

فنڪشنل ليگ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ هر سطح تي مؤثر آواز اٿاريندي رهندي

پير پاڳاري جي فلسفي "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" کي عملي شڪل ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته ڪراچي جي عوام کي نظرانداز ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ واري پاليسي هاڻي وڌيڪ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ تيز رفتار ڪار جو بجلي ٿنڀي سان ٽڪر، 6 ڄڻا زخمي

حيدرآباد (ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ زراعت کاتي ۾ ڊيلي ويجز ملازم پڪو نه ٿيڻ خلاف مظاهرو، ڌرڻو

گذريل 20 سالن کان خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن پڪو نه ڪرڻ ناانصافي آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زراعت کاتي ۾ ڊيلي ويجز ملازمن پڪو نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو آن

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

بن قاسم لڳ گهر اندر پاڻي جي ٽانڪي ۾ ڪرڻ سبب معصوم ٻارڙي ٻڏي فوت

ڳوٺ در محمد ڳوٺ ۾ 3 سالن جي ٻيبي شفا ڌيءُ راشد زميني ٽانڪي ۾ ڪري ٻڏي وئي

معصوم ٻارڙي جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بن قاسم ٽائون پوليس ٿاڻي جي علائقي پيري سنڌي ڳوٺ در محمد ڳوٺ نادعلي امام بارگاهه جي ويجهو گهر اندر زميني پاڻي جي ٽانڪي ۾ ڪري پوڻ سبب معصوم ٻارڙي فوت ٿي وئي سنڌس لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندر پرڏيل ناري مبينا طور پاڻ مٿان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

نصرت ڀٽو ڪالوني ۾ واقع گهر اندر 21 سالن جي حنا زال اويس مبينا طور آپگهات ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي شاهراهه نورجهان ٿاڻي جي حد نصرت ڀٽو ڪالوني ۾ واقع گهر اندر 21 سالن جي عورت حنا

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 100 کان وڌيڪ شهرين کان ڦرلٽ ڪندڙ 4 رڪني گينگ گرفتار

سچل ٿاڻي جي حد پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي دهشت جي علامت بڻيل گروهه سوگهو ڪيو

جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيار، 24 وڌيڪ ڦريل موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسٽ زون پوليس سچل ٿاڻي جي حد ۾ گشت دوران شيرخان ڳوٺ پرسان ڇاپو هڻي 4 جوابدارن کي رنگي هٿ گرفتار ڪيو. ايس ايس پي ايسٽ زبير نذير شيخ موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ شهروز شهزاد، صديق رشيد ۽ وسيم بهار طور ٿي آهي. پوليس

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي آل پاڪستان وڪيلن جو ڪنوينشن، اسان کي ماضي وانگر متحد ٿيڻو پوندو: اڳواڻ

ملڪ ۾ سچ لاءِ آواز بلند ڪرڻ ڏوهه بڻجي ويو آهي 250 ملين ماڻهن کي اٿڻو پوندو: علي احمد ڪرد

سنڌ انقلاب جي سرزمين آهي. لاهور ڪسان هال ۾ جي ايم سيد ۽ ٻين جون تصويرون لڳل آهن: رانا ضياءُ عبدالرحمان

هي ملڪ هڪ وڪيل ٺاهيو هو، پهريون آئين به ذوالفقار علي ڀٽو ڏنو هو، جيڪو پڻ وڪيل هو

قانون جي حڪمراني عدليه جي آزادي جو نالو ناهي، قانونسازي بابت ڳالهائڻو پوندو: منير اي ملڪ ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪراچي "آل پاڪستان وڪيلن جي ڪنوينشن" جو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: آءِ جي پي بلوچستان محمد طاهر تربيت حاصل ڪندڙ ڊي ايس پيز ۾ شيلڊون ورهائي رهيو آهي

پي ٽي آءِ پاران سياسي قيدين جي آزادي لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد جمع

پارلياماني ليڊر شبير قريشي، ٻين ميمبرن سان گڏجي اهم قرارداد جمع ڪرائي

قرارداد ۾ عدليه جي مڪمل آزادي کي يقيني بڻائڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ پاران سنڌ اسيمبلي ۾ اهم قرارداد جمع عدليه جي آزادي ۽ سياسي قيدين جي آزادي جو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪامياب ڪارروائي، قادرو گروهه جا 3 جوابدار گرفتار

لياري ۾ ڪارروائي دوران غلام قادر، حارث نواز عرف گولڊن ۽ لاريب سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ رينجرز جي لياري ۾ ڪامياب ڪارروائي قادرو گروهه جا 3 جوابدار گرفتار پاڪستان رينجرز

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

INDUSTRY
CERTIFICATE

ڪوئيٽا: وفاقي محتسب غلام سرور بروهي ريجنل آفيس ۾ آفيسرن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

سکر هاءِ ڪورٽ جو فيصلو برقرار، ايس ايڇ او سميت 9 اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم

سيشن ڪورٽ ڪنڌيارو جو فيصلو برقرار، اپيل رد ڪندي عدالت پاران ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت

شهري جي درخواست تي پوليس اهلڪارن تي گهر تي چڙهائي، ڀيچ ڏاهه ۽ مبينا ڦر جا الزام

عدالت پاران ايس ايس پي نوشهروفيروز کان 4 مئي تائين عملدرآمد رپورٽ طلب ڪري ورتي

محرابپور (رپورٽ: سريچند) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر پاران سيشن ڪورٽ ڪنڌيارو جو فيصلو برقرار رکندي ايس ايڇ او محرابپور اشفاق شر سميت 9 اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ان ڪس

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

مانجهند پرسان سيوهڻ ويندڙ مزدا ڪلٽي هڪ ڄڻو فوت، عورتن ٻارڙن سميت 35 ڄڻا زخمي

ٽوڙي ڦاٽڪ انڊس هاءِ وي تي گولاڙچي کان ايندڙ پورهيتن جي مزدا تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي

حادثي ۾ ڪانجي پٽ پرنير ڪولهي موقعي تي فوت ٿي ويو، زخمين کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو

علاج جون سهولتون نه هئڻ سبب 15 زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ٽوڙي ڦاٽڪ انڊس هاءِ وي تي گولاڙچي کان سيوهڻ طرف ويندڙ مزدا تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت جڏهن ته عورتن ٻارڙن سميت 35 پورهيت

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 خاطري

آهي. سندس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيان ٿو. هن چيو اميد ته ايراني عوام هن ڏکئي دور مان گذري ويندو ۽ امن قائم ٿيندو. ايران ۽ خطي جي ملڪن جي مفادن ۾ جيڪو ممڪن ٿيو ڪنداسين. سندس چوڻ هو ته روس ايران سان اسٽريٽجڪ لاڳاپن کي جاري رکڻ جو ارادو رکي ٿو. ملاقات ۾ ايراني پرڏيهي وزير چيو ته روس — ايران لاڳاپا اسٽريٽجڪ ڀائيواري تي ٻڌل آهي جيڪي وڌيڪ مضبوط ٿيندا رهندا. ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي ته ايران ۽ روس حڪومتون مختلف علائقائي ۽ ٻطرفي معاملن تي مسلسل ۽ ويجهي مشاورت ڪري رهيون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق روس آمد جي موقعي تي پنهنجي وڊيو بيان ۾ عباس عراقچي چيو ته ايران ۽ روس وچ ۾ ڪيترن ئي اهم معاملن خاص طور تي علائقائي صورتحال تي ويجهي رابطي ۽ مشاورت جو سلسلو جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان سان تازيون ڳالهيون به هاڪاري ۽ ڪامياب رهيون جنهن ۾ گڏيل لاڳاپن ۽ ايندڙ ڳالهين جي طريقيڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. عباس عراقچي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ايران، روس، پاڪستان ۽ عمان سميت مختلف ملڪن سان رابطا علائقائي استحڪام ۽ گڏيل مفادن لاءِ اهم آهن

بقايا 2 زخمي

25 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق روڊ پوليس جي ليفٽيننٽ ڪرنل هاني زين الدين ٻڌايو ته گذريل ڏينهن شهر جي اتر ۾ تيز رفتار آئل ٽينڪر ڪيترن ئي گاڏين کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ باهه ڀڙڪي پئي، جنهن سبب 8 ڄڻا فوت ۽ 25 زخمي ٿي پيا. جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن

بقايا 3 الرٽ جاري

کاتي ملڪ جي ڏاکڻي حصن ۾ 29 اپريل کان 3 مئي تائين هلڪي شدت جي هيٽ ويو جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو. موسميات کاتي موجب 27 اپريل جي رات کان 29 اپريل تائين، جڏهن ته 3 کان 5 مئي دوران ملڪ جي مٿانهين علائقن ۾ اولهه هوائن جو سلسلو اثرانداز ٿيڻ جو امڪان آهي، جنهن سبب گرمي پد 2 کان 4 ڊگري سينٽي گريڊ گهٽجڻ جو امڪان آهي. موسمي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مئي کان جولاءِ دوران "ايل نينو" جون حالتون پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي "ايل نينو" هڪ قدرتي موسمي عمل آهي، جنهن تحت بحرالڪاهل جي مرڪزي ۽ اوڀر حصن ۾ سمنڊ جي سطح جو گرمي پد وڌي ويندو آهي، جنهن سان هوائن، دٻاءُ ۽ برسات جي نظام ۾ تبديلي ايندي آهي. موسميات کاتي موجب مئي ۽ جون سال جا گرم ترين مهينا شمار ڪيا ويندا آهن، جڏهن ته ڏکڻ پنجاب، سنڌ جا مٿانهين علائقا ۽ ڏکڻ ۽ اوڀر بلوچستان ملڪ جا هيٽ ويو سان متاثر علائقا آهن، جتي گرمي پد 52 ڊگري تائين ۾ پهچي ويندو آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انهن علائقن ۾ مئي ۽ جون دوران گرمي پد عام طور تي 43 کان 45 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهندو آهي ۽ موجوده صورتحال ۾ اهو معمول کان 2 کان 4 ڊگري وڌيڪ رڪارڊ ڪيو پيو وڃي. موسميات کاتي موجب صورتحال تي مسلسل نظر آهي ۽ جيڪڏهن هيٽ ويو جي شدت ۾ واڌ ٿي ته وقت سر آگاهي ڏني ويندي

بقايا 4 مارجي ويا

ٻيڙي خلاف ڪئي وئي جيڪا منشيات جي اسمگلنگ لاءِ استعمال ٿي رهي هئي ۽ معلوم رستن تي سفر ڪري رهي هئي. اختيارين جو چوڻ آهي ته ٻيڙي کي "نامزد دهشتگرد تنظيمن" جي استعمال هيٺ ڏٺو ويو هو. بيان مطابق ان آپريشن دوران ڪنهن به آمريڪي فوجي کي نقصان ناهي پهتو. آمريڪي سدرن ڪمانڊ جو چوڻ آهي ته خطي ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪارروايون جاري آهن.

بقايا 5 فيصلو ڪيو

مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن جي ميمبر سکديو هيمناڻي ڪئي. اجلاس ۾ ڪميونٽي جي نمائندن ڀرپور شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ايڊووڪيٽ نشا رائي، چانڊني شاهه (ميمبر ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن)، عرادي خان (خواجه سرا حقن جي سرگرم ڪارڪن)، زهرش خنصادي (خواجه سرا ايڪٽيوسٽ)، جينڊر انٽريڪٽو الائنس جي نمائندي ۽ ڪائون ڪميٽي سفورا ڪائون جي ميمبر)، ڊاڪٽر ساره گل سميت ٻيا نمائندا شريڪ ٿيا. اجلاس جو بنيادي مقصد خواجه سرائن بابت حڪومتي پاليسين جو جائزو وٺڻ ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ ۾ ايندڙ رڪاوٽن جو فوري حل ڳولڻ هو. سکديو هيمناڻي ان موقعي تي چيو ته سنڌ پاڪستان جو پهريون صوبو آهي جنهن خواجه سرا ڪميونٽي لاءِ 0.5 سيڪڙو نوڪري ڪوٽا مقرر ڪيو آهي ۽ ان تي مڪمل ۽ اثرائتي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل کاتن کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.

بقايا 6 حليم عادل

انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي. حليم عادل شيخ چيو ته ڪراچي مان 13 ارب رپين جي ڪڻڪ غائب ٿيڻ سنڌ حڪومت جي مڪمل نااهلي جو ثبوت آهي جڏهن ته ان کان اڳ به 17 ارب رپين جي ڪڻڪ غائب ٿيڻ جو اسڪينڊل سامهون اچي چڪو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي گودامن مان هڪ سئو ارب رپين کان وڌيڪ ماليت جي ڪڻڪ يا ته غائب ڪئي وئي آهي يا خراب ڪئي وئي آهي، جڏهن ته صرف ڪراچي مان 9 لک ڪڻڪ جون بوريون غائب ٿيڻ ڪرپشن جي انتها آهي. سندس چوڻ هو ته سنڌ ۾ ڪرپشن جو راڄ آهي ۽ هاري عوام جو راشن به محفوظ نه رهيو آهي. گذريل 18 سالن کان ڪرپٽ سسٽم هلائي پيو آهي جنهن سبب هر سال لڳ ڀڳ 200 ارب رپين جي ڪڻڪ خردبرد ۽ ڪرپشن جي نظر ٿي رهي ٿي.

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

استعمال بڻائڻ جي معاهدي تي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ لڪسين انوائرمينٽل ٽيڪنالاجي گروپ يو هوئي جي چيئرمين صحيحون ڪيون زرعي ٽيڪنالاجي تعاون جي معاهدي تي شرجيل انعام ميمڻ ۽ لانگ پن هاءِ ٽيڪ انفارميشن ڪمپني جي چيئرمين چن ژيشين صحيحون ڪيون چانهه جي شعبي سان لاڳاپيل معاهدي تي پاڪستان جي طرفان سينيٽر سليم مانڊوي والا، جڏهن ته چيني ڪمپنين جي طرفان زو چونگ وانگ ۽ هائو جيالونگ صحيحون ڪيون. انهن معاهدن جو مقصد پاڻي، زراعت، واپار، ٻطرفي سهڪار کي ڪي هٿي ڏيڻ آهي مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحن کان پوءِ جاري ڪيل هڪ بيان ۾، سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ٿيل معاهدا مختلف شعبن جي ترقي لاءِ تمام اهم سنگ ميل ثابت ٿيندا. چين ۽ پاڪستان وچ ۾ ٿيل معاهدا سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪندا، ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا. جديد ٽيڪنالاجي استعمال ۽ صنعتي سهڪار کي هٿي ڏيندا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي جهڙي وڏي شهر جي وڌندڙ ضرورتن جي نظر ۾ رکندي، سمنڊ جي پاڻي کي استعمال جوڳو بڻائڻ جا منصوبا وقت جي ضرورت آهن جديد ٽيڪنالاجي ذريعي شهرين کي وافر پاڻي فراهم ڪري سگهجي ٿو جيڪو مستقبل ۾ پاڻي جي بحران تي ضابطو آڻڻ ۾ مدد ڏيندو. هن چيو ته سنڌ حڪومت شهري مسئلن کي مستقل طور تي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. عالمي معيار جي ڪمپنين سان سهڪار هن روين جو حصو آهي. هي منصوبو ڪراچي جي بنيادي ڍانچي ۽ شهري سهولتن کي بهتر بڻائيندو ۽ سيڙپڪاري ۽ روزگار جا موقعا پڻ پيدا ڪندو. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جي سڪائي ادارن واري کاتي ۽ هڪ چيني ڪمپني جي وچ ۾ زرعي ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ سهڪار سنڌ جي معيشت لاءِ تمام سٺي ڳالهه آهي. سنڌ هڪ زرعي طور تي زرخيز صوبو آهي. جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان ٿي ايڪو پيداوار ۾ نمايان اضافو ٿي سگهي ٿو هي معاهدو هارين کي جديد تحقيق، بهتر ٻج، سمارٽ فارمنگ سسٽم ۽ جديد زرعي طريقن تائين رسائي فراهم ڪندو. هن چيو ته سنڌ حڪومت زراعت کي جديد بنيادن تي ترقي ڏيڻ چاهي ٿي ته جيئن هاري خوشحال ٿين، زرعي روزگار ۽ واپار ۾ واڌ ٿئي ۽ ملڪ جي معيشت مضبوط ٿئي چين زرعي تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي ۾ اهم ترقي ڪئي آهي. سنڌ هن تجربي سان مڪمل طور تي فائدو حاصل ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته چانهه جي شعبي ۾ ايم او يو پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائيندو ۽ چانهه جي صنعت، واپار سيڙپڪاري ۽ ماڻهن جي وچ ۾ رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو تقريب ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص مددگار قاسم نويد قمر چيف سيڪريٽري سنڌ، علي حسن بروهي ۽ چين ۾ پاڪستان جو سفير خليل هاشمي پڻ موجود هئا.

بقايا 8 خودڪشي

شهيد اسپتال منتقل ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي پاڪ ڪالوني ٿاڻي جي حد ٻڪرا پڙي برج جي ويجهو 35 ورهين جي نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي

بقايا 9 ٻڏي فوت

جتي فوت ٿيل ڇوڪري جي سڃاڻپ 3 سالن جي بيبي شفا ڌيءُ راشد جي نالي سان ٿي. ايس ايڇ او بن قاسم ڪائون فيصل رفيق موجب فوت ٿيل ڇوڪري جو پيءُ پرائيويٽ ڊرائيور آهي ۽ فوت ٿيل ڇوڪري جو پيءُ ڪم لاءِ گهر کان نڪتو هو جڏهن ماءُ گهريلو ڪم ۾ مصروف هئي ته ڇوڪري راند ڪندي زمين هيٺان پاڻي جي ٽانڪي ۾ ڪري پئي ۽ فوت ٿي وئي

بقايا 10 گرفتار

مطابق جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيار ٻن درجن کان وڌيڪ ڦريل موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي. جاچ دوران انڪشاف ٿيو آهي ته هي گروهه هينئر تائين 100 کان وڌيڪ شهرين کي لٽي چڪو آهي ۽ خاص طور سهراب ڳوٺ، سپر هاءِ وي ۽ سچل وارن علائقن ۾ وارداتون ڪندو هو. پوليس جو چوڻ آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ هنن سميرا چوڪ پرسان هڪ شهري "انيس" کان هٿيارن جي زور تي موبائل فون به ڦريو هو. پوليس موجب جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ سندن اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ به جاچ هيٺ آهي.

بقايا 11 گرفتار

کي گرفتار ڪري ورتو آهي. تفصيل موجب سائوٿ انويسٽيگيشن پوليس خفيه اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار اعجاز کي گرفتار ڪيو جيڪو پنهنجي ٻين فرار ساٿين سان گڏ ڪپڙي جا 104 بنڊل چوري ڪرڻ واري واردات ۾ ملوث هو. ايس ايس پي انويسٽيگيشن سائوٿ توحيد رحمان موجب چوري ٿيل ڪپڙي جي ماليت لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ 60 لک رپيا آهي. پوليس مطابق هي ڪيس 21 اپريل تي ٿاڻو آرام باغ ۾ داخل ڪيو ويو هو جتي جديد ٽيڪنيڪل بنيادن ۽ جاچ ڪانپوءِ جوابدار تائين پهچي ڪيس گرفتار ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي، جڏهن ته سندس فرار ساٿين جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ته جيئن چوري ٿيل مال جي مڪمل برآمدگي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 12 نينگري فوت

ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو. ابتدائي جاچ مطابق نينگري راند ڪندي بالڪوني تان ڪري پئي، ۽ واقعو بظاهر حادثاتي لڳي ٿو جڏهن ته پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي. واقعي بعد علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڇانئيل آهي.

بقايا 13 قتل

تي موسميات کاتي پرسان فائرنگ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص جيڪو رڪشو هلائيندو هو جان وڃائي ويٺو. ابتدائي اطلاعن موجب موٽر سائيڪل سوار ڪن جوابدارن فائرنگ ڪري رڪشا ڊرائيور کي نشانو بڻايو ۽ فرار ٿي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو جڏهن ته پوليس اطلاع ملڻ تي فوري طور موقع تي پهچي وئي، جتان شاهدين کان گڏ ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس موجب جوابدارن جي ڳولا جاري آهي ۽ واقعي جي مختلف پهلوئن کان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 14 ڊجيٽل نظام تيار

سان گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ بهتر ۽ منظم بڻايو ويو آهي هن ڀيري انتظامن جي مڪمل ٿيڻ ۾ غير معمولي تيزي آندي وئي آهي، جيڪي ڪم ماضيءَ ۾ ذوالحج جي شروعاتي ڏينهن ۾ مڪمل ڪيا ويندا هئا، اهي هن سال حج کان ٻه مهينا اڳ ئي مڪمل ڪيا ويا آهن هن سال 30 هزار کان وڌيڪ پلي پار ويندڙن جي اچڻ باوجود مڪه مڪرمه ۾ رهائشي انوٽري گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 90 سيڪڙو بهتر آهي جنهن لاءِ جرول نزهه ۽ ربع بخش جهڙن ڇڻن نون سيڪٽرن ۾ معياري عمارتون حاصل ڪيون ويون آهن ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي ڊي جي حج جي سڀ کان اهم مرحلي مشاعر موومينٽ جي حوالي سان ٻڌايو ته منيٰ ۾ سمورا خيما حج کان هڪ مهينو اڳ ئي مڪمل طور تيار ڪيا ويا آهن انهن خيمن ۾ صوفا بيڊز وڇايا ويا آهن ۽ ايئرڪنڊيشنرز فعال آهن هن ڀيري نظام کي ڊجيٽل رخ ڏنو آهي ۽ پهريون ڀيرو آئيندي حج ايپلي ڪيشن تي بيڊ نمبر جي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي حاجين کي سندن رهائشي عمارتن ۾ ئي نقشن ذريعي تربيت ڏني پئي وڃي ته جيئن خيمه رسندي پهچندي ئي هو بنا ڪنهن ڏکيائي جي ڪجهه منٽن ۾ پنهنجي الاٽ ڪيل بيڊز تائين پهچي سگهن ڊي جي حج موجب سعودي حج واري وزارت جي سهڪار سان هڪ اهڙو پائيدار نظام واضع ڪيو ويو آهي جنهن تحت فلائيٽ جي آمد کان 72 ڪلاڪ اڳ ڊيٽا فراهم ڪيو ويندو آهي جنهن سان حاجين کي مدينه منوره پهچندي ئي بنا ڪنهن دير جي ڪارڊ، ڪمرو الاٽمينٽ ۽ چاٻيون ملي رهيون ٿيون هن اميد ظاهر ڪئي ته انهن بهترين انتظامي فيڪٽرز ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال عيوض پاڪستان هن سال بهترين خدمتن جي عالمي اعتراف طور ايوارڊ کٽيندو ان موقعي تي پاڪستاني حاجين جو چوڻ هو ته مدينه منوره ۽ مڪه مڪرمه ۾ پاڪستان حج مشن طرفان ڪيل استقبال آئوٽ اسٽينڊنگ ۽ مائنڊ بلوئنگ آهي حاجين انتظامن کي اي ون قرار ڏيندي چيو ته سندن سامان حفاظت سان پهچايو ويو ۽ بهترين ڪاڌن سميت رهائشي سهولتن سندن سفر کي آسان بڻائي ڇڏيو آهي.

بقايا 15 قتل

ڄڻا قتل ۽ 10 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب اهو واقعو گذريل ڏينهن ان وقت پيش آيو جڏهن پاڻيءَ جي هڪ مقام تي ٻن ڄڻن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جيڪو برادرين وچ ۾ تڪرار جي شڪل اختيار ڪري ويو. چاڊ جي نائب وزيراعظم ليماني محمد صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ وفد سان گڏ ڳوٺ جو دؤرو ڪيو هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بدقسمتي سان 42 ڄڻا قتل ۽ 10 زخمي ٿيا آهن هن چيو ته اسان سوڳوار ڪٽنبن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا. نائب وزيراعظم وڌيڪ چيو ته زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. چاڊ ۾ اهي ڇڪريون عام آهن جيڪي اڪثر زمين جي تڪرارن سبب ٿين ٿيون

بقايا 16 صحيحون

چانگشا ۾ ايم او يوز تي صحيحن واري تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري خصوصي طور تي تقريب ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ سامونڊي پاڻي استعمال جوڳو بڻائڻ زرعي ٽيڪنالاجي ۽ چانهه جي شعبي ۾ تعاون جي ڏاهن تي صحيحون ڪيون ويون مفاهمتي يادداشتون اهم شعبن ۾ عملي تعاون جي فروغ جي ڪوشش جي عڪاسي ڪن ٿيون پهرين مفاهمتي يادداشت سنڌ جي بلديات کاتي ۽ اوشين انوائرمنٽل ٽيڪنالاجي گروپ وچ ۾ طئي ٿي. ڪراچي شهر کي پاڻي جي فراهمي ۾ اضافي جي لاءِ سامونڊي پاڻي کي مٺو بڻائڻ جي منصوبي تي تعاون ڪيو ويندو سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ اوشين انوائرمنٽل ٽيڪنالاجي گروپ جي پارٽي برانچ جي سيڪريٽري ۽ چيئرمين يوهوئي صحيحون ڪيون ٻيو ڏاهه سنڌ جي بلديات کاتي ۽ لانگ پن هاءِ ٽيڪ انفارميشن ڪمپني جي وچ ۾ زرعي ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جي لاءِ طئي ٿيو ڏاهه تي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ چيني ڪمپني پاران چيئرمين چن ژي شين صحيحون ڪيون ٽئين مفاهمتي يادداشت چانهه جي شعبي بابت آهي جيڪا مسڪي اينڊ فيملي ٽريڊنگ ڪمپني هونان ٽي گروپ ۽ جيالونگ انٽرنيشنل ٽيڪنالاجي (هينان) جي وچ ۾ طئي ٿي پاڪستان پاران سينيٽر سليم مانڊوي والا ايم او يو تي صحيحون ڪيون هونان ٽي گروپ جي پارٽي سيڪريٽري ۽ چيئرمين زو چونگ وانگ ۽ هينان جيالونگ انٽرنيشنل ٽريڊ ٽيڪنالاجي جي چيئرمين هائو جيالونگ صحيحون ڪيون ڏاهه جو مقصد صنعت جي سمورن شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ آهي، چانهه جي صنعت جي ترقي ۾ معاونت ۽ اقتصادي، واپاري ۽ عوامي رابطن کي پڻ مضبوط بڻايو ويندو سنڌ جي وڏي وزير جو سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پارٽنرشپ منصوبن بابت خاص معاون قاسم نويد قمر سنڌ جو چيف سيڪريٽري، علي حسن بروهي ۽ چين ۾ پاڪستان جو سفير خليل هاشمي پڻ موجود هئا.

بقايا 17 حملو

علائقي ۾ هٿياربند جي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 ماڻهو مارجي ويا جڏهن ته ٻيا زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي خبررسان اداري جو چوڻ آهي ته حملو ڪندڙ سيڪيورٽي اهلڪار جي روپ ۾ هڪ گهر جي ٻاهر موجود ماڻهن وٽ پهتو ۽ جعلي ڪارروائي جو بهانو ڪري اوچتو فائرنگ ڪري ڇڏي، واقعي واري هنڌ تان گولين جا اٽڪل 30 خول هٿ ڪيا ويا آهن. مارجي ويلن جي عمر 26 کان 63 سالن جي وچ ۾ ٻڌائي وئي آهي جن ۾ 2 سڳا ڀائر به شامل آهن، جڏهن ته زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 18 آف لوڊ ڪيو ويو

آف لوڊ ڪري ڇڏيا، ترجمان ايف آءِ اي موجب ترجمان موجب آف لوڊ ڪيل مسافرن جي سڃاڻپ احسان الله ۽ انور علي (رهواسي بونير) طور ٿي آهي جيڪي ملائيشيا وڃڻ لاءِ وزٽ ويزا تي روانا ٿي رهيا هئا. جاچ دوران مسافرن جي پاسپورٽن تي ملائيشيا، عمان ۽ ڪراچي جا مشڪوڪ اميگريشن اسٽيمپس ڏٺا ويا. وڌيڪ جاچ ۾ مسافرن اعتراف ڪيو ته هنن ايجنٽن ذريعي جعلي اسٽيمپس حاصل ڪيا هئا. ترجمان موجب اسٽيمپس ۾ فونٽ، اسپيسنگ، سيڪيورٽي فيچرز ۽ ٻين فني خامين جي نشاندهي ٿي، جڏهن ته آءِ بي ايم ايس (IBMS) ويريفڪيشن دوران ڪنهن به قسم جي سفري تاريخ موجود نه هجڻ جي تصديق پڻ ٿي. ايف آءِ اي ٻنهي مسافرن کي آف لوڊ ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 19 صورتحال تي ڳالهيون

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ٻنهي اڳواڻن خطي جي تازي صورتحال ۽ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ جاري ڪوشش تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل عزم جو ورجاءُ ڪيو ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي لاڳاپن جو پڻ جائزو ورتو جنهن ۾ واپار زراعت ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون شامل آهي ڳالهه ٻولهه ۾ پاڪستان — ڪئناڊا لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ اعليٰ سطحي مذاڪرا جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو.

بقايا 20 ستاره پاڪستان عطا

زرداري پروفيسر پان شيانگ بن کي پاڪستان ۾ دل جي مرض جي لاءِ سندس خدمتن تي ستاره پاڪستان عطا ڪيو ڪالهه سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري ڪالهه سومر ڏينهن منعقد هڪ خصوصي تقريب ۾ پروفيسر پان شيانگ بن کي دل جي مرض جي علاج ۽ پاڪستان ۾ مريضن جي خدمتن جي شعبي ۾ نمايان خدمتن جي اعتراف ۾ ستاره پاڪستان عطا ڪيو پروفيسر پان شيانگ بن هڪ عالمي شهرت يافته ڪارڊيالوجسٽ ۽ ڪارڊيڪ سرجن آهي هو فيووئي اسپتال جو نائب صدر چائنيز اڪيڊمي آف ميڊيڪل سائنسز سان واڳيل آهي جڏهن ته اسٽرڪچرل هارٽ ڊيزيز جي قومي ۽ عالمي ڪوالٽي ڪنٽرول سينٽر جو ڊائريڪٽر پڻ آهي هو عالمي شهرت يافته ماهر آهي ۽ جديد تشخيصي ۽ علاجي ٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري چڪو آهي سندس نالي سان ڪيترئون ئي عالمي سطح جون ايجادون ۽ پيٽنٽ شده طبي حل موجود آهن جن ۾ الٽراسائونڊ جي رهنمائي ۾ اهڙو علاج جو طريقو آهي جنهن جي ذريعي بنا سرجري، بنا تابڪاري اثرن ۽ بنا جنرل اينسٿيزيا علاج ممڪن بڻايو ويو پروفيسر پان شيانگ بن جنوري 2025ع ۾ پاڪستان جو دورو ڪيو جتي هن پنهنجي ٽيم سان گڏ پيدائشي دل جي مرض ۾ ورتل ٻارن جي جان بچائيندڙ ڪامياب علاج ڪيا جڏهن ته پاڪستاني طبي ماهرن کي جديد انٽرنيشنل ٽيڪنيڪن جي خصوصي تربيت پڻ فراهم ڪئي صدر آصف علي زرداري جيڪو چين جي پنجن ڏينهن جي دوري تي آهي چيو ته سندس خدمتن سان پاڪستان جي صحت جي شعبي جي صلاحيت ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ اهو پاڪستان چين تعاون جي عملي ثمرن جي عڪاسي ڪري ٿو هن پروقار تقريب ۾ سينيٽر سليم مانڊوي والا، سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، علي حسن بروهي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي لاءِ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص معاون سيد قاسم نويد قمر پاڪستان ۾ چين جي سفير جيانگ زايدونگ ۽ چين ۾ پاڪستان جي سفير خليل هاشمي پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 21 هدايت

ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان ۾ قيمتي پٿرن جي کاڻين جي کوٽائي ۽ پروسيسنگ جي عالمي معيار سان هم آهنگي ۽ ان جي برآمدات ۾ اضافي جي عزم سان ملڪ ۾ ڪن سينٽرز آف ايڪسيلينس قائم ڪرڻ بابت جائزه اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو وزيراعظم چيو ته پاڪستان کي الله تعاليٰ قيمتي پٿرن سميت قدرتي وسيلن جي دولت سان مالامال ڪيو آهي اهو اهڙو شعبو آهي جنهن ۾ مقامي وسيلن سان برآمدات ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو خاص معاون هارون اختر ۽ ان جي ٽيم جي شعبي جي ترقي لاءِ قدم ساراهه جوڳا آهن سينٽرز آف ايڪسيلينس قائم ڪرڻ ۾ شفافيت جي عنصر کي اهميت ڏني وڃي وزيراعظم پاڪستاني قيمتي پٿرن جي پراسيسنگ جي منصوبابندي واري وزارت کي ڏنل چڏي منصوبابندي واري وزارت جلد جامع حڪمت عملي جوڙي وزيراعظم کي پيش ڪندي اجلاس کي قيمتي پٿرن جي پراسيسنگ ۽ کاڻين جي کوٽائي جي جديد طريقن کي لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته قيمتي پٿرن جي ڪٽائي، تراشڻ ۽ انهن کي زيورن ۾ تبديل ڪرڻ جي قابل بڻائڻ جي حوالي سان حڪومت ڪن سينٽرز آف ايڪسيلينس جو قيام عمل ۾ آڻي رهي آهي. گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ سينٽرز جي لاءِ زمين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ان ڪانسواءِ اسلام آباد ۾ سينٽر قائم ڪرڻ جي لاءِ زمين جي نشاندهي تي ڪم جاري آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته انهن سينٽرز آف ايڪسيلينس ۾ قيمتي پٿرن جي عالمي معيار جي پراسيسنگ جي تربيت فراهم ڪئي ويندي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته جولاءِ 2026ع ۾ پاڪستان ۾ قيمتي پٿرن جي حوالي سان پهرين عالمي نمائش منعقد ڪئي پئي وڃي ان ڪانسواءِ سريلنڪا ۽ چين جي تعاون سان مخصوص قيمتي پٿرن جي پراسيسنگ جي حوالي سان افرادي قوت جي تربيت جي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن اجلاس کي قيمتي پٿرن جي کاڻين جي کوٽائي ۽ انهن سان کاڻين جي کوٽائي جي حوالي سان پيٽروليم واري وزارت جي قدمن تي پڻ بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته مقامي آبادين کي اعتماد ۾ وٺي ان حوالي سان گڏيل منصوبا جاري ڪيا پيا وڃن هڪ هزار ماڻهن کي قيمتي پٿرن جي عالمي معيار سان هم آهنگ کاڻين جي کوٽائي جي تربيت پڻ ڏني پئي وڃي وزيراعظم جي منصوبن جي مرحلن ۽ انهن جي تڪميل جي مقرر مدي تي پڻ بريفنگ ڏني وئي وزيراعظم شعبي جي برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ منصوبابندي واري وزارت کي جامع حڪمت عملي جوڙي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ وفاقي وزيرن احسن اقبال، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، جام ڪمال خان، علي پرويز ملڪ، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، خاص معاون هارون اختر اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي چيف سيڪريٽرين ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 22 مشعال ملڪ

جي جنازي ۾ شريڪ نه ٿي سگهي. سندس آخري ديدار به نه ڪري سگهي هن چيو ته هي منظر صرف هڪ واقعو ناهي. پر ڪشمير جي هزارين وڇڙيل خاندانن جي ڪهاڻي آهي اهو فاصلو صرف زمين جو نه، اهو دلين تي لڳل اهي زخم آهن. جيڪي ڪڏهن به نٿا ڀرجن مشعال ملڪ چيو ته دنيا کي هيءَ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته ڪشمير صرف سرحدن جو تڪرار ناهي، پر اهو انسانيت جو امتحان آهي. جتي رشتا برقرار ۽ زنده آهن پر هو ملي نٿا سگهن. جتي اکيون ترسن ٿيون پر فاصلا ختم نٿا ٿين

بقايا 23 امڪان

ته اتر بلوچستان، اولهندي، هيٺاهين خيبر پختونخوا گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ موسم جزوي جهڙالي رهڻ جو امڪان آهي ۽ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ ڳجگوڙ سان هلڪي برسات جو امڪان آهي. ان دوران پوٺوهار خطي، ڏکڻ/ وچولي پنجاب ۽ مٿانهين سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي آڌاٺي/ گهميل هوائن هلڻ ۽ ڳجگوڙ سان هلڪي برسات ٿي سگهي ٿي. موسميات کاتي مطابق (اڄ) اڱاري ڏينهن خيبر پختونخوا اسلام آباد، پوٺوهار خطي ڏکڻ اوڀر پنجاب، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ تيز هوائن آڌاٺي ۽ ڳجگوڙ سان ڪٿي ڪٿي برسات جو امڪان آهي ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهي جڏهن ته موهن جو دڙو ۽ ملتان ۾ ڪجهه هنڌن تي ڳجگوڙ سان برسات پئي سومر ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ کان وڌ گرمي پد شهيد بينظير آباد ۾ 48، جيڪب آباد، سڪرنڊ، خيرپور، دادو، موهن جو دڙو ۽ لاڙڪاڻي ۾ 47 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 24 رجحان

169497.35 پوائنٽس تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ 564 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، 217 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 229 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 118 ڪمپنين جي شيئرز جي استحڪام رهيو مجموعي طور تي 780.22 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 33.42 ارب رپيا هئي. ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 400.47 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 51409.13 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 1761.16 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 243225.71 پوائنٽس تي بند ٿيو فيوچر ٽريڊنگ تحت 9.215 ارب رپين جا سودا طئي ٿيا مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن جو ڳاٽيتو 0.7 سيڪڙو جي گهٽتائي ڪانپوءِ 67.2 ارب ڊالر ٿي ويو. گذريل ڏينهن بئنڪ آف پنجاب جي 126624089 شيئرز يوسف ويونگ ملز لميٽيڊ جي 53100339 شيئرز ۽ فرسٽ نيشنل ايڪوئٽيز لميٽيڊ جي 38850242 شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي يوني ڪيپ مضاربه، يوسف ويونگ ملز لميٽيڊ ۽ ڊائود ايڪوئٽيز لميٽيڊ سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون

بقايا 25 سهيل راجپوت

محتسب سنڌ جي آفيس بابت تفصيل فراهم ڪيا. پنهنجي خطاب ۾ محمد سهيل راجپوت چيو ته صوبائي محتسب سنڌ سرڪاري ادارن سان لاڳاپيل عوامي شڪايتن جي مفت ۽ تڪڙي اڪلاءَ جو مرڪز آهي. هن وڌيڪ چيو ته شاگرد اسان جو روشن مستقبل آهن جيڪي جدت جي ويجهو آهن ۽ سوشل ميڊيا تي فعال ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته ترقي يافته ملڪن ۾ سماجي خدمتن کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي، جڏهن ته صوبائي محتسب سنڌ ۾ ايمبيسيڊر طور حاصل ڪيل تجربو شاگردن جي پيشيورانه مستقبل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. پروگرام کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ضياءُ الدين يونيورسٽي محمد علي شيخ صوبائي محتسب سنڌ کي يونيورسٽي جي سڀني ڪيمپسز ۾ ايمبيسيڊر پروگرام منعقد ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي ۽ ٻڌايو ته هو پاڻ به ڊائريڪٽر جنرل طور صوبائي محتسب سنڌ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن جيڪو انهن لاءِ هڪ منفرد ۽ فائديمند تجربو رهيو. هن شڪايتن جي نظام ۾ آسان ۽ اثرائتي تبديلين جي ساراهه ڪندي چيو ته محمد سهيل راجپوت جي قيادت ۾ صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس کي جديد بنيادن تي هلائڻ هڪ انقلابي قدم آهي. برينڊ ايمبيسيڊر پروگرام کي رجسٽرار مسعود عشرت، ايڊوائيزر ريحانه جي علي ميمڻ ۽ ڊين فيڪلٽي آف لا، پاليسيز اينڊ گورننس شائسته سرڪي پڻ خطاب ڪيو. صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت سوال جواب جي سيشن دوران شاگردن کي تسلي بخش جواب پڻ ڏنا. پروگرام جي آخر ۾ ٻنهي ادارن وچ ۾ يادگاري شيلڊن جو ڏي وٺ پڻ ڪيو ويو. ان موقعي تي سيڪريٽري صوبائي محتسب سيد جنيد احمد، صلاحڪارن فيڪلٽي ميمبرن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 26 ڳالهيون

ڀٽو زرداري سان سينيٽر وقار مهدي، ايم پي اي محمد آصف خان سکر جي ميئر بئريسٽر ارسلان شيخ ۽ ماڙي پور ٽائون جي چيئرمين همايون خان بلاول هائوس ۾ الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون جن ۾ سياسي، تنظيمي ۽ ترقياتي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ذريعن موجب سينيٽر وقار مهدي چيئرمين کي سنڌ جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال بابت بريفنگ ڏني جڏهن ته ايندڙ ڪنٽونمينٽ بورڊن جي چونڊن جي تيارين ۽ سينيٽ ۾ قانون سازي سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي ته پارٽي جي تنظيمي نظم و ضبط کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي ۽ ڪارڪنن سان رابطن کي فعال رکيو وڃي ٻئي طرف ايم پي اي محمد آصف خان ۽ همايون خان پنهنجي علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن تي بريفنگ ڏني ٻڌايو ويو ته پي ايس-115 ۾ پاڻي جي منصوبن کي ترجيح ڏني وئي آهي جڏهن ته چار ڪميونٽي هال ۽ انڊور اسپورٽس ڪمپليڪس پڻ تعمير ڪيا ويا آهن ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي نگراني ۾ نيٽي جيٽي پل جي بحالي ۽ سجاوٽ جو ڪم جاري آهي جڏهن ته ڪيماڙي فوڊ اسٽريٽ عوامي سطح تي وڏي مقبوليت حاصل ڪري رهي آهي سلطان آباد ۾ ڪوئٽر فيملي پارڪ جي مڪمل ٿيڻ سان علائقي واسين کي اهم سهولت ملي آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي ته شهر جا چونڊيل نمائندا ۽ ٽائون چيئرمين عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن هن وڌيڪ چيو ته ماڇيگيرن جي ڊيزل تي سبسڊي فراهم ڪرڻ لاءِ به عملي قدم کنيا وڃن ان کان علاوه سکر جي ميئر بئريسٽر ارسلان شيخ چيئرمين کي پنهنجي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن ٻڌايو ته سنڌ چيف منسٽر پبلڪ ڪمپلين سيل ذريعي روزاني بنيادن تي سوين عوامي شڪايتن جو ازالو ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ ڪابينا ميمبر خصوصي معاون ۽ ترجمان پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيا آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته سکر ميونسپل ڪارپوريشن کي مڪمل طور ڊجيٽلائيز ڪيو ويو آهي ۽ ايندڙ مهينن ۾ پيپر فري ڪائونسل بڻائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت صاف پيئڻ جي پاڻي جو منصوبو مڪمل ڪيو ويو آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ هڪ لک گهرن جا ساڍا ڇهه لک ماڻهو فائدو حاصل ڪندا. ارسلان شيخ موجب سکر ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ نيڪالي آب صاف ڪري درياهه سنڌ ۾ ڇڏيو پيو وڃي جڏهن ته ايندڙ ڪن مهينن ۾ اهو عمل سو سيڪڙو مڪمل ڪيو ويندو هن ٻڌايو ته بلائنڊ ڊولفن ۽ تاريخي پاڻي جي کوهن جي تحفظ لاءِ به خاص قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي سهڪار سان سکر ۾ پارڪنگ، روڊن، پلن شجرڪاري ۽ اسڪلز ڊولپمينٽ جا ميگا منصوبا جلد شروع ڪيا ويندا. جڏهن ته عورتن لاءِ عالمي معيار جو "ليڊيز ورلڊ" منصوبو پڻ شروع ڪيو ويندو جنهن ۾ واڪنگ ٽريڪ، سوئمنگ پول، جمنازيم ۽ لائبريري سميت جديد سهولتون مهيا ڪيون وينديون بريفنگ ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو ته گذرائي ڪلاڪ اوور هيڊ برج جو ڪم جلد شروع ڪيو ويندو جنهن سان لڳ ڀڳ ساڍا ٽي لک آبادي کي فائدو پهچندو ملاقاتن جي پڄاڻي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري زور ڏنو ته عوامي خدمت، شفافيت ۽ ترقياتي ڪم پارٽي جي بنيادي ترجيحن ۾ شامل آهن ۽ انهن کي تيزي سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 27 مقرر

جنرل مقرر ڪري ڇڏيا، ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرلن ۾ بئريسٽر زوهيب سرڪي بيريسٽر سيد علي احمد زيدي، غلام الله ميمڻ عبدالجليل زيدي، سنديپ ڪمار ملاڻي، رفيق احمد ڏاهري، بئريسٽر فيضان احمد، جڏهن ته اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرلن ۾ سيد فرحان علي، آمنا عثمان احسن ياسين ڏوگر، نصرت سلطانه، بئريسٽر سعيد اقبال سيال، ايڊووڪيٽ آغا شاهزيب، محسن علي صلاح الدين چانڊيو ۽ ٻيا شامل آهن.

بقايا 28 مانيٽري پاليسي جاري

جو امڪان آهي گذريل ڏينهن اسٽيٽ بئنڪ جي مانيٽري پاليسي ڪميٽيءَ جي اجلاس کان پوءِ جاري پريس رليز ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪميٽيءَ محسوس ڪيو ته وچ اوڀر تڪرار جي ڏکيئي هيٺ ملڪ ڪُلي معيشت جي منظرنامي کي شديد خطرا لاحق ٿي ويا آهن خاص ڪري توانائي جي عالمي قيمتن جو بار کڻڻ ۽ بيما پريميئر تڪرار کان پهرين جي سطح کان مٿي رهندو، سپلاءِ چين ۾ رنڊڪ ۽ موجوده غير يقيني ڪيفيت وڌائي ڇڏي آهي جيتوڻيڪ هاڻ تائين مليل ڊيٽا وڏي حد تائين مانيٽري پاليسي ڪميٽيءَ جي اميدن موجب ٿي آهي، جڏهن ته ان عالمي اڳڀرائي جا اثر آئينده اهم اقتصادي نشانين مان ظاهر ٿيندا ان روشنيءَ ۾ ڪميٽيءَ جو تجزيو هو ته مهانگائي وڌڻ جو امڪان آهي ۽ ايندڙ ڪجهه ماهين ۾ اهو هدفي حد کان مٿي رهندو جڏهن ته ڪميٽي سخت پاليسي مؤقف برقرار رکڻ ضروري سمجهيو ته جيئن مهانگائي جي اميدن کي قابو ۾ ۽ موجوده رسدي جهٽڪن جي ٻئي دؤر جي اثرن کي محدود رکي سگهجي ته جيئن مهانگائي کي هدفي حد جي اندر آندو وڃي سيڪرو اڪنامڪ استحڪام کي برقرار رکڻ اهم هوندو جيڪو ڄٽادار معاشي اؤسر لاءِ ضروري آهي بيان موجب وچ اوڀر ۾ جاگرافيائي ۽ سياسي واقعن کان علاوه مانيٽري پاليسي ڪميٽي گذريل اجلاس کان پوءِ ٿيندڙ اهم اڳڀرائيءَ تي نظر وڌي پهريان مارچ ۾ مهانگائي وڌي 7.3 سيڪڙو ٿي وئي، جڏهن ته مهانگائي واڌ سان 7.8 سيڪڙو تائين پهچي وئي ٻي تازي سروي ۾ مهانگائي جي اميدن ۽ صارفين ۽ ڪاروباري ادارن جي اعتماد ۾ بگاڙ ڏٺو ويو ٽين مالي سال 2026ع جي پهرين ڇهه ماهي دوران حقيقي ڊي پي جي ۾ 3.8 سيڪڙو اؤسر ٿي، جڏهن ته گذريل سال جي ان مُدي ۾ اها 1.9 سيڪڙو هئي چوٿين جولاءِ کان مارچ جي مالي سال 26ع دوران جاري کاتي ۾ معمولي سرپلس درج ڪيو ويو پنجين قرضن جي خاصي واپسيءَ باوجود اسٽيٽ بئنڪ جي پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا 24 اپريل 2026ع تائين اٽڪل 15.8 ارب ڊالر آهن، جنهن کي يورو بانڊز جي جاري ڪرڻ سان مدد ملي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ڇهن سالن کان وڌيڪ وقفي کان عالمي سيڙپڪار مارڪيٽن ۾ ٻيهر داخل ٿيو آخر ۾ آءِ ايم ايف سان 27 مارچ تي اسٽاف ليول جو معاهدو طئي ٿيو هو ان اڳڀرائيءَ ۽ ايندڙ خطرن جي روشنيءَ ۾ مانيٽري پاليسي ڪميٽي اڄ جي فيصلي کي وچولي مُدي ۾ قيمتن جي استحڪام جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اهم قرار ڏنو ڪميٽيءَ پرڏيهي بفرز ۾ مسلسل واڌ ۽ مالياتي نظم و ضبط جي اهم ڪردار جو ورجاءُ ڪيو انهن قدمن عيوض تازي جاگرافيائي ۽ سياسي تڪرار جي شروعات تي معيشت جي شروعاتي حالت ويجهي ماضيءَ ۾ پيش ايندڙ ان ئي نوعيت جي جهٽڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط رهي مانيٽري پاليسي ڪميٽي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته بدلجندڙ عالمي منظرنامي ۾ پرڏيهي کاتن کي وڌيڪ لچڪدار بڻائڻ ۽ ڄٽادار معاشي اؤسر يقيني بڻائڻ لاءِ بناوتي سڌارا اڻٽر آهن. مالي سال 2026ع جي ٻي ٽه ماهي ۾ جي ڊي پي جي حقيقي اؤسر عارضي طور تي 3.9 سيڪڙو درج ٿي جنهن کان پوءِ مالي سال جي پهرين ڇهه ماهيءَ جي مجموعي اؤسر 3.8 سيڪڙو رهي، جيڪا گذريل سال جي ساڳئي مُدي جي ڀيٽ ۾ اقتصادي سرگرمين ۾ وسيع بنياد واري بهتري جي عڪاسي ڪري ٿي ڪي وڏي پيماني تي شيون ٺاهڻ جي ڪارڪردگي عمدي رهي ۽ جولاءِ کان فيبروري مالي سال 2026ع دوران ان ۾ 5.9 سيڪڙو اؤسر ٿي صنعتن ۽ خدمتن جي شعبي جي بلند انگ اکر فيبروريءَ تائين اقتصادي سرگرمين ۾ مستحڪم تحرڪ ڏيکاري رهيا هئا جڏهن ته مارچ ۾ ان ۾ اعتدال جون ڪجهه علامتون ظاهر ٿيون زراعت ۾ اؤسر جا امڪان معمولي وچولي درجي جا رهيا جنهن جو بنيادي سبب اهو آهي ته زراعت تي وفاقي ڪميٽي پنهنجي پهرين ڪاٿي ۾ ڪڻڪ جي جيڪا امڪاني پيداوار ٻڌائي هئي، حقيقي پيداوار ان کان گهٽ ٿي ان ڳالهه کان علاوه وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جيڪي متوقع اثر چوٿين ٽه ماهي ۾ صنعت ۽ خدمتن جي شعبن جي سرگرمي ۾ پوندا، ان جي نتيجي ۾ خدشو آهي ته مالي سال 2026ع ۾ جي ڊي پي جي حقيقي اؤسر اڳوڻي ڪاٿي جي هيٺين سطح جي ويجهو رهندي مالي سال 2027ع ۾ اقتصادي سرگرمين ۾ توازن جاري رهڻ جو امڪان آهي جيتوڻيڪ هي منظرنامو ڪيترن ئي خطرن تي ٻڌل آهي جن ۾ جاري تڪرارن جو مدو ۽ ان جي شدت به شامل آهي فيبروري ۽ مارچ ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ لڳاتار سرپلس رهڻ جي نتيجي ۾ جولاءِ کان مارچ مالي سال 2026ع دوران مجموعي طور تي جاري کاتي ۾ معمولي سرپلس حاصل ٿيو ان کاتي جي اهم معاونت پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي پرڏيهه مان اماڻيل مستحڪم ناڻي مان ملي جيتوڻيڪ ڏکيائين پرڏيهي حالتن خاص ڪري واپار جي تناسب جي خاص بگاڙ باوجود مالي سال 2026ع ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ اڳوڻي گمان ڪيل حل جي هيٺين سطح جي ويجهو رهڻ جو امڪان آهي فنانسنگ جي لحاظ کان حڪومت واڌو ٻه طرفي سمجهوتن ۽ يورو بانڊز جاري ڪري پرڏيهي فنانسنگ فعال طور سان حاصل ڪئي جنهن سان قرضن ۽ بقايائن جي هاڻوڪي واپسيءَ جو اسٽيٽ بئنڪ جي پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن تي اثر جذب ڪرڻ ۾ مدد ملي ان سلسلي ۾ جون 2026ع تائين اسٽيٽ بئنڪ جي پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 18 ارب ڊالرن کان وڌيڪ رهڻ جو ڪاٿو آهي ڪميٽيءَ عالمي معاشي حالتن ۾ بي يقيني کي نظر ۾ رکندي پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڀريو بيان موجب مارچ دوران ايف بي آر جو ٽيڪس وصولي هدف کان گهٽ رهيو جنهن جي نتيجي ۾ جولاءِ کان مارچ مالي سال 2026ع دوران مجموعي کوٽ وڌي 611 ارب رپين تائين پهچي وئي ان قطع نظر مالڪاري بابت ڪاٿا ظاهر ڪن ٿا ته مارچ تائين مالياتي خسارو محدود رهيو جڏهن ته وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار مالياتي نظم و نسق کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو تيل جي عالمي مارڪيٽ ۾ وڌندڙ قيمتن جو بار ملڪي صارفين تائين منتقل هئڻ سبب ڪمزور طبقن لاءِ هدفي پئسي جي مدد جي فراهمي ضروري ٿي وئي سڄي سال جي بنيادي سرپلس هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ خرچن ۾ وڌيڪ ڪٽوتي جي ضرورت پئجي سگهي ٿي ان سلسلي ۾ مانيٽري پاليسي ڪميٽي ڄٽادار مالياتي سڌارن جي ضرورت تي زور ڀريو جن ۾ ٽيڪس ڏيندڙن جو انگ وڌائڻ ۽ سرڪاري ادارن (ايس او ايز) جي خسارن ۾ گهٽتائي آڻڻ شامل آهي ته جيئن مالياتي پائيداري ۽ استحڪام کي مضبوط بڻائي سگهجي ٿي

بقايا 29 مظاهرو

ڪراچي جي طرفان سرجاني ٽائون ڪراچي ۾ ڊيوٽي دوران گٽر ۾ ڪري فوت ٿيل ٽن نوجوان مسيحي ورڪرن جي موت خلاف پريس ڪلب اڳيان زبردست احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي ورڪرز سوليڊيرٽي فيڊريشن جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل وليم صادق، سفينه جاويد، نعيم صادق ۽ ٻين ڪئي. مظاهرين گٽر جي صفائي دوران ٻڏي فوت ٿيل وليم مسيح، نصير مسيح ۽ وقاص خالد جي اوچتي موت تي شهري حڪومت ۽ انتظاميه جي نااهلي خلاف، ۽ ڪين گهربل مشينري ۽ حفاظتي اوزارن کان سواءِ گٽر ۾ لاهڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي. هنن مطالبو ڪيو ته ڪن قتلن جو ڪيس داخل ڪري ملوث آفيسرن ۽ اهلڪارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي ۽ فوت ٿيل ورڪرن جي گهرڀاتين وارثن بيواهه عورتن ۽ يتيم ٻارن جي ڪفالت ڪئي وڃي ۽ کين معاوضو ڏنو وڃي. ان موقعي تي خطاب ڪندي وليم صادق، سفينه جاويد، نعيم صادق، زاهد فاروق، ايڊووڪيٽ جينيفر اسٽيفن ايڊووڪيٽ صفيه قادر جينيفر راحيل ۽ ناصر مسيوشيل چيو ته اڃا تائين انتظاميه جو ڪو به نمائندو همدردي ظاهر ڪرڻ لاءِ متاثر خاندانن وٽ ناهي آيو جيڪو افسوسناڪ عمل آهي. هنن چيو ته جڏهن ڪو معصوم بار ڪليل مين هول ۾ ڪري پوي ٿو ته سڄي انتظاميه ۽ ٽرئلو مجي رهي ٿي پر هتي ٽن نوجوانن جون جانيون هليون ويون ۽ ڪنهن تي جوں تائين نه چري. هنن چيو ته جيڪڏهن انصاف نه مليو ته احتجاج ڪرڻ سان گڏ عدالت جو در پڻ کڙڪائينداسين. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مجبور ڪيو ويو ته صفائي ڪندڙ ورڪر هڙتال ڪندا ۽ ان جي ذميواري انتظاميه ۽ شهري حڪومت تي عائد ٿيندي.

بقايا 30 گورنر

سنجيدگي سان غور ڪيو پيو وڃي پرڏيهي سيڪريٽري موجب، لاڳاپيل سفارتخانو يرغمالين جي آزادي لاءِ مڪمل ڪوششون ڪري رهيا آهيون اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ ڪيو ان موقعي تي قزاقن پاران يرغمال بڻايل پاڪستانين جا خاندان پڻ موجود هئا. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت هر ڏک ۾ متاثر خاندانن سان گڏ آهي. گورنر سنڌ فوري طور تي يرغمالين جي خاندانن سان رابطو ڪيو انهن جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو چيو ته يرغمالي انهن جي گهرڻ سان رابطي ۾ آهن جڏهن ته صوماليا ۾ قزاقن پاران قيد پاڪستاني يرغمالين کي

آزاد ڪرائڻ لاءِ هر سطح تي ڪوششون جاري آهن ان سلسلي ۾ يرغماليـن جي بازيابي بابت يورپي يونين سان به ڳالهيون جاري آهن هن چيو ته اغوا ٿيل جهاز صوماليا جو آهي ۽ جهاز جي ڪپتان سان رابطو آهي اهو واقعو پاڪستاني علائقائي پاڻين کان ٻاهر پيش آيو جنهن ڪري پيچيدگيون آهن هن چيو ته وفاقي حڪومت متاثر خاندانن کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي اغوا ٿيلن جي خاندانن چيو ته اهي گورنر سنڌ جا شڪرگذار آهن ته هن معاملي تي فوري طور تي وفاقي وزير شپنگ ۽ پرڏيهي سيڪريٽري سان رابطو ڪيو گورنر سنڌ جي يقين ڏيارڻ اسان کي اميد ڏني آهي ته اسان جا پيارا جلد اسان وٽ هوندا اسان حڪومت جي تعاون ۽ ڌيان جا به شڪرگذار آهيون اسان کي يقين آهي ته اسان جي آواز ٻڌي پئي وڃي ۽ مثبت پيش رفت ٿيندي اسان پنهنجن پيارن جي محفوظ واپسي لاءِ دعاگو آهيون. پريس ڪانفرنس جي آخر ۾ سنڌ جي گورنر صحافين سان گڏ پريس سيڪريٽري فيصل ظفر فاروقي جي ماءُ جي روح جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي. ياد رهي ته پريس سيڪريٽري جي ماءُ 20 اپريل تي انتقال ٿيو ۽ سنڌ جي گورنر پڻ سندس جنازي ۾ شرڪت ڪئي هئي. مرحومه جو ڪيجهو 22 اپريل تي سندس گهر ۾ منعقد ڪيو جنهن ۾ صحافي برادري ۽ شهر جي بزرگن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 31 علي احمد ڪرد

انعقاد ڪيو جنهن ۾ عدليه جي آزادي، 26 ۽ 27 ترميم جهڙن جون بدليون، انساني حقن جي ڀڃڪڙي، بدامني ۽ ماورائي عدالتي قتل، ڪارپوريٽ فارمنگ، پيڪا ايڪٽ ۽ ڪارونجهر جا مسئلا ڪنوينشن جا موضوع شامل آهن ڪنوينشن ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدر حسيب جمالي، فريده، سينيئر قانوندان علي احمد ڪرد، منير احمد ملڪ، بابر مرتضيٰ خان، عابد زبيري، سلمان اڪرم راجه، عرفان حيات باجوه، صلاح الدين احمد، اشتياق اي خان، راجه جواد اقبال، ارشد مجيد کوکر، رانا ضياءُ عبدالرحمان، شفقت محمود چوهان، شهاب سرڪي، اختر حسين، حق نواز ڪالير، غلام شاهه بخاري، رشيد راجڙ ۽ مير مگريو سميت ٻيا وڪيل شامل آهن. اڳوڻي لاهور هاءِڪورٽ جي صدر رانا ضياءُ عبدالرحمان چيو ته اسان کي اڄ ڪهڙي قسم جي ترميمن بابت ڳالهائڻو پوندو جيڪي اچي رهيون آهن سياسي پارٽين جا پنهنجا موقف آهن، اسان کي هن ملڪ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي هن چيو ته هي ملڪ به هڪ وڪيل ٺاهيو هو پهريون آئين به ذوالفقار علي ڀٽو ڏنو هو جيڪو هڪ وڪيل هو اسان مان جيڪو به جج بڻجي ٿو ان جا مفاد بدلجي وڃن ٿا اڄ ماڻهو وڪيلن ڏانهن ڏسي رهيا آهن هي منهنجو مسئلو ناهي اهو توهان جو مسئلو آهي اهو اسان جي ايندڙ نسلن جو مسئلو آهي اسان کي ماضي وانگر متحد ٿيڻو پوندو سنڌ جي زمين انقلاب جي زمين آهي اڄ به لاهور جي ڪسان هال ۾ جي ايم سيد جهڙن مفڪرن جون تصويرون لڳل آهن سپريم ڪورٽ بار جو اڳوڻو سيڪريٽري چيو ته راجه جواد اقبال چيو ته اسان چئون ٿا ته قانون جي حڪمراني عدليه جي آزادي جو نالو ناهي. اسان کي قانون سازي بابت به ڳالهائڻو آهي اهي چون ٿا ته پارليامينٽ سپريم آهي قانون به سپريم آهي ڇا هن پارليامينٽ کي عوام جي حمايت حاصل ڪرڻ جو مينڊيٽ آهي قانون به غير قانوني آهي پارليامينٽ به غير قانوني آهي جيڪڏهن ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني هوندي ته پوءِ عدليه آزاد هوندي.

اهي ڳالهيون ان ڪري چيون ويون آهن جو قانون جي حڪمراني هوندي.

بقايا 32 جمع

مطالبو ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي پارلياماني ليڊر شبير قريشي ٻين صوبائي اسيمبلي ميمبرن سان گڏجي سنڌ اسيمبلي ۾ هڪ اهم قرارداد جمع ڪرائي آهي هن موقعي تي ريحان بندوڪڙا، سجاد علي سومرو، ساجد ميس، واجد حسين چوڌري، آريس ۽ بلال جدون پڻ ساڻس گڏ موجود هئا. قرارداد 25 اپريل تي پي ٽي آءِ جي يوم تاسيس جي حوالي سان پيش ڪئي وئي، جتي جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد ۽ ٻين ايم پي ايز گڏجي ڪيڪ به ڪاٽيو. قرارداد ۾ عدليه جي مڪمل آزادي کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا 33 گرفتار

(سنڌ) ڳجهي جاچ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي لياري مان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث قادرو گروهه سان واسطو رکندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن ۾ غلام قادر ولد علي شيرانيءَ حارث نواز عرف گولڊن ولد حق نواز بلوچ ۽ لاريب ولد محمد انور شامل آهن. ترجمان سنڌ رينجرز موجب جوابدارن وٽان 5 موبائل فون، روڪ رقم ۽ وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ 2 موٽرسائيڪلون برآمد ڪيون ويون آهن. شروعاتي جاچ دوران انڪشاف ٿيو آهي ته جوابدار پنهنجن ساٿين سان گڏجي ڪراچي جي مختلف علائقن جهڙوڪ لياري، گارڊن، سي ويو، آءِ آءِ چندريگر روڊ ۽ مليرم ۾ ڦر، اسٽريٽ ڪرائم، غير قانوني هٿيارن جي خريد ۽ وڪري ۽ شهرين کان موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. مرڪزي جوابدار غلام قادر جاچ دوران اعتراف ڪيو آهي ته هو پنهنجي ساٿين سان گڏجي لڳ ڀڳ 70 کان 80 موٽرسائيڪلون ۽ 230 کان 250 موبائل فون شهرين کان ڦري چڪو آهي، جن کي وڪرو ڪري 30 کان 35 لک رپيا حاصل ڪيا ويا.

بقايا 34 زخمي

زخمي ٿي پيا. فوتي جي سڃاڻپ ڪانجي پٽ پونيو ڪولهي طور ٿي جڏهن ته زخمين ۾ راجو لال چند، پريمي، ڌرمي، سومس سلو قمبو سورج، پريم ڪاجل آشوري، جمنا سومجي، پوجا، جنتا، لڇمي ۽ ٻيا شامل آهن

بقايا 35 منظوري

ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو اي سي سي اجلاس ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا، جن جو مقصد معيشت ۾ استحڪام عوامي رليف ۽ مختلف شعبن جي بهتري آهي. ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح گهٽجڻ ۽ اگهن ۾ استحڪام تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 36 تعزيت

ڪراچي ۾ اڳوڻي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي ۽ سندس والده جي وفات تي گهري رنج ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. صوبائي وزير مرحومه جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي ۽ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحومه کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

بقايا 37 زخمي

ورڪشاپ ويندڙ پي ٽي سي ايل ورڪشاپ جي انچارج حميد شورو کي زور دار ٽڪر هنيو جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي مان حيدرآباد اسپتال روانو ڪيو ويو آهي.

بقايا 38 ترقي

ترقيون ڏئي اڪائونٽس آفيسر مقرر ڪيو آهي ترقيون ماڻيندڙن ۾ بشير احمد هاليپوٽو، اشرف علي، قطب علي شاهه، عبدالستار دل، ونود ڪمار، نويد احمد انڙ، شاهنواز ٻوڪ، غلام مرتضيٰ، حامد علي ابڙو، جميل احمد لغاري، ذيشان احمد، ڪپيل ڪمار، عادل ميمڻ، محمد محسن، بشير احمد، ذوالفقار علي، رفيق گبول، رفيق احمد، عرفان علي شاهه، ارشاد سري، شاهد علي، محمد رفيق، جنيد علي سميت 28 اسسٽنٽ اڪائونٽس آفيسرن کي ترقي ڏئي اڪائونٽس آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 39 مظاهرو

همت گاڏينجو ٻارن سميت ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪوٽڙي اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي پٽ جي قتل ۾ ملوث جوابدار سڃاتون ٿا ايف آءِ آر ۾ سندن نالا ڏيڻ جي باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري

بقايا 40 سردار عبدالرحيم

برداشت نه ڪئي ويندي هن واضح ڪيو ته فنڪشنل ليگ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ هر سطح تي مؤثر آواز اٿاريندي هن اها ڳالهه فنڪشنل ليگ هائوس ڪلفٽن ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي ڊويزن جي پهرين اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي. اجلاس ۾ ڪراچي ڊويزن جي صدر انور عظيم ايڊووڪيٽ، نعيم سجاد، جمشيد خان، افضال صديقي، طارق فريد سلاوٽ، بشير لاڙڪ، فهد عظيم، اسامه جعفري، جاويد حسين، عمران عباس جيلاني، برڪت بلوچ، محمد انس، نويد اسلم، سيد وقار عظيم ڪنور وجاهت علي سميت ٻين عهديدارن شرڪت ڪئي. سردار عبدالرحيم چيو ته پير صاحب پاڳاري جي فلسفي "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" کي عملي شڪل ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ ان مقصد لاءِ فوري طور تي ڀرپور عوامي رابطي مهم شروع ڪئي ويندي ته جيئن پارٽي جو پيغام گهر گهر پهچائي سگهجي.

بقايا 41 ڌرڻو

موقعي تي اڳواڻن چيو ته هو گذريل 20 سالن کان ڊيلي ويجز تي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن پر اڃا تائين کين مستقل نه ڪيو ويو آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي مظاهري ڪندڙن موجب آن فارم واٽر مينيجمينٽ جي لوئر اسٽاف کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته کاتي جي ٻين ملازمن کي وقت بوقت رعايتون ۽ مستقل ڪرڻ جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن

بقايا 42 اسپتال داخل

شده عورت زرينه ۽ ڳوٺ پيرو فقير شورو ۾ 50 سالا سلمه زال عبدالخالق گهرو مسئلن سبب ڌار ڌار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

بقايا 43 زخمي

قاسم چوڪ وٽ تيز رفتار ڪار بجلي جي پول سان ٽڪرائجي وئي جنهن سبب سکر واسي 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 44 حڪم

۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي جج جسٽس علي حيدر ادا جي عدالت ايس ايڇ او محرابپور اشفاق شر جي داخل ڪيل اپيل کي رد ڪندي ايڊيشنل سيشن جج ڪنڊيارو جو فيصلو برقرار رکندي ايس ايس پي نوشهروفيروز کي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي 4 مئي تي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج،
قمبر-شهدادڪوٽ

NIT No. Proc/306 of 2026,
Kamber, Dated: 20/04/2026

فون نمبر: 074-9411200
اي ميل: djshahdadkot@sindhhighcourt.gov.pk

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

لاڳاپيل ٽيڪس ۽ ريگيوليٽري اختيارين سان رجسٽرڊ ٿيل دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن، سپلائرز ۽ فرمز کان SPPRA جي e-PADS پورٽل ذريعي، هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت، هيٺ ڏنل سامان/پروجيڪٽس لاءِ مهربند (اليڪٽرانڪ طور انڪرپٽ ٿيل) آڇون گهرائجن ٿيون.

ٽينڊرن جي جاري ٿيڻ، وصول ڪرڻ ۽ کلڻ جو پروگرام:

شمار نمبر	تفصيل	ڪر جي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾		هنڌ
		پهريون پيرو	ٻيو پيرو	
01	واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت	12-05-2026 صبح 11:00 وڳي	26-05-2026 صبح 11:00 وڳي	آفيس آف دي سينيئر سول اينڊ اسسٽنٽ سيشن جج، قمبر
02	واڪ کلڻ جي تاريخ ۽ وقت	12-05-2026 صبح 11:30 وڳي	26-05-2026 صبح 11:30 وڳي	

خريداري/پروجيڪٽس جي فهرست

نمبر شمار	اسڪيم/پروجيڪٽ جو نالو	ڪُل رقم (ملين رپين ۾)	بڊ سيڪيورٽي (تقريبن 3%)	ٽينڊر في (رپين ۾)	مڪمل ڪرڻ جو وقت
1.	جوڊيشل هيڊ ڪوارٽرز قمبر ۽ جوڊيشل ڪمپليڪس شهدادڪوٽ، ضلعو قمبر-شهدادڪوٽ ۾ 6kW جا 02 سولر پاور سسٽم سپلاءِ ۽ انسٽال ڪرڻ.	2.89 M	86,000/- رپيا	2,500/-	25 ڏينهن
2.	ضلعو قمبر-شهدادڪوٽ جي تعلقي عدالتن ۾ 04 اِي-لائبريرين جو قيام.	4.79 M	144,000/- رپيا	3,000/-	25 ڏينهن
3.	ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن قمبر ۾ هڪ اِي-لائبريري جو قيام.	1.11 M	33,500/- رپيا	1,500/-	25 ڏينهن

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا SPPRA جي ePADS پورٽل https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان آن لائن حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. بڊ سيڪيورٽي (ناقابل واپسي) ۽ ٽينڊر في (واپس نه ٿيندڙ) جيڪا هر اسڪيم جي سامهون ڏنل جدول ۾ ڏنل آهي، اها پي آرڊر/ ڊماند ڊرافٽ جي شڪل ۾، ضلعي ۽ سيشن جج، قمبر-شهدادڪوٽ لاءِ انصاف تائين رسائي جي ترقياتي فنڊ جي نالي تي جاري ٿيل هجي، جنهن جو اڪائونٽ نمبر 4515304599 ۽ آءِ بين (IBAN) نمبر PK38NBPA0017004515304599 آهي. هي آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
3. ٽينڊر صبح جو 11:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران، سينيئر سول جج/اسسٽنٽ سيشن جج، قمبر جي آفيس ۾، ٺيڪيدارن يا سندن بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾، جيڪي کولڻ وقت اتي موجود هوندا کوليو ويندو
4. ڪو به شرط جيڪو هتي بيان ٿيل ناهي يا رهجي ويو آهي، ان جو فيصلو چيئرپرسن، ڊسٽرڪٽ ڊولپمينٽ ڪميٽي، قمبر شهدادڪوٽ جي صوابديد مطابق ڪيو ويندو.
5. جيڪڏهن سرڪاري موڪل يا قدرتي آفت اچي وڃي يا پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو ميمبر هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجي، ته آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليون وينديون.
6. اها آڇ قبول ڪئي ويندي جنهن جي قيمت سڀ کان گهٽ يا جنهن جو تخمينو بهترين هوندو.
7. ترسيل ورڪ آرڊر/پرچيز آرڊر ملڻ جي تاريخ کان مقرر ڪيل عرصي جي اندر ڪرڻي پوندي.
8. اهي ڪوٽيشنون جيڪي گهربل وضاحتن سان نه ملنديون ۽/يا مٿي بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن تي پوريون نه لهنديون، انهن تي غور نه ڪيو ويندو
9. ڪو به مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو
10. حصو وٺندڙن لاءِ اهليت جا شرط هيٺ ڏجن ٿا:
    - i. فرم جو فيڊرل بورڊ آف ريونيو (انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس لاءِ) ۽ سنڌ ريونيو بورڊ (سيلز ٽيڪس آن ورڪس اينڊ سروسز لاءِ) وٽ رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي، جتي لاڳو هجي.
    - ii. لاڳاپيل اليڪٽرڪ انسپيڪٽريٽ پاران جاري ڪيل صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
    - iii. صحيح ۽ فعال اين ٽي اين پروفائيل ۽ شناختي ڪارڊ جي ڪاپي.
    - iv. هڪ حلفي بيان ته فرم/ٺيڪيدار ڪنهن به اداري پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
    - v. هڪ حلفي بيان ته فراهم ڪيل سڀئي دستاويز/تفصيل/ڄاڻ مڪمل طور تي سچي ۽ درست آهي.
    - vi. فرم جي صورت ۾، پارٽنرز جي لسٽ/پارٽنرشپ ڊيڊ، ڊائريڪٽرز/پروپرائيٽرز جا مڪمل تفصيل يا ٻيا لاڳاپيل ماڻهو بشمول پاور آف اٽارني، جيڪڏهن اڪيلو مالڪ هجي ته اهڙو حلفي بيان فراهم ڪيو وڃي.
    - vii. مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
    - viii. گهٽ ۾ گهٽ ٽن (03) سالن جي گذريل تجربي جا تفصيل.
    - ix. ٽن (03) سالن جو ڪاروباري ٽرن اوور.
    - x. فرم/ٺيڪيدار جي گذريل 03 سالن جي بئنڪ فائيننشل اسٽيٽمينٽ گهربل آهي.
    - xi. خدمتن تي سيلز ٽيڪس "سنڌ سيلز ٽيڪس اسپيشل پروسيجر (وٽ هولڊنگ) رولز، 2014" تحت ڪٽيو ويندو.
    - xii. ٺيڪيدار وٽ اهڙي قسم جي اليڪٽريڪل ۽ آءِ ٽي (I.T) شين جي انسٽاليشن ۽ فڪسنگ جو تجربو هجڻ گهرجي. جنهن لاءِ دستاويزي ثبوت/ ڪم مڪمل ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ يا ڪم جاري هجڻ جو ثبوت هجي.
    - xiii. عام معلومات ۽ سوالن لاءِ، مسٽر سيف الله کوسو، ڊيٽا پروسيسنگ اسسٽنٽ سان رابطو ڪريو، فون نمبر: 0307-2877281، 074-9411200.
    - xiv. پروڪيورنگ ايجنسي کي حق حاصل آهي ته اها SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) تحت ڪنهن به يا سڀني آڇن/ پروپوزلز کي بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي قبول يا رد ڪري سگهي ٿي.

نوٽ:

1. آئيٽم وائيز آڇون (1_3 لاءِ) الڳ الڳ جمع ڪرائيون پونديون.
2. مٿين ٽينڊر جا واڪ دستاويز SPPRA جي ePADS پورٽل تي الڳ سان اپ لوڊ ڪيا ويا آهن.

(محمد سليم اعوان)
چيئرپرسن، پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ، قمبر.

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1633/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ وڌندڙ سماجي الميا، انصاف، تحفظ ۽ انساني وقار جو سوال
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
گولي، گراف ۽ گمان جي وچ ۾ - خاموشيءَ جو وزن
صفحو 4

'اڪ ستم اور مر جا، ابهه جا باق'
مير اعظم علي ٽالپر
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن - 28 اپريل
صفحو 4

بداڻي ٽاڻي جي حد ۾ سماجي برايون ڇوٽ ڇڙهيل، منشيات جو سرعام وڪرو، جوا جا اڏا قائم

منشيات جي سرعام وڪري ۽ جوا جي اڏن هلڻ سبب نوجوان نسل تباهه. پوليس صرف مال ميڙڻ ۾ رڌل

مين پڙي، پنگ، آفيم، چرس آئيس زهريلو ڪچو شراب سرعام وڪرو ٿيڻ لڳو، نوجوان عادي موالي بڻجي ويا

نوٽيس وٺي اچي ڪاري جو مالڪ بڻيل ايس ايڇ او ۽ منشي کي هٽايو وڃي ۽ سماجي براين تي ضابطو آندو وڃي: رهواسي

مسوبرگڙي (ن ع) مسوبرگڙي پرسان بداڻي ٽاڻي جي حد ۾ سماجي برايون زور وٺي ويون.منشيات جو وڪرو عام جوا جا اڏا قائم پوليس مال ميڙڻ ۾ رڌل.اسڪولي ٻارن سميت نوجوان نسل برباد ٿيڻ لڳو اختياريون خاموش تماشائي بڻيل بداڻي ٽاڻي جي ڳوٺ غلام مرتضا بداڻي طالب مولا ڪالوني، يار محمد ڪلهوڙو، همويوتا سميت ٻين ڳوٺن مين پڙي، پنگ، آفيم، چرس آئيس زهريلو ڪچو شراب سرعام وڪرو ٿيڻ لڳو علائقي ۾ شام ٿيندي ئي ڪچي شراب جا عادي روڊن تي نظر اچڻ لڳا شريف رهواسين سان موالين جو جهيڙو روز جو معمول بڻجي ويو.پوليس هفتي عيوض خاموش بڻيل آهي ڳوٺ طالب مولا ڪالوني ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ اسنوڪر تي جوا سرعام هلندڙ نوجوان توڙي اسڪولي ٻار اسنوڪر تي جوا جا عادي بڻجي ويا ٽاڻي جي مختلف هنڌن تي تاس جوا به زور وٺي وئي جوا سبب چورن ڦورن جي وارداتن ۾ پڻ اضافو ٿيڻ لڳو هتان جي ساڃاهه وندن ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي اچي ڪاري جو مالڪ بڻيل ايس ايڇ او ۽ منشي کي هٽايو وڃي ۽ سماجي براين تي ضابطو آندو وڃي.

شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي جي سخت کوٽ، داروغي جي جاءِ تي آبدار اچي ڪاري جو مالڪ بڻيل

ميرواهه ڪئنال مان نڪرندڙ شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي جي سخت کوٽ سبب فصلن جي پوکائي نه ٿي سگهي

شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري سنڌين فصلن جي وقت سر پوکائي نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب معاشي نقصان جو خدشو آهي: آبادگار

آبدار منير بروهي مبينا طور منڊ جي آبادگارن کي پئسن عيوض پاڻي وڪرو ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري پڇڙي ڏانهن پاڻي نٿو پهچي سگهي

ٺري ميرواهه (ن ع) ميرواهه ڪئنال مان نڪرندڙ شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي جي سخت کوٽ سبب فصلن جي پوکائي وقت سر نه ٿي سگهي جنهن سبب پڇڙي جا آبادگار سخت پريشان آهن پڇڙي جي آبادگارن غلام حيدر ڏاليو، صدرالدين خواجه، واحد حسين قاضي ساجد حسين ڏاليو ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري سنڌين فصلن جي وقت سر پوکائي نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب معاشي نقصان جو خدشو آهي متاثر آبادگارن الزام لڳايو آهي ته واهه جو آبدار منير بروهي مبينا طور منڊ جي آبادگارن کي پئسن عيوض پاڻي وڪرو ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري پڇڙي ڏانهن پاڻي نٿو پهچي سگهي هتن چيو ته پاڻي جي غير منصفاڻي ورهاست سبب هيٺاهين علائقن جا آبادگار مڪمل طور نظرانداز ٿي رهيا آهن عملدارن کي شڪايتون ڪرڻ باوجود اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي آبادگارن وڌيڪ ٻڌايو ته شاهنواز واهه تي داروغي جاءِ تي آبدار منير بروهي کي غيرقانوني ۽ رشوت عيوض ڪيس مقرر ڪيو ويو آهي جنهن شاهنواز واهه کي سوني جهرڪي سمجهي ڦرلٽ جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي آبادگارن مقامي ڪاتيدارن آبپاشي کاتي جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته فوري نوٽيس وٺي شاهنواز واهه جي پڇڙي تائين پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن فصلن جي وقت پوکائي ٿي سگهي ۽ معاشي طور نقصان کان بچي سگهون.

مٽياري ضلعي جي 112 ديهن مان 65 ديهن تي ري رائٽنگ جو ڪم تيزي سان جاري

بورڊ آف روينيو سنڌ جي سينيئر ميمبر سيد خالد حيدر شاهه کي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري پاران بريفنگ

سنڌ عوام کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ آسان سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي: خالد حيدر شاهه

ڪاتيدار ڪنهن جو به محتاج نه هوندو صرف گورنمينٽ جي مقرر ڪيل فيس ۽ ٽيڪس آنلائن ڀرڻ کان پوءِ ملڪيت جي خريد ۽ فروخت با آساني ڪري سگهندو

مٽياري: روينيو ريڪارڊ ڊجيٽلائيزيشن بابت بورڊ آف روينيو سنڌ جي ميمبر سيد خالد حيدر شاهه کي ڊي سي بريفنگ ڏيندي

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ضلعي ۾ روينيو ريڪارڊ لکت ۽ ڊجيٽلائيزيشن بابت بورڊ آف روينيو سنڌ جي سينيئر ميمبر سيد خالد حيدر شاهه کي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري پاران بريفنگ، مٽياري ضلعي ۾ پائلٽ طور ڪنيل ٻه ديهن مٽياري ۽ پليجاڻي جي مڪمل ڦيل ري رائٽنگ، ڊجيٽلائيزيشن ۽ اي ٽرانزيڪشن بابت تعلقي مٽياري آفيس ۽ پيپلز سروس سينٽر جي دوري بعد ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ڊجيٽل ڪانفرنس هال ۾ سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو خالد حيدر شاهه ميمبر بورڊ سيف الله ابڙو ۽ ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي کي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف پاران بريفنگ، تعلقن جي ڊٽيل ريورٽ مطابق ضلعي مٽياري ۾ چار ديهن جو رڪارڊ مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ضلعي جي 112 ديهن مان 65 ديهن تي ري رائٽنگ جو ڪم تيزي سان هلي رهيو آهي. سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو چيو ته حڪومت سنڌ عوام کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ آسان سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي جنهن تحت ڊجيٽل پليٽ فارم تي ڪاتيدارن جا پراپرٽي ڪارڊ سسٽم جو آغاز هڪ اهم سنگ ميل آهي. هتن چيو ته هن سسٽم سان ملڪيت جي منتقلي جو پراڻو ۽ پيچيده عمل انتهائي آسان تيز ۽ محفوظ بڻجي ويندو جنهن سان ڪرپشن ۽ غير قانوني طريقن جي حوصلا شڪني ٿيندي. ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي چيو ته هي نظام نه رڳو مٽياري ۾ سڄي سنڌ ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي جيئن ملڪيت سان لاڳاپيل معاملن ۾ شفافيت ۽ سادگي آڻي سگهجي. مٽياري ضلعي جي سڄي ٽيم سنڌ صوبي جي لاءِ هڪ بهترين مثالي ڪم ڪيو آهي. سيف الله ابڙو ميمبر بورڊ آف روينيو چيو ته ڪاتيدار ڪنهن جو به محتاج نه هوندو صرف گورنمينٽ جي مقرر ڪيل فيس ۽ ٽيڪس آنلائن ڀرڻ کان پوءِ ملڪيت جي خريد ۽ فروخت با آساني ڪري سگهندو. ان موقعي تي ٻين آفيسرن پڻ هن قدم کي عوام دوست قرار ڏيندي ان جي واکاڻ ڪئي. سيڪريٽري بورڊ آف روينيو محبوب سيال چيو ته هاڻي خريد ڪندڙ ۽ وڪرو ڪندڙ ٻئي آنلائن هڪ ٻئي هنڌ، ٻن شاهدن جي موجودگي ۾ آساني سان پيپلز سروس سينٽر اچي ڊجيٽل ايپليڪيشن سان پنهنجي ملڪيت يا ڪاتي جي منتقلي ڪرائي سگهن ٿا، جنهن سان وقت ۽ وسيلن جي وڏي بچت ٿيندي. سڪر آءِ بي اي جي ماهرن وڌيڪ وضاحت ڪئي ته جنهن شخص جي نالي تي ڪاتو رجسٽرڊ آهي اهو پراپرٽي ڪارڊ جاري ٿيڻ کان پوءِ جڏهن به خريد ۽ فروخت ڪندو هن جو پراپرٽي ڪارڊ پاڻ مرادو سسٽم اپڊيٽ ڪري ڇڏيندو بورڊ آف روينيو سنڌ ۽ سڪر آءِ بي اي جي ٿيل معاهدي تحت جيڪو عوام کي بهتر سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ سسٽم جوڙيو ويو آهي ان کي ڪير به ڇيڙي نه ٿو سگهي ڇاڪاڻ ته اهو بلاڪ چين ٽيڪنالاجي جي پليٽ فارم تي آهي تقريب ۾ ڊائريڪٽر اي اينڊ نجيب جمالي ڊائريڪٽر سيٽلمينٽ اينڊ سروي عبدالستار هڪڙو سميت ٻين بورڊ آف روينيو آفيسرن ۽ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون وقاص ملوڪ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو اقراءِ جتئي، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبد الستار شيخ، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر اسسٽنٽ ڪمشنر سعيد آباد عبدالشڪور سولنگي پڻ شرڪت ڪئي. اختتامي طور تي سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ ٻڌايو ته جلد هن سسٽم جو تفصيلي ڊيمو ڪراچي ۾ چيف منسٽر صاحب ۽ پڻ چيف سيڪريٽري کي پيش ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ان جو باقاعده افتتاح ڪيو ويندو.

سڪرنڊ شهر ۾ صفائيءَ جي ناقص انتظام ۽ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ خلاف احتجاج

سڪرنڊ بچايو تحريڪ جي اڳواڻن ايوب ڪوسو جي قيادت ۾ ٽن ڏينهن واري بک هڙتالي ڪئمپ قائم

گٽرن جو پاڻي اٿلي روڊن رستن تي نڪري اچڻ سبب اچ وڃ جا گس بند آهن. اسٽريٽ لائٽ مڪمل طور خراب ٿي ويون آهن: اڳواڻ

شهر اندر صفائي سترائي جو نظام انتهائي خراب آهي هر گهٽيءَ ۾ ڪچري جا ڍير لڳا پيا آهن. ڊسپوزل پڻ خراب حالت ۾ آهن

سڪرنڊ: شهر ۾ صفائيءَ جي ناقص انتظام ۽ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر ۾ صفائيءَ جي ناقص انتظام ۽ اسٽريٽ لائيٽ خراب هجڻ سميت اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ خلاف سڪرنڊ بچايو تحريڪ جي اڳواڻن ايوب ڪوسو علي رحمان، شوڪت پاٺوڃو وارث نوناري، مشتاق ماڇوٺي قدير لغاري، نثار پرهياڙ فهد مغل فيض ڪيريو شوڪت ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي لڳل ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي مين گيٽ اڳيان ٽن ڏينهن واري بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن جي پهرين ڏينهن معين اڳواڻن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته گٽرن جو پاڻي اٿلي روڊن رستن تي نڪري اچڻ سبب اچ وڃ جا گس بند آهن جڏهن ته اسٽريٽ لائٽ مڪمل طور خراب ٿي ويون آهن جيڪي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان لڳايون ويون هيون هتن وڌيڪ چيو ته شهر اندر صفائي سترائي جو نظام انتهائي خراب آهي هر گهٽيءَ ۾ ڪچري جا ڍير لڳا پيا آهن ڊسپوزل پڻ خراب حالت ۾ آهن پر ٽائون انتظاميه مڪمل طور خاموش تماشائي بڻيل آهي هتن مطالبو ڪيو ته فوري طور سڪرنڊ شهر اندر صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

ٺٽو ۾ جانورن جي پالنا واري کاتي توڙي بروڪ طرفان تقريب

وٽرنري جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ تقريب ڪوٺائي وئي

چوپايو مال اسانکي کير ڏيڻ سان گڏ ان جو گوشت کتب اچي ٿو: مقررين

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽو ۾ جانورن جي پالنا واري کاتي توڙي بروڪ طرفان وٽرنري جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ تقريب جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي آفيس ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عالمي بينڪ پروجيڪٽ جي نمائندن سميت ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ ڊاڪٽر حبيب لغاري (بروڪ) ڊاڪٽر شاهد ضلعي فيلڊ مينيجر ڊاڪٽر صلف راڄپر ليڊي لائيو اسٽاڪ سپروائزر ڊاڪٽر جميل ويسر ڊاڪٽر سلمان شاهه (سپوا) جنرل سيڪريٽري سنڌ غلام مهدي ويسر سميت آفيس جي عملي سان گڏ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو. منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ ۽ بروڪ جي ڊاڪٽر حبيب لغاري چيو ته اڄ سڄي دنيا اندر وٽرنري جو عالمي ڏيهاڙو ملهايو پيو وڃي اسان انهن سان يڪجهتي ڪريون ٿا، جن جو خدمتون به ساراهه جوڳيون آهن. هتن چيو ته وٽرنري ڊاڪٽر چوپائي مال جي بهتري لاءِ سٺو ڪم ڪري انهن جي صحت، کاڌ خوراڪ جو خاص خيال رکن ٿا، هتن چيو ته چوپايو مال اسانکي کير ڏيڻ سان گڏ ان جو گوشت کتب اچي ٿو چوپايو مال مالوند ماڻهن جي روزگار جو به وسيلو آهي. هتن چيو ته اسان وٽرنري آفيسرن ۽ اسٽاف کي هن ڏيهاڙي تي جس ڏيون ٿا، جيڪي رات ڏينهن مالوند ماڻهن جي چوپائي مال جي علاج و معالج ۾ مصروف بڻيل آهن. هتن چيو ته جانورن جي پالنا کاتي طرفان ٻنا ڪنهن فرق جي چوپائي مال جو علاج توڙي مفت ويڪسينيشن توڙي ٽڪا لڳائڻ واري مهم پڻ جاري آهي، جيئن چوپايو مال مختلف وچرندڙ بيمارين کان محفوظ رهي سگهي.

ٽنڊو ولاخان ۾ سينئر ڪلارڪ احمد علي ڏاهري جي مان ۾ الوداعي پارٽي

احمد علي ڏاهري کي اجرڪون ۽ سنڌي ٽوپيون تحفي طور پيش ڪيون ويون

لائيو اسٽاڪ کاتي ۾ سندس ڊگهي عرصي دوران ڪيل ايماندارانه خدمتن کي ساراهيو ويو

ٽنڊو ولاخان (ن ع) سينئر ڪلارڪ احمد علي ڏاهري جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي کيس پيغا پيش ڪرڻ لاءِ هڪ پروقار ۽ يادگار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي سان لاڳاپيل آفيسرن، دوستن ۽ معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي جنهن جي سعادت ڊاڪٽر اختيار علي ڪلهوڙو حاصل ڪئي جڏهن ته ڪمپيئرنگ جا فرائض ڊاڪٽر عبدالعزيز رستماڻي سرانجام ڏنا. ان موقعي تي احمد علي ڏاهري کي مختلف دوستن ۽ ساٿين پاران اجرڪون ۽ سنڌي ٽوپيون تحفي طور پيش ڪيون ويون. جڏهن ته آيل مهمانن

سنڌ، ڊاڪٽر اختيار ڪلهوڙو، ڊاڪٽر آفتاب پنهاڻ، ڊاڪٽر قطب الدين ڪلهوڙو، ڊاڪٽر عبدالعزيز مستوئي، ڊاڪٽر ذوالفقار ڳوڙ، ڊاڪٽر منظور علي پنهور، ڊاڪٽر اسد ڏاهري، مسرور بالي، عطاءُ الله جمالي، حاجي عبدالستار خشڪ، عبدالجبار سومرو، نظير ڏاهري ۽ ٻين معززن ڀرپور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مقررين احمد علي ڏاهري جي ذاتي ۽ پيشاورانه زندگي تي روشني وجهندي لائيو اسٽاڪ کاتي ۾ سندس ڊگهي عرصي دوران ڪيل ايماندارانه خدمتن کي ساراهيو ۽ کيس هڪ محنتي، ذميوار ۽ ملنسار سينئر ڪلارڪ قرار ڏنو.تقريب جي آخر ۾ احمد علي ڏاهري سان گڏ ڪجهه

مهراڻ يونيورسٽي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئمپس خيرپور ميرس ۾ داخلائن بابت پڌرائي

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئمپس خيرپور ميرس ۾ نئين سال 27-2026 ۾ داخلا لاءِ آن لائن فارم 5 مئي تائين ڀري ۽ جمع ڪري سگهجن ٿا. مهراڻ يونيورسٽي جي ڪمپيوٽرائزڊ داخلا ٽيسٽ 22 مئي کان ورتي ويندي. وڌيڪ تفصيل لاءِ مهراڻ يونيورسٽي جي ويب سائيٽ تي ايڊميشن پورٽل ڏسي سگهجي ٿو.

چين ۾ مقرر سائيز کا وڌيڪ جي صنعتي ادارن جي منافعي ۾ 15.5 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ مقرر سائيز کان وڌيڪ جي صنعتي ادارن جي هن سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ منافعي ۾ 15.5 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي. پڙهيل ميڊيا موجب هن سال جنوري کان مارچ تائين چين ۾ مقرر ڪيل سائيز کان مٿي جي صنعتي ادارن جو منافعو 1.69604 ٽرلين يوآن تائين پهچي ويو جيڪو سال جي پيٽ ۾ 15.5 سيڪڙو جو اضافو آهي سرڪاري هولڊنگ انٽر پرائزز ادارن 619.61 بلين يوآن جو ڪل منافعو حاصل ڪيو جيڪو سال جي پيٽ ۾ 10.1 سيڪڙوجو اضافو ظاهر ڪري ٿو ملڪ جي ٻين حصن ۽ هانگ ڪانگ ۽ تائيوان پاران سيڙپڪاري ڪندڙ ادارن 383.73 بلين يو آن جو ڪل منافعو حاصل ڪيو جيڪو 1.2 سيڪڙو جو اضافو آهي. ان کان علاوه گهريلو خانگي ادارن 430.53 بلين يوآن جو ڪل منافعو حاصل ڪيو جيڪو 25.4 سيڪڙو جو

سکر پوليس فحاشي جي اڏي تي ڇاپي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

سکر پوليس فحاشي جي اڏي تي ڇاپو، ٻن عورتن سميت 10 ڄڻا گرفتار

ٽائو اي سيڪشن پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪري گرفتاريون ڪيون

گرفتار ٿيلن ۾ آسيا شيخ، ريشما شيخ، غلام حسين ميراڻي، ياسر علي ۽ ٻيا شامل

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس فحاشي جي اڏي تي ڇاپو هڻي ٻن عورتن سميت 10 جوابدار گرفتار ڪري ورتا. ترجمان سکر پوليس موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سماجي براين خلاف ڪارروائي جاري آهي ٽائو اي سيڪشن پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي اٺ مردن ۽ ٻن عورتن کي گرفتار ڪيو گرفتار ٿيلن ۾ آسيا شيخ ريشما شيخ غلام حسين ميراڻي ياسر علي ابڙو محرم علي ڪيهر غلام قادر ميمڻ اياز ڏريهو مزمل گانگهرو جيئند شيخ ۽ راشد ڪٻر شامل آهن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بوزدارودڏا پرسان گرلس مڊل اسڪول محمد صادق سوڍڙو ۾ سهولتون اڻلڀ

مڊل اسڪول جو سيمز ڪوڊ نه کولڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري تتهڻ اس ۾ ڌرڻو

فرنيچر جي کوٽ هجڻ سبب شاگردياڻيون هيٺ پٽ تي ويهي تعليم پرائي رهيون آهن: مظاهرين

بوزدارودڏا(ن ع) بوزدارودڏا پرسان گرلس مڊل اسڪول محمد صادق سوڍڙو جي شاگردياڻين ۽ ڳوٺاڻن جو اسڪول ۾ بجلي پيئڻ جي پاڻي فرنيچر سولر سسٽم نه هجڻ ۽ مڊل اسڪول جو سيمز ڪوڊ نه کولڻ خلاف نويد علي سوڍڙو شاڪر حسين محمد اسحاق گل الزمان ليمون گلبهار ميوش رباب رخسار شاڻلان انعم طيب خاتون آليا شاڻلان انيس فاطمه ۽ دعا جي اڳواڻي ۾ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري تتهڻ اس ۾ ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ۽ شاگردياڻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گرلز مڊل اسڪول محمد صادق سوڍڙو ۾ فرنيچر جي کوٽ هجڻ سبب شاگردياڻيون هيٺ پٽ تي ويهي تعليم پرائي رهيون آهن ۽ پيئڻ جي پاڻي جي به کوٽ آهي ۽ بجلي ۽ سولر جو ڪو به نظام ناهي گرمي سبب شاگردياڻيون سخت پريشان آهن ۽ سيمز ڪوڊ کولي اسڪول کي ايلمنٽري اسڪول جو درجو ڏنو وڃي ۽ اسڪول ۾ ٽيچرز جي تمام وڏي کوٽ آهي ڏيڍ سؤ کان وڌيڪ شاگردياڻين کي تعليم ڏيڻ لاءِ صرف 2 ٽيچر مقرر آهن جنهن سبب شاگردياڻين جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي اسان ڳوٺاڻن پاران ڊائريڪٽر تعليم سکر ڊي اي او خيرپور ٽي اي او ٺري ميرواهه سيڪريٽري تعليم کي ڪافي درخواستون ڏنيون آهن مگر هن وقت تائين اسڪول جو ڪو به مسئلو حل ناهي ٿيو ۽ اسڪول ۾ ڪا به سهولت ناهي شاگردياڻيون ۽ ٽيچر سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيون آهن ان موقعي تي هنن وزير اعليٰ سنڌ صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم کان مطالبو ڪيو آهي ته مڊل گرلز اسڪول کي ايلمنٽري اسڪول جو درجو ڏئي سيمز ڪوڊ کولي عملو مقرر ڪيو وڃي ۽ اسڪول کي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن جيڪڏهن اسڪول جا بنيادي مسئلا حل نه ڪيا ويا ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائينداسين

بوزدارودڏا: مڊل اسڪول محمد صادق سوڍڙو کي ايلمنٽري اسڪول جو درجو نه ملڻ ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو پرسان زمين تي ڪم ڪندڙ پورهيت فوت

لال بخش سولنگي گرمي جي سٽ نه سهندي بيهوش ٿي ويو

وارث اسپتال کڻائي پهتا، ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ الله بخش سولنگي واسي پورهيت لال بخش سولنگي زمين تي ڪم ڪندي گرمي جي سٽ نه سهندي بيهوش ٿي ويو جنهن کي وارث اسپتال کڻائي پهتا، جتي ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي. فوتي نوجوان جو لاش ضروري ڪاروائين بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. وارث لاش کڻائي گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪڪڙ جي سالياني چونڊ

سال 2026ع لاءِ سڀئي عهديدار متفقه راءِ سان ٻنا مقابلي چونڊيا ويا

ضلع رابطا سيڪريٽري نياز الاهي ابڙو نون چونڊجي آيل عهديدارن جو اعلان ڪيو

ڪڪڙ (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪڪڙ جي سالياني چونڊ مقامي پريس ڪلب ڪڪڙ ۾ پرامن طريقي ٿي گذري، سالياني (چونڊ) چونڊ ڪاميٽي جي چيئرمين ۽ ضلعي رابطا سيڪريٽري نياز الاهي ابڙو ، ميمبر عمران علي سومرو ۽ مقامي شاخ جي ميمبر سيد نثار علي شاهه جي زير نگراني هيٺ ٿي چونڊ عمل دوران سال 2026ع لاءِ سڀئي عهديدار متفقه راءِ سان ٻنا مقابلي چونڊيا ويا. نتيجن موجب ڊاڪٽر عبدالرحيم ساريو کي سيڪريٽري، شوڪت علي منگي کي جوائنٽ سيڪريٽري، علڻ خان نائچ کي خزانچي، نظر حسين جمالي کي آڊيٽر ۽ مارو جمالي کي ڪائونسلر چونڊيو ويو جڏهن ته ڪاروباري ڪاميٽي جي ميمبر طور عباس علي جمالي ۽ لياقت علي ٻبر کي به ٻنا مقابلي چونڊيو ويو ان موقعي تي ضلع رابطا سيڪريٽري نياز الاهي ابڙو نون چونڊجي آيل عهديدارن جو اعلان ڪيو جڏهن ته ٻئي طرف نون چونڊجي آيل عهديدارن سنڌي ٻولي ادب ۽ ثقافت جي ترقي، ادبي سرگرمين جي فروغ ۽ ادبي سنگت جي تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جو عزم ظاهر ڪيو.

سڄاول شهر ۾ گيس جي فراهمي غيريقيني جو شڪار

رات جو 10 وڳي کان وٺي صبح جو 6:30 تائين گيس مڪمل طور بند

هن صورتحال سبب گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي: شهرين جي شڪايت

سڄاول(ڊ ر) سڄاول شهر ۾ گيس جي فراهمي غير يقيني جو شڪار آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته رات جو 10 وڳي کان وٺي صبح جو 6:30 تائين گيس مڪمل طور بند رهي ٿي جڏهن ته صبح جو 9 وڳي کان 12 وڳي تائين ۽ ٻيهر منجهند جو 3 وڳي کان شام 6:30 وڳي تائين پڻ گيس جي بندش جاري رهي ٿي شهرين صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هن صورتحال سبب گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي، خاص طور تي عورتن کي ڪاڌو پچائڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هنن چيو ته گيس نه هئڻ سبب متبادل انتظام ڪرڻ به مهانگو ۽ مشڪل ٿي پيو آهي، جيڪو عام ماڻهو جي وس کان ٻاهر آهي متاثر شهرين وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سڄاول ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ جو فوري نوٽيس وٺي ان کي ختم ڪيو وڃي، جيئن عوام کي وڌيڪ تڪليفن کان بچائي سگهجي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مسئلو حل نه ڪيو ويو ته هو احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيندا شهرين حڪومت کان اپيل ڪئي آهي ته بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن عام ماڻهو سک ۽ سڪون سان پنهنجي زندگي گذاري سگهي.

قاسم آباد جي ڳوٺ مسرور جتوئي رهواسين جو مظاهرو

سولنگي برادري پاران قاسم آباد پوليس جي مبينا زيادتين خلاف مظاهرو ڪيو ويو

جهيڙي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرايو وڃي: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قاسم آباد جي ڳوٺ مسرور جتوئي رهواسي سولنگي برادري پاران قاسم آباد پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان زاهد سولنگي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ عورتن ۽ مردن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٻبر برادري جي ماڻهن سان جهيڙو ٿيو هو. جهيڙي ۾ ذوالفقارسولنگي ۽ شاهب الدين سولنگي کي ڌڪ لڳڻ سبب معان ڦاٽڻ سبب سخت زخمي ٿيا. زخمين جو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ به مليو آهي پر قاسم آباد پوليس اڃا تائين ايف آءِ آر داخل نٿي ڪري. هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته جهيڙي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرايو وڃي.

سيري لڳ ڳوٺ نورائي شريف جي رهواسين جو مظاهرو

حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

گولي لڳڻ ڪري بشير جي ٽنگ ڪٽجي وئي ۽ هو معذور ٿي ويو آهي: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سيري لڳ ڳوٺ نورائي شريف جي رهواسين پاران حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي حملي ۾ زخمي ٿيل الهبچايو ملاح چيو ته 27 ڏينهن اڳ معمولي ڳالهه تان برادري جي ماڻهن اسان تي حملو ڪري گوليون هلايون ۽ لوهي سرين ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ ڌڪ لڳڻ سبب بشير ،شعيب ۽ عارف ملاح سميت 4 ڄڻا زخمي ٿيا، حملي ۾ گولي لڳڻ ڪري بشير جي ٽنگ ڪٽجي وئي ۽ هو معذور ٿي ويو آهي.هنن چيو ته حد جي ٽاڻي سيري تي جوابدارن گل محمد ملاح دوست علي عرف طوطل ملاح قادر بخش علي ۽ محبوب ملاح کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.هنن چيو ته جوابدار ڊر ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن سبب اسان دم تحفظ جو شڪار هنن ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي حيدرآباد واقعي نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري تحفظ ڏنو وڃي

مورو ويجهو علي گل جتوئي جي دڪان کي باهه

بجلي جي تار مان اچانڪ باهه لڳي، سامان سڙي رک ٿي ويو

عمرساند ٽاڻي جي حد ۾ ٽنڊوآدم-ٽنڊوالهيار روڊ تان ٻن عورتن جي اغوا ٿيڻ وارو معاملو

مسمات خاني ۽ صائمه جي بازيابي لاءِ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي هدايتن تي خاص ٽيمون جوڙي ويون

ڊي ايس پي جهنڊومري ۽ ايس ايڇ او عمرساند جا هٽڙي ويجهو دريائي علائقن سميت مختلف هنڌن تي ڇاپا

پوليس ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي، عورتن کي بازياب ڪرائي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو: ڊي ايس پي جهنڊومري

عثمان شاهه هٽڙي(ت ر) ڪجهه ڏينهن اڳ عثمان شاهه هٽڙي ويجهو عمرساند ٽاڻي جي حد ۾ ٽنڊوآدم-ٽنڊوالهيار روڊ تان اغوا ٿيل ٻن عورتن جي واقعي تي پوليس ڪارروائيون جاري آهن. اغوا ٿيل عورتن ۾ مسمات خاني ۽ صائمه شامل آهن. جن جي بازيابي لاءِ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي هدايتن تي خاص ٽيمون جوڙي ويون آهن. ڊي ايس پي جهنڊومري اسدالله چنا، ايس ايڇ او عمرساند منظور جمالي ۽ پوليس اهلڪارن نوجوانن سان گڏ مٽياري، هٽڙي ويجهو دريائي علائقن سميت مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا آهن. ڪارروائين دوران ڪيترن ئي شڪي ماڻهن کي حراست ۾ وٺي پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. پوليس پاران مختلف حڪمت عمليون ۽ دٻاءَ وڌائڻ سميت سڀني وسيلن کي استعمال ڪندي اغوا ٿيل عورتن جي بازيابي لاءِ ڪوششون جاري آهن. جڏهن ته اڃا تائين اصل جوابدارن تائين پهچ نه ٿي سگهي آهي. ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي جهنڊومري اسدالله چنا جو چوڻ آهي ته پوليس ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي آهي ته جلد ئي اغوا ٿيل عورتن کي بازياب ڪرائي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

سنڌ جي آبپاشي واري وزير جام خان شورو سکر بئراج جو دورو، جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو

سکر بئراج پاڪستان جي معيشت جي لاءِ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو اپ گريڊيشن جو ڪم جاري آهي: جام خان شورو

جون 2025 تائين 17 دروازا تبديل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته جون 2026 تائين 26 دروازن جي تبديلي جو هدف حاصل ڪيو ويندو

ارسا طرفان ملڪ ۾ 27 سيڪڙو پاڻي جي کوٽ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، ڪئنالن جي لائننگ ۽ ڊي سلٽنگ جو عمل جاري آهي

سکر:سنڌ جي آبپاشي واري وزير جام خان شورو سکر بئراج جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ جي آبپاشي واري وزير جام خان شورو سکر بئراج جو دورو ڪيو جتي هن جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کان بريفنگ حاصل ڪئي.ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جام خان شورو چيو ته سکر بئراج پاڪستان جي معيشت جي لاءِ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو ۽ سنڌ جي 90 سيڪڙو زرعي زمين کي پاڻي هن ئي بئراج مان فراهم ڪيو وڃي ٿو. هن ٻڌايو ته ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان سکر بئراج جي اپ گريڊيشن جو ڪم جاري آهي، جنهن تحت بئراج جا 60 دروازا تبديل ڪيا پيا وڃن.صوبائي وزير موجب جون 2025 تائين 17 دروازا تبديل ڪيا ويا آهن جڏهن ته جون 2026 تائين 26 دروازن جي تبديلي جو هدف حاصل ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته 2026 تائين سکر بئراج جا سڀئي 44 مکيه گيٽ مڪمل طور تبديل ڪيا ويندا جڏهن ته ڪئنالن جي پاڪيٽ گيٽن ۽ ٻين دروازن جي تبديلي جو ڪم ايندڙ سال تائين مڪمل ڪيو ويندو. جام خان شورو ٻڌايو ته ڪنهن به ناخوشگوار صورتحال کان بچڻ لاءِ ڪافر ڊيم کي فول پروف بڻايو ويو آهي جڏهن ته اپ گريڊيشن کان پوءِ سکر بئراج جي عمر ۾ وڌيڪ 30 سال جو اضافو ٿيندو هن چيو ته بئراج جي مرمت ۽ بحالي تي 17 ارب رپيا خرچ اچي رهيو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ارسا طرفان ملڪ ۾ 27 سيڪڙو پاڻي جي کوٽ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي پاڻي جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪئنالن جي لائننگ ۽ ڊي سلٽنگ جو عمل جاري آهي صوبائي وزير جو چوڻ هو ته هارين کي گهٽ پاڻي ۾ بهتر پوک لاءِ هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن.جام خان شورو چيو ته موسمياتي تبديليون هڪ حقيقت آهن ۽ اسان کي پنهنجي ڍانچي کي جديد گهرجن مطابق بڻائڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو عالمي ڪاربن اخراج ۾ حصو هڪ سيڪڙو کان به گهٽ آهي، پر ان جي باوجود اسان موسمياتي تبديلي جي اثرن کي برداشت ڪري رهيا آهيون.هن خبردار ڪيو ته ڪئنالن مان مٽي ڪڍڻ وارن خانگي ماڻهن يا ادارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ان موقعي تي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عين العارفين پروجيڪٽ انجنيئر عبدالفتاح ميمڻ ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا

سکر ۾ گرمي اچڻ سان مڇرن ۾ به واڌ

مڇرن ۾ اضافو ٿيڻ بعد دانين جي خريداري ۾ به واڌ اچي وئي

ميونسپل ڪارپوريشن جي نااهلي سبب اسپري نه ٿي رهيو آهي: شهري

سکر(بيورو رپورٽ) گرمي اچڻ سان مڇرن ۾ واڌ. گرمي شروع ٿيڻ سان مڇرن ۾ به اضافو ٿي ويو آهي، جنهن سبب مڇر دانين جي خريداري ۾ به واڌ اچي وئي آهي. جڏهن ته روڊ ڪنارن تي لڳل اسٽالن تي رنگ برنگي مڇر دانين خريدارن جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويون آهن. تفصيل موجب ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ به گرمي جي موسم سان مڇرن ۾ اضافو ٿيو آهي. جيڪو مليريا سميت ٻين بيمارين جو سبب بڻجي رهيو آهي. ڪيترن علائقن ۾ اڃا تائين مڇر مار اسپري نه ٿيڻ ڪري مڇرن جي گهڻائي برقرار آهي. ان سبب مڇر دانين جي گهرج وڌي وئي آهي ۽ وڪرو ڪندڙن جو ڪاروبار به وڌي ويو آهي. شهري، سماجي ۽ مذهبي تنظيمن خدشن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي نااهلي سبب اسپري نه ٿي رهيو آهي. جنهن ڪري ماڻهو بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي مڇر مار اسپري ڪرايو وڃي.

سکر: مڇرن کان بچاءَ لاءِ روڊ ڪناري تي مڇر دانيون وڪري لاءِ رکيل آهن

قبو سعيد خان ۾ حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو ڏينهن ملهايو ويو

وائيٽل ٽرسٽ آف پاڪستان جي طرفان حفاظتي ٽڪن بابت جاڳرتا ريلي

ويڪسين ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ڊ ر) قبوسعيد خان ۾ وائيٽل ٽرسٽ آف پاڪستان جي طرفان دنيا سميت تعلقه قبو سعيد خان ۾ حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو ڏينهن ملهايو ويو ۽ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي تعلقه فوڪل پرسن ڊاڪٽر شعيب ڪوسو , ذوالفقار احمد بروهي راشد عباس جاگيراڻي امتياز علي جاگيراڻي فيلڊ ڪوآرڊينيٽر برڪت علي سيال آصف بروهي چيو ته ويڪسين ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ هفتي دوران ٿيندڙ اهم آگاهي سرگرمين بابت پڻ آگاهي ڏني وئي هتن وڌيڪ چيو ته ڊي ايڇ او هيلٿ آفيسر قمبر گلزار احمد تنيو ،ضلع فوڪل پرسن قمبر شهدادڪوٽ ڊاڪٽر الطاف احمد ٻرڙو وائيٽل پاڪستان ٽرسٽ جي ضلع ۾ اميونائيزيشن کي مظبوط ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو هن جاڳرتا ريلي ۾ مختلف کاتن سميت قبو سعيد خان جي عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو
قبو سعيد خان: حفاظتي ٽڪن جو عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

پ پ عوام جي خدمت ڪرڻ واري پارٽي آهي: منور وساڻ

ايندڙ عام چونڊن بعد وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿي ٿيندو

وفاقي حڪومت پيٽرول جا اگهه وڌائي عوام کي مهانگائي ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي

گڏيجي (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي واحد پارٽي آهي جنهن وٽ عوام جي خدمت ڪرڻ واري پارٽي آهي اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ۽ اڳوڻو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منور وساڻ ڳوٺ ڙنوار محمد چنل راڄپر ۾ محرم علي راڄپر جي رهائش گاهه تي اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته ايندڙ عام چونڊن بعد وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿي ٿيندو هن چيو ته وفاقي حڪومت پيٽرول جا اگهه وڌائي عوام کي مهانگائي ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۾ عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو ويو آهي سنڌ جي شهرن ۾ پيپلز بسيون شروع ڪيون ويون آهن جنهن سان عوام کي رليف ملندو

سڪرنڊ ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جو 30 هون يوم تاسيس ملهايو ويو

عمران خان سان ساهه جي آخري سگهي تائين ساٿ نڀائڻ جو وچن ورجايو ويو

عمران خان جهڙو بهادر، سچو ۽ مخلص سياسي اڳواڻ ملڪي سياسي تاريخ ۾ ناهي رهيو: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان تحريڪ انصاف جو 30 هون يوم تاسيس انتهائي جوش و خروش سان همدرد انصاف هائوس سڪرنڊ ۾ ضلعي صدر نثار پرهياڙ جي اڳوائيءَ ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ تعلقه سڪرنڊ ۽ ضلعي نوابشاهه جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ ايڊووڪيٽ مجيب الرحمان لاکو تعلقه صدر ڪامل خان رند، صاحب خان نوناري، امير گل رند، ڏاٽي بخش مگسي، اقبال رند، سميت ٻيا ڪارڪن پڻ شامل هئا جن عمران خان جي 30 سالہ سياسي جدوجهد تي روشني وڌي ۽ وچن ورجايو ته هو عمران خان سان ساهه جي آخري سگهي تائين ساٿ نڀائيندا هوڏانهن پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ گل محمد رند آن لائن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمران خان جي 30 سالہ سياسي جدوجهد ثابت ڪيو آهي ته هُو نه صرف اصولن جو قائل بلڪه ملڪ ۽ قوم کي ملڪي آئين ۽ قانون موجب هلائڻ چاهي ٿو جيڪا ڳالهه 47 فارم ذريعي قابض حڪمرانن کي پسند ناهي هن وڌيڪ چيو ته دنيا شاهد آهي جيڪا ميڊيا ذريعي

باوجود پنهنجي اصولن سان سوديبازي نه ڪئي گل محمد رند اهو به چيو ته ملڪي تاريخ شاهد آهي ته ماضيءَ جا حڪمران جيل جون سختيون برداشت ڪري نه سگهيا ڪن معافيون ورتيون ته ڪي علاج جي بهاني ٻيرون ملڪ هليا ويا پر سلام آهي عمران خان جي بهادري ۽ عظمت کي جيڪو حڪمرانن جو سختيون سهڻ باوجود نه جهڪيو آهي نه وڪيو آهي نه معافي ورتي نه ئي علاج جو بهانو ڪيو اهڙا اهي ئي ليڊر هوندا آهن جيڪي ملڪ ۽ قوم سان سچا هوندا آهن پر افسوس آهي موجوده حڪمرانن تي جن صرف پنهنجا اقتدار ڏاهڻ جي چڪر ۾ ملڪ کي ڪمزور ۽ مخلص اڳواڻن کان محروم رکيو آهي پر وقت ثابت ڪندو ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن پاڪستان تي وري عمران خان جي حڪومت ايندي ڇاڪاڻ جو ملڪ جي سڀني صوبن جو عوام اڄ به عمران خان سان گڏ آهي هن چيو ته حڪمران ان ڳالهه کان خوفزده آهن ته جيڪڏهن عمران خان آزاد ٿيو ته 47 فارم جي پيدائش سڀ قابض حڪمران گهر پيڙا ٿيندا ان ڪري اسين پي ٽي آئي جا

پٿورو پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، منشيات فروش گرفتار

پٿورو (ن ع) پٿورو پوليس جي هڪ ڪامياب ڪارروائي ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي عمرڪوٽ جي هدايتن ايس ايڇ او پٿورو مقصود احمد چنا پٿورو ٽاڻي تي داخل گناهه نمبر 39/22 قلم 395 ppcجي ڪيس ۾ روپوش جوابدار نياز حسين چنو ويٺل دڙو ضلع نوابشاهه کي دڙو سان گرفتار ڪيو آهي ياد رهي ته 2022 11 14 تي بجابند پرسان انڙ فارم وٽ فيض محمد انڙ جي اوطاق تي ڌاڙو لڳو هو جنهن ۾ لکين روپين جي مليت ڦر ڪري مالڪن کي يرغمال ڪري فرار ٿي ويا جنهن ۾ نياز چنو روپوش هو جنهن کي ايس ايڇ او مقصود چنا گرفتار ڪيو آهي

پٿورو: پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ واڌ

اسلام آباد(اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن ڪچي تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو رجحان رهيو آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ تحت ڪچي تيل جي مستقبل جا سودا 2 سيڪڙو جي واڌ کان پوءِ 96.30 ڊالر في بيرل ۽ برينٽ نارٿ سي ڪروڊ تحت مستقبل جا سودا 2.15 سيڪڙوجي واڌ کان پوءِ 107.56 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا. سون جي قيمت اٽڪل 8 ڊالرن جي واڌ کان پوءِ 4714.27 ڊالر في اونس ۽ چانديءَ جي قيمت 0.29 سينٽ کان پوءِ 75.94 ڊالر ٿي وئي خوراڪ جي قيمتن ۾ به عمومي اضافي جو رجحان رهيو سويابين تيل جي مستقبل جا سودا 3.08 ڊالرجي واڌ کان پوءِ 1166.83 ڊالر ۽ پام آئل جا سودا 18 ڊالرن جي واڌ کان پوءِ 4597 ڊالر ۾ طئي ٿيا. ڪڻڪ جي قيمت ۾ 0.64 سيڪڙو واڌ جڏهن ته چانورن جي قيمت ۾ 1.95 سيڪڙوجي گهٽتائي ٿي

سڪرنڊ ۾ پ پ ايم پي اي فريال ٽالپر جي 68 هين جنم ڏينهن جي حوالي سان تقريبون

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ جي سياسي صورتحال ۾ اهم ڪردار ڪندڙ MPAميڊم فريال ٽالپر جي 68 هين جنم ڏينهن جي حوالي سان کيس پيغا پيش ڪرڻ لاءِ سڪرنڊ ۾ به الڳ الڳ شاندار تقريبون منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ پهرين تقريب لاکا هائوس تي جڏهن ته ٻي تقريب ملاح ڪوٽ تي ملهائي وئي ٻنهين پروگرامن ۾ تعلقه صدر حاجي الهه بخش لاکو سٽي صدر سيد عذير اختر شاهه تعلقه جنرل سيڪريٽري هالار خان جمالي، سينيئر نائب صدر فرحان خان لغاري، انفارميشن سيڪريٽري عبدالرشيد ڪيريو سميت تعلقه ۽ سٽي جا عهديدار ۽ ورڪر شريڪ هئا ملاح ڪوٽ تي ٿيل تقريب جي ميزبان رسول بخش ملاح، ممتاز علي ملاح، راشد حسين ملاح، شهباز ميرحسن ملاح ۽ بلاول ملاح آيل مهمان جو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو تقريب ۾ عبدالغني انڙ باغ علي جلباڻي، شاهجهان انڙ سردار شهزاد لاکو لطيف ملاح داؤد انڙ آصف وهاج خانزاده ۽ گلزار جلباڻي پڻ شريڪ هئا ان موقعي تي حاجي الهه بخش لاکو ۽ سيد عذير اختر شاهه الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته ميڊم فريال ٽالپر اسان ڪارڪنن جو ڀرجهلو آهي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ڪانپوءِ ڪارڪن مايوس ۽ سياسي يتيم ٿي چڪا هئا پر ميڊم فريال ٽالپر انهن ڪارڪنن تي نه صرف هٿ رکيو بلڪه کين حوصلو پڻ ڏنو اهوئي سبب آهي جو اڄ پارٽي جو ڪارڪن ميڊم جي عزت ڪري ٿو هتن وڌيڪ چيو ته ميڊم فريال ٽالپر جو سياست ڪانسواءِ سماجي پاسو پڻ سگهارو آهي خاص ڪري ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه سندس زندگي ۽ جو اهم ڪم آهي جتي 27 سئو ٻارن جو مفت علاج ڪيو وڃي ٿو سينٽر ۾ ڊاڪٽر محمد صادق سيال جهڙا فرشتا صفت انسان مقرر ڪرڻ پڻ ميڊم جو وڏو ڪردار آهي ٻنهين پروگرامن جي پڄاڻي تي ميڊم فريال ٽالپر جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي، اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 28 اپريل 2026ع

سنڌ ۾ وڌندڙ سماجي الميا: انصاف، تحفظ ۽ انساني وقار جو سوال

سنڌ جي مختلف علائقن مان سامهون آيل تازن واقعن نه صرف سماج جي بيحسيءَ کي ظاهر ڪيو آهي، پر رياستي ادارن جي ڪارڪردگي ۽ انصاف جي نظام تي به سنجيده سوال اٿاريا آهن. گهوٽڪي، حيدرآباد، ميهڙ ۽ دادو مان رپورٽ ٿيل اهي واقعا هڪ اهڙي خطرناڪ سماجي صورتحال جي عڪاسي ڪن ٿا، جتي انساني جان، عزت ۽ تحفظ جهڙا بنيادي حق به غير محفوظ ٿي ويا آهن. پرسان ماٿيلو ڦاٽڪ وٽ پيش آيل فائرنگ جو واقعو جنهن ۾ هڪ عورت ۽ نوجوان کي قتل ڪيو ويو اهو صرف هڪ ڏوهه نه پر "غيرت" جي نالي تي ٿيندڙ ظلم جو هڪ ٻيو دردناڪ مثال آهي. ڪارنهن يا غيرت جي الزام هيٺ ماڻهن کي قتل ڪرڻ، ڪنهن به مهذب سماج لاءِ قابلِ قبول ناهي. اهڙا واقعا واضح ڪن ٿا ته اڃا تائين اسان جي سماج ۾ روايتي سوچ ۽ قبائلي فيصلا قانون کان مٿي سمجهيا وڃن ٿا، جنهن سان انساني جانين جو ضايع ٿيڻ جاري آهي. ساڳئي وقت، حيدرآباد ۾ معصوم نياڻين سان زيادتي جا واقعا دل ڏاريندڙ آهن. 9 ۽ 13 سالن جي ٻارڙين سان پيش آيل ظلم نه صرف فردي جرم آهي، پر هڪ اجتماعي ناڪامي پڻ آهي. جڏهن معصوم ٻارڙا به محفوظ نه هجن ته پوءِ سماج جي اخلاقي حالت تي ڳڻتي ٿيڻ لازمي آهي. جيتوڻيڪ پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي پر سوال اهو آهي ته اهڙا واقعا روڪڻ لاءِ اڳواٽ ڪهڙا قدم کنيا ويا؟ رڳو گرفتاريون ڪافي ناهن پر سخت سزا ۽ سماجي سڌارن جي به ضرورت آهي. ميهڙ مان سامهون آيل سنگيتا جو ڪيس نه وڌيڪ پيچيده ۽ ڏکوئيندڙ آهي، جتي اغوا، جنسي زيادتي، جرڳي ۽ زبردستي شاديءَ جهڙا ڪيترائي ظلم گڏيل طور تي نظر اچن ٿا. سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته جرڳي جهڙي غير قانوني رسم ذريعي انصاف کي خريد ۽ وڪرو ڪيو ويو. اهو عمل نه صرف قانون جي توهين آهي پر متاثر عورت سان ٻيهر ظلم ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا وقت سر ڪارروائي ڪن ها ته شايد اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي ها. دادو پرسان پيش آيل باهه جي واقعي ۾ ٽن معصوم ٻارڙن جو سڙي فوت ٿيڻ پڻ هڪ وڏو الميو آهي. اهو واقعو رڳو هڪ حادثو ناهي پر صحت ۽ ايمرجنسي سهولتن جي کوٽ کي به ظاهر ڪري ٿو. برنس وارڊ جهڙين بنيادي طبي سهولتن جو نه هجڻ زخمين جي زندگين لاءِ خطرو بڻجي ٿو. جيڪڏهن مقامي سطح تي بهتر طبي سهولتون موجود هجن ها ته شايد وڌيڪ جاني نقصان کان بچي سگهجي ها.

انهن سڀني واقعن کي گڏ ڪري ڏسجي ته هڪ ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته سنڌ جو سماج ڪيترن ئي سطحن تي بحران جو شڪار آهي. هڪ طرف غيرت جي نالي تي قتل، ٻئي طرف معصوم ٻارڙين سان زيادتي، ٽئين طرف جرڳي جهڙا غير قانوني نظام ۽ چوٿين طرف صحت ۽ حفاظت جي کوٽ- اهي سڀ گڏجي هڪ خطرناڪ تصوير پيش ڪن ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا صرف بيانن تائين محدود نه رهن، پر عملي قدم کڻن. پوليس نظام کي وڌيڪ مضبوط، شفاف ۽ جوابده بڻائڻو پوندو. جرڳي جهڙين غير قانوني روايتن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻي پوندي، جيئن ڪو به شخص قانون کي هٿ ۾ وٺڻ جي جرئت نه ڪري. ان سان گڏوگڏ، ٻارڙن ۽ عورتن جي تحفظ لاءِ خصوصي پاليسيون ۽ سخت قانوني عملدرآمد يقيني بڻائڻ ضروري آهي. سماج جي سطح تي به شعور اجاگر ڪرڻ لازمي آهي. تعليم، ميڊيا ۽ سماجي مهمن ذريعي ماڻهن کي اهو سمجهائڻو پوندو ته غيرت جي نالي تي قتل يا عورتن ۽ ٻارڙن سان ظلم ڪنهن به صورت ۾ جائز ناهي. والدين، استادن ۽ سماجي اڳواڻن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، جيئن ايندڙ نسلن کي بهتر ۽ محفوظ ماحول ملي سگهي.

ساروڻيون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جون

دلشاد خاصخيلي

1994 جو زمانو، جڏهن چاچا سائين قائم خان خاصخيلي مونکي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي وٺي آيو ۽ سينيئر پروڊيوسر سائين علي نواز خاصخيلي مون کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اي ڪئٽيگري ۾ بحيثيت ڪمپيئر، صداڪار ۽ ڊراما رائٽر منظرعام تي آندو ۽ ائين آئون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پلوڙ ۽ سينئر ڪمپيئرز محمود مغل، ماڪن شاهه رضوي، زيب سنڌي، امين ارباب، پياري موسيٰ چانڊيو، خليل جان قريشي، علي عمران سمون، گُل ڪونڊر، نياز پنهور، خادم حسين بلوچ جهڙن ناليوارن آوازن جي قطار ۾ اچي بيٺس. شروعاتي ڏينهن ۾ مُنهنجي سَنگاٿي شاگردن جي مقبول پروگرام يونيورسٽي مٿُرَين ۾ علي عمران سمون، مير مُرڪ وادي، سنڌو جويو، زبيده ابڙو، شهزادي ڪنول چند، شازيه ۽ سعديه قريشي، مختيار نظاماڻي، غزل فاطمه سان گڏ ٽيم ورڪ هيٺ ٿي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا چار شاندار ڏينهن هئا جو مون ناچيز کي سينيئر براڊ ڪاسٽرز سائين علي نواز خاصخيلي، مرحوم انور هڪڙي، سائين نصير مرزا، سائين گُل حسن قريشي، مرحوم جهانگير قريشي، مرحوم زاهد قلباڻي، الاهي بخش ٻانيڻ ۽ فني سهڪاري سٽ اسٽوڊيوز انجنيئر ادا حاجي محمد کوکر ۽ گُلزار ملاح جهڙن پيارن ماڻهن جو جتي نه رڳو تمام گهڻو قُرب مليو، آتي وڪ وڪ تي براڊڪاسٽنگ جي دُنيا جا سمورا گُرَ ۽ انداز سکڻ لاءِ مليا. يونيورسٽي مٿُرَين کان وٺندي مقبول پروگرامن سُگند، ادبي سنگت ۽ رنگ ترنگ سميت ڊرامه سائيڊ تي مُلڪي سطح تي مقبول صداڪارن مرحوم اي آر بلوچ، مرحوم يعقوب ذڪريا، مرحوم حُسين قادري، عبدالمجيد عابد، عقيل قريشي، سيما مرزا، مرحوم ڪامران ڀٽي ۽ ٻين سان گڏ مقبول ڊرامن ۾ صداڪاريءَ جو اعزاز حاصل ٿيو. انهن ڏينهن ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي تمام گهڻي رونق هوندي هئي، خاص طور تي سينئر پروڊيوسر سائين الاهي بخش ٻانيڻ ۽ مرحوم ڪامران ڀٽيءَ جي آفيسن ۾ ٽهڪن جي گُونجار هوندي هئي، ڪامران ڀٽي مرحوم اسان دوستن کي پيرودي نالن سان سڏيندو هو، جيئن مير مُرڪ وادي کي مير سمائل ڪارپينٽر، الاهي بخش ٻانيڻ صاحب کي گاڊ بليسنگ ٻانيڻ، غزل فاطمه کي پوئٽري گرل، گُل ڪونڊر صاحب کي فلاور سولجر ۽ مون کي هيپي هرٽ خاصخيلي سڏيندو هو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جون آهي ساروڻيون وسارڻ سان نٿيون وسرن، مزي جي ڳالهه جيڪا نٿي وسري ته اسان جي پياري ڪمپيئر ۽ ڊرامه رائيٽر دوست مير مُرڪ وادي کي ريڊيو جي ڪاريڊور ۾ مرحوم ڪامران ڀٽي صاحب وڏي آواز سان مزاحيه انداز ۾ چوندو هو ته مسٽر سمائل ڪارپينٽر مون کي لڳي ٿو ته ريڊيو تي ڪم ڪندڙ سڀ پرڻجي ويندا پر تون ڪنوارو ئي رهجي ويندين ۽ ڪنوارو ڪمپيئر سڏائيندين. اڄ مرحوم ڪامران ڀٽي جي مذاق ۾ ڪيل اُها ڳالهه تمام گهڻو ياد اچي ٿي، ڇوته پيارو مير مُرڪ وادو 50 بهارون ڏسي چُڪو آهي پر شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ نه ٻڌو سو نه ٻڌو اڄ به اسان پياري مير مُرڪ وادي کي ڪنوارو ڪمپيئر ڪري سڏيندا آهيون.

(هلندڙ)

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

معصوم نياڻين سان ڏاڍائيءَ وارو واقعو

حيدرآباد ۾ معصوم نياڻين سان پيش آيل افسوسناڪ واقعن دل کي ڏڪوئي ڇڏيو آهي. هڪ سماج جي حيثيت سان اسان لاءِ اها انتهائي شرمناڪ ڳالهه آهي ته ننڍڙيون نياڻيون به هاڻي محفوظ ناهن رهيون. پهڻ ۽ پنجاري جي علائقن ۾ پيش آيل اهي واقعا صرف ٻن خاندانن جو ڏک نه پر پوري سماج جي ناڪاميءَ جو عڪس آهن. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران جوابدارن جي گرفتاري يقيناً هڪ مثبت قدم آهي پر اهو سوال اڃا به باقي آهي ته اهڙا واقعا آخر پيش ڇو ٿا اچن؟ جيڪڏهن اسان کي پنهنجي ايندڙ نسل کي محفوظ بڻائڻو آهي ته صرف ڏوهارين کي سزا ڏيڻ ڪافي ناهي، پر سماجي شعور کي به وڌائڻو پوندو. والدين کي پنهنجي ٻارن تي وڌيڪ نظر رکڻي پوندي، جڏهن ته اسڪول ۽ سماجي ادارن کي به اخلاقي تربيت ۽ آگاهي مهم هلائڻي پوندي. حڪومت کي گهرجي ته اهڙن ڏوهارين خلاف سخت قانوني ڪارروائي کي يقيني بڻائي ۽ متاثر ٻارن کي نفسياتي ۽ قانوني مدد فراهم ڪري. ساڳئي وقت، ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪندي اهڙن مسئلن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا افسوسناڪ واقعا نه ورجائجن.

شهزادي پرڳڙي، حيدرآباد

ريڊيو ڪمپيئر سان انصاف ڪيو وڃي

شهزاد علي گهانگهرو 14 سالن کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪمپيئر جي حيثيت ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. ريڊيو ڊرامن ۾ پڻ جوهر ڏيکاريا آهن. شهزاد جو شمار ريڊيو پاڪستان جي بهترين ڪمپيئرن ۾ ٿئي ٿو، جڏهن کان لاڙڪاڻي مان هڪ نئون پروڊيوسر مير بهادر علي بدلي ٿي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آيو آهي، تڏهن کان هن ريڊيو حيدرآباد جي ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. هن پروڊيوسر صاحب ڪمپيئر شهزاد علي گهانگهرو کي بنا ڪنهن سبب جي پروگرام "سُگند" مان ڪڍي ڇڏيو

آمريڪا جي فضائن مان

گولي، گراف ۽ گمان جي وچ ۾ - خاموشيءَ جو وزن

راجا زاهد اختر خانزاده

واشنگٽن جي اُن شام کي مان ڪڏهن به نه وساريندس. روشنيون هيون، لفظ هئا ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ اهڙو آواز اڀريو، جنهن سڀ ڪجهه ساڪن ڪري ڇڏيو. گولي جو آواز هڪ لمحو، جيڪو خبر بڻجي ويو، پر خبر ڪڏهن به رڳو واقعو نه هوندي آهي خبر پاڻ سان اهو سوال کڻي ايندي آهي جيڪو اسان پڇڻ نٿا چاهيون. اهو آئينو کڻي ايندي آهي جنهن ۾ ڏسڻ کان اسان پاسو ڪندا آهيون ۽ هن ڀيري آئينو رڳو سيڪيورٽيءَ جو نه هو، نه رڳو حملي آور جو ، هي نه هڪ سڄي قوم جو چهرو هو جيڪا پنهنجي ئي عڪس کان ڊپ ۾ آهي ڇاڪاڻ ته اُن شام هڪ ٻي شيءِ به زير بحث هئي ريٽنگ.

۽ اِهو ئي اُهو مقام آهي جتي اسان کي ترسڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪنهن قوم جي سياست انگن اکرن جي گراف ۾ سوڙهي ٿي وڃي، تڏهن سمجهي ڇڏجو ته ڪٿي نه ڪٿي اُن جو ضمير پنهنجي جاءِ تان هٽي چڪو آهي

انگ ٻڌائين ٿا ته صدر ٽرمپ جي عوامي مقبوليت جي شرح انهن ڏينهن ۾ 33 کان 36 سيڪڙي جي وچ ۾ ڌڪندي رهي آهي ڪجهه مهينا اڳ هيءَ 38 کان 43 سيڪڙو هئي اُن کان اڳئين سال ۾ 42 کان 44 سيڪڙي تائين پهتي هئي هيءَ هڪ گراف آهي- مٿي چڙهندڙ هيٺ لهندڙ ترسندڙ وري هلندڙ پر گراف رڳو ليڪا نه هوندا آهن گراف جي هيٺان جيئرا ماڻهو هوندا آهن ۽ انهن جي مٿان اُها ڇاتيون جنهن کي سياست ڇٽيو آهي ۽ اِنهيءَ ئي ڇاتيءَ ۾ واقعا جنم وٺندا آهن

پوءِ اوچتو ٽي حملا پهريون، جنهن ۾ گولي ڪَن کي ڇُهي گذري وئي ٻيو، جتي هڪ شخص هٿيار کڻي ويجهو پهچي ويو ۽ ٽيون، اُن هال ۾ جتي طاقت ۽ صحافت گڏ موجود هيون.

هتان کان سوال اُٿن ٿا، اُهي سوال جيڪي زبان تي نٿا اچن پر خاموشيءَ ۾ گونجن ٿا ۽ خاموشيءَ جو پنهنجو هڪ وزن هوندو آهي اِهو مون زندگيءَ ۾ بار بار سکيو آهي ڇا هي رڳو اتفاق آهي ته سياسي دباءَ جي لمحن ۾ خطرا وڌي ويندا آهن؟ ڇا هيءَ رڳو هڪ ٽٽل فرد جي ڪهاڻي آهي يا اُن ماحول جي جتي ڪاوڙ شڪل اختيار ڪرڻ لڳي آهي؟ ۽ سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ سوال ڇا هر حملو رڳو هڪ فرد جي حد تائين محدود هوندو آهي يا اُهو اُن سماج جي ڏارن جي شاهدي هوندو آهي جنهن ۾ اُهو فرد ساهه کڻندو آهي؟ مون زندگيءَ ۾ هيءَ ڳالهه سکي آهي ته ڪوبه فرد خال ۾ جنم نه وٺندو آهي ڪابه نفرت آسمان مان نه لهندي آهي اسان جيڪو پوکيون ٿا، اِهوئي لڻون ٿا ۽ پوءِ حيران ٿيندا آهيون ته هيءَ فصل ڪٿان آيو.

بين الاقوامي ميڊيا فوري طور تي هڪ لفظ تي اتفاق ڪري ورتو. "lone wolf" اڪيلو بگهڙ. هڪ شخص، هڪ هٿيار، هڪ لمحو. نيو يارڪ ٽائمز ۽ ٻيا وڏا ادارا اِهو ئي بيانيو ورجائيندا رهيا، ڄڻ هي لفظ پاڻ ۾ هڪ تعويذ هجي جيڪو اسان کي وڌيڪ سوچڻ کان بچائي وٺي ڇاڪاڻ ته "اڪيلو بگهڙ" چوڻ آسان آهي هيءَ چوڻ ته اُهو اسان مان ئي هڪ هو، اسان جي ئي ٺاهيل دنيا جي پيداوار هو، اسان جي ٻولي، اسان جي ڪاوڙ، اسان جي ٽيليويزن، اسان جي سوشل ميڊيا جو ٻار هو. هي چوڻ ڏکيو آهي ڇاڪاڻ ته ايئن چوڻ جو مطلب آهي ته اسان سڀ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾، اُن جا ڀاڱي ڀائيوار آهيون.

ٽڪر ڪارلسن جيڪو هميشه بيانيي جي وٽين ۾ جهاتي پائيندو آهي اِن خاموشيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هو پُڇي ٿو: "ڇا اهو ممڪن آهي ته ايتري سيڪيورٽيءَ جي باوجود هڪ شخص اِن جاءِ تي پهچي وڃي؟" هيءَ سوال الزام ناهي شڪ جي اُها ڌند آهي جيڪا هر وڏي واقعي ڪانپوءِ ڇانئجي ويندي آهي سنڌس اشارو ڪنهن هڪ اداري ڏانهن نه آهي بلڪ اُن تصور ڏانهن آهي جنهن کي اسان "ڊيپ اسٽيٽ" چوندا آهيون. هڪ اهڙي طاقت، جنهن جو وجود ثابت ناهي، پر جنهن جي موجودگي محسوس ڪئي وڃي ٿي ۽ هتي مون کي ترسڻو آهي ڇاڪاڻ ته سوال ڪرڻ هڪ شيءِ آهي ۽ سوال ۾ پناهه وٺڻ ٻي ڪي سوال اسان کي حقيقت جي ويجهو وٺي ويندا آهن ۽ ڪي اسان کي اُن کان وڌيڪ پري، ڪي سوال آئينو هوندا آهن ۽ ڪي پردو اسان کي هي سکڻو آهي ته انهن ۾ فرق ڪيئن ڪجي ٻئي طرف، رائٽرز، گارڊين ۽ ٻيا ادارا چون ٿا ته هيءَ حملو ڪنهن ٻاهرينءَ سازش جو نه، بلڪ هڪ اندروني ٽوڙ ڦوڙ جو اظهار آهي هڪ اهڙو سماج جيڪو پنهنجي اندران ٻري رهيو آهي جتي اختلاف هاڻي مڪالمو نه رهيو، دشمني بڻجي چڪو آهي ۽ هيءَ ڳالهه شايد سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي ڇاڪاڻ ته هي اسان کي ڪنهن ٻاهرين دشمن ڏانهن اشارو نٿي ڪري هيءَ اسان کي پنهنجي ئي طرف موٽائي ٿي

حملي آور جي ڪهاڻي به اِن ئي طرف اشارو ڪري ٿي هڪ شخص جنهن پنهنجي ڪاوڙ کي لفظن ۾ پرويو، هڪ منشور لکيو، هڪ فهرست ناهي ۽ پوءِ اُن کي حقيقت ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي سنڌس لفظن ۾ ڪنهن خفيه ايجنسيءَ جي ٻولي نه هئي اُن ۾ هڪ ٽٽل ذهن جي بازگشت هئي اهڙي ذهن جي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن لمحي اڪيلو ڇڏي ڏنو ويو هو. سماج کان، گهر ڀاتين کان، معنيٰ کان، پنهنجي پاڻ کان. پر سوال پوءِ به باقي آهي ڇو هر وڏي واقعي ڪانپوءِ حقيقت سان گڏ هڪ ٻي ڪهاڻي به جنم وٺندي آهي؟ ڇو هر گوليءَ سان گڏ هڪ سازش جي سُسپس به ٻڌڻ ۾ ايندي آهي؟

مان سمجهان ٿو ڇاڪاڻ ته سچ جو بار اسان کان کڻو ڪنيو ٿئي سچ هي آهي ته هڪ اڪيلو ٽٽل انسان به هڪ قوم جي سُک کي ڇيري سگهي ٿو سچ هيءَ آهي ته نفرت ڪنهن هدايت کان سواءِ به وڌي ٿي سگهي ٿي سچ هيءَ آهي ته دنيا بي ترتيب آهي ۽ اُن جي بي ترتيبي اسان جي پنهنجي انتشار جو عڪس آهي ۽ هيءَ سچ ايترو ڪَوڙو آهي جو اسان اُن جي بدران سازش کي ترجيح ڏيون ٿا. ڇاڪاڻ ته سازش ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ترتيب هوندي آهي هڪ منصوبو هوندو آهي هڪ ڏوهي هوندو آهي جنهن ڏانهن اسان آڱر کڻي سگهون ٿا ۽ آڱر کڻڻ هميشه آسان هوندو آهي آئينو ڏسڻ جي ڀيٽ ۾. هيءُ ئي اُهو مقام آهي جتي صحافت ۽ فلسفو هڪ ٻئي سان ملن ٿا. صحافت اسان کي حقيقتون ڏيندي آهي فلسفو اسان کي اُنهن حقيقتن جو بار کڻڻ سيکاريندو آهي

اِن واقعي ۾ حقيقتون ڇٽيون آهن هڪ حملو ٿيو هڪ شخص گرفتار ٿيو، ڪوبه چٽو ٻاهريون نيٽ ورڪ سامهون نه آيو پر ڪهاڻي پوءِ به ختم نٿي ٿئي ڇاڪاڻ ته اصل ڪهاڻي گوليءَ جي نه آهي اُن فضا جي آهي جنهن ۾ گولي هلي اُها فضا، جتي اختلاف نفرت ۾ بدلجي چڪو آهي اُها فضا، جتي سوال جواب کان وڌيڪ طاقتور ٿي چڪا آهن اُها فضا، جتي حقيقت ۽ خيال جي وچ ۾ فاصلو سُسي رهيو آهي هيءَ حملو رڳو هڪ شخص جو عمل نه آهي ۽ نه ئي لازمي طور تي ڪنهن خفيه سازش جو نتيجو هي هڪ فضا جو عڪس آهي هڪ اهڙي فضا، جتي اعتماد ڪوڪلو ٿي چڪو آهي جتي هر خبر سان گڏ هڪ شڪ جهٽيل آهي ۽ جتي هر گوليءَ سان گڏ هڪ سوال جنم وٺندو آهي جنهن جو جواب اسان ٻڌڻ نٿا چاهيون

آخر ۾، اسان کي ٻن حقيقتن کي گڏ قبول ڪرڻو پوندو، جيڪي هڪ ٻئي کان متضاد لڳنديون آهن پر ٻئي سچيون آهن

پهرين، ته انگ اکر ڪوڙ نٿا ڳالهائين ريٽنگ ڪِرندي آهي وڌندي آهي پنهنجي وقت تي هلندي آهي ٻي، ته هر واقعو هڪ گراف کان گهڻو وڌيڪ پيچيده هوندو آهي ڇاڪاڻ ته هر گراف جي هيٺان انسان هوندا آهن ۽ انسان ڪڏهن به رڳو انگ نه هوندا آهن

اِن ڪري سوال هي ناهي ته هيءَ حملو ڪنهن ڪيو سوال هيءَ به ناهي ته اِن سان ڪنهن کي فائدو پهتو اصل سوال اُهو سوال جيڪو اسان کي پنهنجي پاڻ کان پڇڻو پوندو، ڀلي جواب ڪيترو به تڪليف ڏيندڙ ڇو نه هجي هي آهي: ڇا اسان هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي چڪا آهيون، جتي حقيقت، شڪ ۽ سياست هڪ ئي ڪهاڻيءَ جا ٽي ڪردار بڻجي چڪا آهن؟

۽ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ هر گولي رڳو هڪ آواز نه آهي اُها هڪ سوال آهي ۽ اِن سوال جو جواب ڪنهن ايجنسيءَ وٽ ناهي ڪنهن صحافيءَ وٽ ناهي، ڪنهن سياستدان وٽ ناهي

اِن جو جواب اسان جي پنهنجي ضمير وٽ آهي

۽ ضمير، جيئن مون هڪ ڏکيءَ زندگيءَ ۾ سکيو آهي سڀ کان بي رحم شاهد هوندو آهي

شهدادپور تعلقي جو روڊ سنڌ حڪومت جي ترجيح ۾ ڇو ناهي؟


نور سنڌي

دنيا ۾ ائين ڪٿي به نه آهي ته شهرن ۾ جن پاڙن ۽ ڀرپاسيءَ ۾ جن ڳوٺن جي عوام اقتداري پارٽيءَ جي چونڊيل نمائندن کي ووٽ نه ڏنا هجن ته انهن سان انتقامي ڪارروايون ڪندي اتي ترقياتي ڪمن ۾ انهن کي نظرانداز ڪرڻو آهي اسان جي ملڪ ۾ به ماضيءَ ۾ اهڙو رواج نه هو، ذوالفقار علي ڀٽو جو دور هجي يا شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو، محمد خان جوڻيجو جو دور هجي يا پرويز مشرف جو ڄام صادق علي خان جو دور هجي اهڙو رواج تمام گهٽ رهيو آهي پر هاڻ ته شهيد ڀٽن جي پارٽي جنهن جا واڳ ڌڻي هاڻ اسان جو محترم آصف علي زرداري، ميڊم فريال ٽالپور، بلاول ڀٽو، بختاور ۽ آصفه ڀٽو آهن سنڌ حڪومت ۾ پ پ جو هيءَ چوٿون دور هلي رهيو آهي پ پ جو سنڌ ۾ پهريون دور وري به صحيح رهيو پر ان بعد ٻيو دور ۽ ان کانپوءِ ٽيون دور، جڏهن ته هلندڙ دور ۾ پ پ مخالف ماڻهن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي سانگهڙ ضلعي جي ڳالهه ڪبي ته ايم اين اي اڳي شازيا عطا مري، ايم پي اي ڄام شبير علي خان، اڳوڻو ايم پي اي فراز خان ڏيرو ۽ موجوده ايم پي اي سردار پارس خان ڏيرو جي تڪن ۾ وري به پ پ مخالف ماڻهن جي علائقن ۾ ترقياتي ڪم ٿيندي نظر اچي رهيا آهن جڏهن ته شهدادپور ۾ جيستائين مرحوم عبدالسلام ٿهيم هو ته جيترا پيرا به پاڻ ايم پي اي ٿيو ته پنهنجي تڪ جي بنا فرق ڪم ڪيو، وٽس ڪم ڪار لاءِ ڪو پ پ مخالف ايندو هو ته کين نه صرف عزتون ملنديون هيون پر سنڌس ڪم به ٿيندو هو، اتي ۾ لوڻ برابر ووٽ ملندا هئا اتي به ترقياتي ڪم ٿيندا هئا. 1988ع، 1993ع ۽ 2009ع واري سنڌ ۾ پ پ دور ۾ عبدالسلام ٿهيم ڪافي مسلم ليگ ف ۽ ٻين پ پ مخالف سياسي پارٽين جي ماڻهن کي به ڪجهه نه ڪجهه نوڪرين جا آرڊر به ڏنا هئا پر سنڌس لاڏاڻي بعد پي ايس شهدادپور جي پ پ مخالف ڳوٺن کي نظرانداز ڪيو وڃي پيو ان حوالي سان وقت به وقت ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي خبرون به اينديون رهن ٿيون ڪافي سالن کان ميڊيا تي سوشل ميڊيا کان ويندي مختلف پروگرامن ۾ ۽ ڪچهرين ۾ تعلقي شهدادپور جي هڪ ننڍڙڪي روڊ شاهپورچاڪر/ شهدادپور روڊ مان درگاهه هاشم شاهه وٽان نڪرندڙ روڊ جيڪو مختلف ڳوٺن کان ٿيندو ٻرهون روڊ سان وڃي ملي ٿو هن روڊ مان وري ڪيترن ئي ڳوٺن جا لنڪ روڊ نڪرن ٿا هن روڊ سان 3 کن يونين ڪائونسلون ملن ٿيون جهڙوڪ يونين ڪائونسل مراد علي رند، يونين ڪائونسل شاهه مردان شاهه ۽ يونين ڪائونسل شجاع جکرو جا وڏي تعداد ۾ ڳوٺ لڳن ٿا انهن ۾ وڏي تعداد ۾ ننڍا ڳوٺ شامل هئڻ ڪانسواءِ ڪيترائي وڏي آباديءَ وارا ڳوٺ به شامل آهن هيءَ روڊ، جيڪو شهدادپور/سنجهورو ٻرهون مقصودو رند ۽ شاهپور چاڪر سان ملندڙ روڊن جو هي لنڪ روڊ آهي ٺاهيو پيو وڃي ته اهو روڊ ڄام صادق علي جي دور ۾ 1990ع ڌاري ٺهيو هو. هن روڊ تي هزارين ماڻهو آباد آهن پر هن روڊ تي آباد خلق خدا جو وڏو تعداد مسلم ليگ ف سان آهي شايد ان ڪري هن روڊ کي سدائين نظر انداز ڪيو ويو آهي قانون ۽ انصاف جي تقاضا اها آهي ته اهو اهم روڊ يا ڪنهن ٻئي روڊ تي آباد ماڻهن جو تعلق ڀلي ڪهڙي به جماعت سان هجي پر آهن ته پاڪستاني ۽ آهن ته سنڌ واسي ملڪ ۾ جيڪي ترقياتي ڪم ٿين ٿا، اهي عوام جي ٽيڪس مان ٿين ٿا ۽ اهو ٽيڪس هر پارٽي يا جماعت وارا ڏين ٿا. ان ڪري اهي پيپلا هجن، ليگلا هجن يا نواز ليگي هجن، قوم پرست هجن ان ڪري اتي نه بنيادي سهولتون ڏيڻيون آهن نه ترقياتي ڪم ڪرائڻا آهن نه وري اتان جا روڊ رستا ٺهرائڻا آهن عجيب ۽ ڪِل جهڙي ۽ چڙ ڏياريندڙ ڳالهه آهي اهڙو فرق نه رکڻ گهرجي سنڌ جو وڏو وزير ڪهڙي به پارٽيءَ جو هجي پر اهو اسان سڀن جو وڏو وزير آهي صدر، وزيراعظم، وفاقي ۽ صوبائي وزير، جيڪي به آهن سي سڄي عوام لاءِ آهن انهن کي عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ انهن تي قانوني طور انهن تي فرض آهي اهڙي ريت چونڊيل نمائنده ڀلي ڪهڙي به سياسي پارٽيءَ جا هجن پر جڏهن هو چونڊجي اچن ٿا ته اهي تڪ جي سڀني پارٽين جي ووٽرن جا چونڊيل نمائنده آهن سنڌ جي ڪجهه ٻين تڪن ۾ به ان قسم جون شڪايتون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن اسان جي هر حڪومت توڙي چونڊيل نمائندن کي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ گهرجي ترقياتي ڪم ڪرائڻ گهرجن مٿي ذڪر ڪيل روڊ توڙي ان روڊ تي آباد ڳوٺن توڙي ٻين مخالف ڌر جي ڳوٺن ۾ به ترقياتي ڪم ٿيڻ گهرجن مٿي ذڪر ڪيل روڊ جي سلجاهه وٺڻ جو چوڻ آهي ته هن روڊ توڙي هن روڊ تي آباد هڪ روحاني جماعت جي ڳوٺن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي هن روڊ تي آباد ڳوٺن جي سلجاهه وند ماڻهن جو چوڻ آهي ته هن روڊ جو چار ڀيرا نوٽيفڪيشن ۽ تعميراتي ٽينڊر پاس ٿيڻ باوجود صرف انگن اکرن تائين محدود آهي جڏهن ته ٿورو ٽڪر ٺهڻ بعد ٺيڪيدار غائب ٿيو وڃن هن اهم روڊ جي سلجاهه وندن پاران اڪثر سوشل ميڊيا تي روڊ جي حالت جون تصويرون ۽ وڊيوز به نظر اينديون آهن اخبارن ۾ به خبرون اينديون آهن اتان جي خلق خدا اڪثر دانهون ڪوڪون ڪندي رهي آهي پر افسوس جو حڪمرانن ۽ هتان جي چونڊيل نمائندن پاران نوٽيس نه ورتو پيو وڃي جڏهن ته ان روڊ تي آباد ڳوٺن کي بنيادي سهولتون ڏيڻ کان محروم رکيو ويو آهي

’اک ستم اور میری جان، ابھی جان باقی ہے‘


مير اعظم علي ٽالپر

اڄ اوهان هيءَ فلم ’صاعقه‘ جو گانو محمد علي ۽ شميم آرا تي فلمايل ۽ مهدي حسن جو ڳايل پڙهي حيران ٿي ويا هوندا ته هي ڇا آهي؟ دراصل اڄ سومر 27 اپريل جي عبرت اخبار جي پهرئين صفحي جي پهرين ۾ ڪالم خبر سولر سسٽم ۽ لائسنس تي آهي، اُها پڙهي اِهو گانو ياد اچي ويو. سنڌي ۾ هڪ پهاڪي جو سينسر شده مثال هن طرح ڏيڻ مناسب آهي ته ڪنهن ڇوڪري کي ڪنهن ماڻهوءَ يا ڪن ماڻهن ڇَٽ ۽ لالچ ڏئي ڪاٽ (ٻَند) ڪلهي تي کڻايو. سوَن جيان سدائين عوام کي حڪومت پهرين لالچ ۽ ڇٽ ڏئي سولرائيزيشن سسٽم ڪُلهي تي کڻايو ۽ عوام به هڪ بجلي اڻ لپ ۽ اڪ ٻوٽ کان بيزار ۽ مٿان مهانگائي جي مار سبب سولر کي مالِ غنيمت سمجهي پنهنجن گهرن جي ڇتين مٿان هيون ڇتيون ناهي آرام جي ننڊ سمهڻ لڳا ته اوچتو سرڪار جيڪا مائي باپ آهي، ڏنو ته هاڻ عوا جي جان ۾ جان اچي وئي آهي ۽ سو خبر نه آهي ڪهڙن عقل جي اڪابرن ۽ ڏاهن جي ڏسڻ ۽ ڪن ڀرڻ وارن صلاح ڪارن، مشيرن ۽ وزيرن جي چوڻ تي سولر هڻڻ وارن لاءِ توانائي (جيڪا هاڻ عوام ۾ باقي نه بچي آهي) واري وزارت سولر سسٽم لڳائڻ وارن سڀني لاءِ نيپرا جو لائسنس لازمي ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو في ڪلو واٽ هزار روپيا جي حساب سان ملندو. هاڻ سائين منهنجا ڏيو مَنهن. مطلب نه نيپرا جو ٺپو ڪاغذ تي لڳندو اُن بعد سولر به لڳندو. جيئن اڳ ۾ جڏهن ملڪ ۾ نئين نئين ڊش انٽينا آئي ته اُن تي به حڪومت في وٺڻ شروع ڪئي هئي، اُن بعد ٽي وي جا 30 روپيا بجلي جي بِل ۾ شامل ڪيا ويا هئا. پر ڪجهه وقت اڳ هڪ جوڙي ڏاڍي مشهور ٿي هئي ته ’منهنجو جسم، منهنجي مرضي‘ اُن وانگر هيون به جوڙيون اُن جهڙيون ميدان ۾ آيون ته ’منهنجو قلم، منهنجي مرضي‘ اُن وانگر جيڪي پنهنجن گهرن ۾ سولر هڻائي رهيا آهن، اُنهن جو به ڪجهه اهڙو ئي چوڻ آهي ته ’منهنجو گهر منهنجي مرضي‘ گهر منهنجو ڇت منهنجي خرچ منهنجو، سولر منهنجو، سج ۽ اُن جي روشني الله جي ته پوءِ حڪومتي نيپرا جي في ڇو ڀري وڃي؟ اُن لاءِ ڇو اجازت ورتي وڃي؟

جڏهن ته اهي خيال ۽ خواب پنهنجي جاءِ تي آهن پر جيڪي ماڻهو اهڙا قانون ۽ قائدا ويهي ناهين ٿا، انهن کي سمجهائڻ ڏاڍو مشڪل آهي ڀلي ڪير به اهو چوي ته ’منهنجي زبان منهنجي مرضي‘، پر اهو ممڪن ناهي ته ڏاڍ اڳيان وس هلائي سگهجي جو ته پوليس پڪڙڻ بعد ڏڪ هڻڻ لاءِ ڪوهنڊ نه ڏسندي آهي جتي به ڏڪ لڳي اُن جيان ٽيڪس هڻڻو آهي ته پوءِ ڪو به ڀهانو نه هلندو. جيتوڻيڪ عوام مٿان اڳ ئي ڪيترائي ٽيڪس لاڳو آهن هاڻي سولر تي به ٽيڪس لڳائڻ اُن کي ڄڻ ناجائز سمجهڻ برابر آهي تهن ڪري اُن لاءِ لائسنس ۽ فيس لازمي قرار ڏئي پئي وڃي سولر هڻڻ لاءِ حڪومت عوام کي پهرين لالچ ڏئي آندو آهي پر هاڻ ٽيڪس، اِجڪلهه بجلي تي هلڻ وارن گاڏين جو خبر نه آهي ته مستقبل ۾ ڇا حشر ٿيندو؟ جيڪڏهن واقعي اها حالت آهي ته پوءِ هوا تي به ٽيڪس هجي، قبرستان ۾ به في قبر تي حڪومت ٽيڪس وٺڻ شروع ڪري ته واهه جو سرڪاري خزانو ڀرجي ويندو ۽ اُن لاءِ پڪي قبر، ماربل واري قبر جو اڳهه جدا هجي، البته ڪچي قبر وارن لاءِ رعائيت هجي، اُها تجويز خبر نه آهي جو اڃا صلاحڪارن سرڪار کي نه ڏني آهي؟

جن جي پيدائش 1960ع کان اڳ يا اُن جي آس پاس ٿي هوندي ۽ جن ٿِلي (گهڙي) جو پاڻي پيتو، ڪُني (چاڏي) جو ڏڌ (لسي) پيتو ۽ نڪر جي پڪل ماني کاڌي هوندي، انهن کي ياد هوندو ته اُن زماني ۾ جڏهن به ڪا فلم سئنيما ۾ ڏٺي ويندي هئي ته فلم شروع ٿيڻ کان اڳ پردي تي ’خبرنامو‘ نيوز ريل طور ڏيکاريو ويندو هو، راقم کي صحيح ياد نه ناهي ته ڪڏهن کان، پر اهو شوق سان ڏسندو رهيو آهي. صدر محمد ايوب خان جي دور کان وٺي، پوءِ يحيٰ خان ۽ اُن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو تائين شروع ۾ خبرنامو صدر ايوب جي نالي سان هلندو هو ۽ اُن ۾ سنڌس ملڪي ۽ غير ملڪي دورا ڏيکاريا ويندا هئا. پوءِ يحيٰ خان جي دور ۾ به صدر سان لاڳاپيل خبرون هونديون هيون. جڏهن ته پوءِ آهستي آهستي وزيراعظم جون خبرون به نمايان ٿيڻ لڳيون. بهرحال هڪ دفعي امريڪا جي هڪ سئنيما ۾ فلم کان اڳ لڳ ڀڳ پنجن منٽن جو هڪ پُراسرار خبرنامو ڏيکاريو ويو، اُن ۾ رڳو گهر جي ڇت تي لڳل پنکو ڦرندي ڏيکاريو ويو، جيڪو پنج منٽ مختلف اينگلز کان ڪئميرا ۾ نظر ايندو رهيو، هال ۾ ويٺل تماشائي منظر تبديل ٿيڻ جو انتظار ڪندا رهيا، پر منظر تبديل نه ٿيو ۽ نيٺ هو بور ٿيڻ لڳا. آخر ۾ جڏهن منظر کليو ته اُن پنکي هيٺان هڪ کٽ تي سَتل معذور ۽ بيمار شخص ڏيکاريو ويو، اُن منظر جو مطلب اِهو هو ته هُو شخص ڪيئن تڪليف برداشت ڪري رهيو آهي، سو اسان کي به صبر ۽ برداشت سکڻ گهرجي.

البته جڏهن هتي چونڊون ٿيون هيون ته منظر تبديل ٿيل هو، سياسي پارٽين خاص ڪري پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) پاران 300 يونٽ بجلي مفت عوام کي ڏيڻ جا واعدا ڪيا ويا هئا، جيڪي اليڪشني واعدا هئا ۽ اردو جوڙتي موجب ’وه وعده هي ڪيا جو وفا هو جائي‘ هاڻ اُنهن پارٽين عوام کي مفت بجلي ته نه ڏني مرڳيو سج جي روشني تي هلندڙ سولر سسٽم تي لائسنس ۽ في لڳائي ڇڏي. اهڙي حالت ۾ پارٽين کي مبارڪ ڏجي يا شاباش ڏجي، هاڻي اِهو به ممڪن آهي ته گهرن اندر يا ٻاهر ڌوٻين جا ڪپڙا اُس ۾ سڪائڻ تي به ٽيڪس لاڳو ڪيو وڃي ۽ ٻي صورت ۾ سج جي اُس تي ڪپڙا سڪائڻ وارن کي ’اُس چور‘ سڏيو وڃي اُن ڪانسواءِ اِهو به ٿي سگهي ٿو ته جڏهن به برسات وسي ته شهرن جي روڊن رستن ۽ نالين ۾ پيدا ٿيندڙ گپ چڪ جي نالي تي ’برسات صفائي ٽيڪس‘ به عوام کان وصول ڪيو وڃي ۽ ايتري قدر جو ايندڙ ڪڪرن ۽ بادلن کي به سرڪار پنهنجي ملڪ مٿان اچڻ تي ڄڻ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي جڏهن ته مفت بجلي جو اعلان ڪرڻ واري مريم نواز وزيراعليٰ پنجاب لاهور ۾ 50 ايڪڙن تي فلم سٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي پر جنهن شهر ۾ وڏي ۾ وڏو فلم اسٽوڊيو باري (باري غلام محمد ملڪ) باقي نه بچيو ته هاڻ ٻيا ڇا هلندا اُن ڪانسواءِ توانائي جي وزير اويس احمد خان لغاري پاور ٻوين کي درخواست ڪئي آهي ته 25 ڪلوواٽ سولر سسٽم استعمال ڪرڻ وارن کي لائسنس ۽ في کان آجو قرار ڪيو وڃي، سائين منهن ڏيو منهن سچل سرمست جي ڪلام وانگر ’رنگي رنگ بنايا‘ وزير صاحب حڪم بدران درخواست ٿو ڪري، عجب رنگ آهي. سولر تي ٽيڪس جو ڪارڻ سنڌي پهاڪي ’آئون به رئيس، تون به رئيس ته پوءِ گڏهه ڪير هڪليندو‘ مطابق اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته جيڪڏهن عوام رڳو سولر هڻائي ڇڏيو ته پوءِ سرڪار جي خزاني ۾ بجلي واري ايندڙ رقم بند ٿي ويندي ته اُن جو گڏهه ڪير هڪليندو اُن ڪري سولر تي ڪنهن طريقي سان ٽيڪس وجهي ڦوڪڙ ڪمائجن، ملڪ جو بجيٽ عنقريب ايندو اُن ڪري آءِ ايم ايف جون فرمائشون به ٿينديون ۽ سرڪار چئي ته قدرت جي ڏنل سج اُن جي روشني ۽ اُس کي به امير ۽ غريب لاءِ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي عوام کي پيٽرول بم سان مارڻ ڪانپوءِ به اُن ۾ ڪجهه ساهه ۽ جان باقي آهي، اُن ڪري سولر جي سهولت به کسي عوام جي بچيل ساهه ۽ جان ڪيجي، اُن لاءِ اهو گانو بلڪل فٽ آهي ته ’اک ستم اور ميري جان، ابهي جان باقي هي‘ ڪالم تازو گذريل هفتي راقم نه لکڻ جو لکيو هو پر پڙهندڙن جي هڪ وڏي اڪثريت رابطو ڪري لکڻ کي جاري رکڻ جو چيو جن ۾ سائين مثل جسڪاڻي، عبدالمنان ميمڻ عبدالله جروار، ڊاڪٽر رضا محمد چانڊيو، ڀيڻ ڪملا پونم، ميڊم نجمه ڦليپوٽو وغيره اُن ڪانسواءِ گذريل هفتي جي مضمون ۾ لفظ ’اپنيا ٻيو‘ جو مطلب ڪراچي مان سائين عبدالمنان ميمڻ ٻڌايو ته اُهو ٻار جي راند رهڻ وارو پاڻي وارو بال کي چئبو آهي جنهن ۾ ربڙ جي ڏور ٻڌل هوندي آهي ۽ سائين اُن لاءِ اُن منظر جو هڪ پراڻو هندستاني فلم جو گانو به موڪليو، جنهن ۾ اهو پاڻي وارو بال ڏيکاريو وڃي ٿو.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَاهَڙَ جَا سِينگَارَ، اُنَ اَڻَ ڏِنَا اَڳِي هُئَا،
ڪُنَ ڦَيَڪُونَ ڪَا نَه هُئِي، نَڪَا ٻِي پَچَارَ،
مُحَبَّتَ سَانُ مِيهَارَ، لَايَائِيـنَ لَطِيفُ چَئِي.

لطيف سائين سهڻي جي پيار متعلق پختو دليل ڏيندي ٻڌائي ٿو ته هن (سهڻي) کي ميهار سان محبت، پيار ته ازل کان به اڳ هو اڃا ته خالق ڪائنات جهان جوڙڻ جو ارادو به نه ڪيو هو اڃا ته اهڙي ڪا پچار ئي ڪا نه هئي، سهڻي ته اُن وقت پنهنجي محبت، پنهنجو پيار ماڻي ورتو هو." اهو سهڻيءَ جي پنهنجي پيار ۾ سچائي ۽ خود قربانيءَ جو بي مثال دليل آهي، جنهن کي نشانبر ڪري لطيف سائين پيار جي هن (سهڻي) ڪردار کي امر بڻائي ڇڏيو.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن - 28 اپريل

اطهر منگي



اڄ مشهور ليکڪ ۽ پروڊيوسر اطهر منگيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. سنڌس اصل نالو علي نواز منگي آهي ۽ سنڌس جنم 28 اپريل 1948ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ واسو ڪلهوڙي ۾ ٿيو. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌس ڪٽنب دادوءَ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. هن ايم اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ 1984ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچيءَ تي اسسٽنٽ پروڊيوسر طور عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. هن پنهنجي نوڪريءَ جو گهڻو حصو پاڪستان ٽيليويزن ڪوئيٽا تي گذاريو ۽ بلوچي، پشتو ۽ براهويءَ ۾ ڪيترائي پروگرام ۽ ڊراما پيش ڪيائين. هو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ شاعر آهي. هن جي سنڌي ۽ اردو شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ڪومل جذبا سهڻيون سوچون"، "گيت سحر جا"، "ڌوپ ڪي تمازت" ۽ "خواب جزيره" شامل آهن.

ايوب عمراڻي



اڄ ناليواري ليکڪ ايوب عمراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي، هو هڪ بهترين شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ صحافي هو. سنڌس جنم 28 اپريل 1966ع تي تعلقي مانجهند ضلعي ڄامشوري جي ڳوٺ شاهه اويس قرنيءَ ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ڇهون، ستون ۽ اٺون ڪلاس مڊل اسڪول مانجهند مان ۽ مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول سن مان پاس ڪيائين. هن ايم اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. هن صحافتي زندگيءَ جي شروعات "روزاني مهراڻ اخبار" ۾ ڪيليگرافر طور ڪئي، اُن بعد مختلف سنڌي اخبارن ۾ ڪم ڪيائين ۽ هڪ ڪالم نگار طور مشهور ٿيو. 1988ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. اڳتي هلي 2009ع ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو

نڪل آڏواڻي



نڪل آڏواڻي هندستاني فلمن جو مشهور هدايتڪار، پيشڪار ۽ اسڪرين رائيٽر آهي هن جو جنم 28 اپريل 1971ع تي ممبئيءَ جي هڪ سنڌي هندو گهراڻي ۾ ٿيو. مشهور فلمي پروڊيوسر اين اين سپي هن جو ڏاڏو هو. هن ڪيمسٽريءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي. نڪل 1990ع واري ڏهاڪي ۾ اسسٽنٽ پروڊيوسر ۽ اسڪرين رائيٽر طور فلمي دنيا ۾ پير پاتو. هدايتڪار طور سنڌس پهرين فلم "ڪل هو نه هو" هئي، جيڪا 2003ع ۾ رليز ٿي. سنڌس ٻين فلمن ۾ "سلام عشق" (2007)، "چاندني چوڪ ٽو چائنا" (2009)، "پٽيالا هائوس" (2019) ۽ ٻيون فلمون شامل آهن

احسن ڪربلائي

اڄ سنڌ جي مشهور عالم، اديب ۽ شاعر مرزا گل حسن بيگ احسن ڪربلائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هيءُ ناليوارو اديب پهرين مارچ 1897ع تي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌس والد مرزا دوست محمد بيگ به پنهنجي دور جو هڪ وڏو اديب ۽ عالم هو هن قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي، اُن بعد مقامي مدرسي مان تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو عملي زندگيءَ جي شروعات 1918ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۾ ملازمت سان ڪيائين ۽ آڪٽراءِ انسپيڪٽر طور 1953ع ۾ رٽائر ٿيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائيٽر طور ڪم ڪيائين ادب ۽ شاعريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي چاهه هُئس هن پهرين نعت 1914ع ۾ لکي شاعريءَ ۾ حافظ حيات شاهه مرزا قربان علي بيگ ۽ مرزا مدد علي بيگ جهڙن ڪهنه

مير جان محمد ٽالپر

مختيار اثر

مير جان محمد ٽالپر جو جنم 22 جولاءِ 1912ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر جهول ۾ ٿيو. سنڌس سماجي ۽ عام ڀلي جي ڪمن سبب جهول شهر جا ماڻهو کيس اڄ به عزت ۽ احترام سان ياد ڪن ٿا. هو 1939ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو. پاڻ آل انڊيا مسلم ليگ سنجهوري شاخ جو صدر پڻ رهيو. ون يونٽ خلاف هلندڙ هلچل ۾ چڱو ڀهرو ورتائين. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ تعلقي ڪائونسل جهول جو چيئرمين بڻجي ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايائين. هن 28 اپريل 1981ع تي وفات ڪئي.

مولانا جان محمد عباسي

اڄ مشهور ديني عالم ۽ سياستدان مولانا جان محمد عباسيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. هو 1925ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ٻيڙو جتوئيءَ ۾ پيدا ٿيو. هن عربيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان گريجوئيشن ڪئي. سياسي سفر جي شروعات جماعت اسلاميءَ جي ميمبر طور ڪيائين ۽ سڄي عمر انهيءَ پارٽيءَ سان سلهاڙيل رهيو. هو 1954ع کان 1956ع تائين جماعت اسلامي ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر رهيو. 1964ع ۾ جماعت اسلامي خيرپور ڊويزن جو امير رهيو. اُن بعد جماعت اسلاميءَ جي مجلس شوريٰ جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين. هن ڪرمپور يونين ڪائونسل جي چيئرمين ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. 1964ع ۽ 1977ع ۾ جيل جي سزا به ڀوڳيائين. 1977ع وارين عام چونڊن ۾ ذوالفقار

1932ع تي تعلقي ٽنڊي حيدر، ضلعي ٽنڊي محمد خان جي ڳوٺ ونگائي مهيريءَ ۾ ٿيو. هو ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو مٺيا وارو ماڻهو هوندو هو. هن ٽنڊي باڳي هاءِ اسڪول مان 1952ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. اُن کان علاوه هن سنڌي اديب واري امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. 1952ع ۾ ئي تعليم کاتي ۾ سنڌي اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ 1980ع ۾ رٽائر ٿيو. 1960ع ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ ٻن سالن جي تربيتي ڪورس دوران برک اديب مولانا غلام محمد گرامي، ابن الياس سومري ۽ ع.ق شيخ جي صحبت کيس هڪ وڏو اديب بنائي ڇڏيو. هن جا مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا. هو لڳ ڀڳ 40 سال "روزاني عبرت اخبار" سان نمائندي ۽ ڪالم نويس طور لاڳاپيل رهيو. آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽيءَ پاران کيس "بهترين ڪالم نويس" جو ايوارڊ پڻ مليو. هو هڪ سٺو شاعر به هو. سنڌس شاعريءَ ۾ غزل، گيت، وايون، بيت، قطعا ۽ ٽيڙو شامل آهن. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "ٽنڊو محمد خان جو تاريخي ۽ ترقياتي سفر"، "موهن جي ڏڙي جي منظوم تاريخي ڪهاڻي" ۽ "هلو ٽڪيا پسون تن جا" شامل آهن. تاريخ 28 اپريل 2021ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

ڪامران ڀٽي

اڄ مشهور براڊڪاسٽر ڪامران ڀٽيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 15 ڊسمبر 1934ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. 1956ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ صداڪار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان خبرون پڙهڻ شروع ڪيائين. اڳتي هلي ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ اسلام

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول / فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سبحانه ڌيءِ غلام سرور زرداري رهندڙ ڳوٺ مڪراڻي تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز .پلينٽف... بخلاف ... شاه محمد ولد غلام رضا زرداري رهندڙ ڳوٺ مڪراڻي تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس اينڊ داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول / فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
(روبرو جناب عامر سهيل)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 01 سال 2026

مسمات ماروي ڌي خدا بخش رهندڙ مخدوم پاڙو هالا نيو ضلعو مٽياري .پلينٽف... بخلاف... غلام سرور ولد سليمان رهندڙ قاضي احمد تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج اينڊ گارڊين جج II هالا
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات رخسانه ارباب بيواهه شفيق احمد ذات ارباب رهندڙ ارباب محله نزد عبدالرحيم پرائمري اسڪول هالا ضلعو مٽياري.ايپليڪينٽ.... بخلاف ... (1) زينت بانو ڌيءِ شفيق احمد (2) تهذيب ارباب ڌيءِ شفيق احمد رهندڙارباب محله نزد عبدالرحيم پرائمري اسڪول هالا ضلعو مٽياري (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... اپوننٽس (1) محمد عاقب ولد شفيق احمد (عمر 16 سال) (2) Abdul Maniu ولد شفيق احمد (عمر 13 سال) ٻئي مائنر رهندڙ ارباب محله نزد عبدالرحيم پرائمري اسڪول هالا ضلعو مٽياري...مائنرس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج اينڊ گارڊين جج II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
ٽي سي سوٽ نمبر سال 2026

ناظر حسين ٻگهيو ولد شوڪت علي رهندڙ ڳوٺ قاسم ٻگهيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري .پلينٽف.... بخلاف ... ارباب ڪلهوڙو ولد محمد ساجن رهندڙ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي تعلقو هالا ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري -/Rs.900,000 لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 15 سال 2026

غلام مصطفيٰ ميمڻ ولد شمس الدين ميمڻ رهندڙ ميمڻ محله هالا اولڊ ضلعو مٽياري .ايپليڪينٽ.... بخلاف ... (1) بهزاد شمس ميمڻ (2) غلام رضا ميمڻ (3) مسمات عليشا (4)عليشا ميمڻ سڀ پٽ ڌيئرون شمس الدين (5) مسمات فرحانه بيواهه شمس الدين سيريل نمبر 4 معرفت ماءُ مسمات فرحانه (مائنر) رهندڙ ميمڻ محله هالا اولڊ ضلعو مٽياري ... اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي شمس الدين ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130113792239 وفات جي تاريخ 05-06-2021 پراپرٽي ۾ HBL هالا برانچ جي اڪائونٽ نمبر 02400013850601 رقم -/585872.88 ۽ MCB هالا برانچ جي اڪائونٽ نمبر 0379698901001406 رقم -/120293.93 تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
ٽي سي سوٽ نمبر 06 سال 2026

محب علي ولد خير محمد ذات لغاري .پلينٽف... بخلاف ... (1) مسمسات بشيران ڌيءِ خيرمحمد (2) محمد زمان ولد غلام حسين ٻئي رهندڙ ڳوٺ خير محمد لغاري ديهه 108 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري -/Rs.1100000 لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم 1 ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 102 سال 2025

مسمات ناهيد ڌيءِ الله ڏنو رهندڙ ڳوٺ مير يار محمد تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص .پلينٽف... بخلاف علي حسن ولد محمد اقبال ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ مير يار محمد تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم 1 ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
رينٽ ايپليڪيشن نمبر 02 سال 2026

محمد يونس ولد عبدالواحد معرفت اٽارني Amar Latif Sheraz ولد محمد يونس ذات مگنهار رهندڙ ملڪ شاه پاڙو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار .پلينٽف... بخلاف حبيب ولد محمد ابراهيم ذات مگنهار رهندڙ ملڪ شاه پاڙو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف زير قلم 15 سنڌ رينٽيڊ پرمسز آرڊيننس 1979 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 70 سال 2026

وجاهت علي ولد محمد انور ذات ٽالپر رهندڙ مسلم ڪالوني ٽنڊو سومرو روڊ تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار .پلينٽف... بخلاف (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) ريجنل ڊائريڪٽر نادرا ڪراچي (3) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (4) چيئرمين يو سي ٽنڊو الهيار (5) محمد ا نور ولد محمد عرس رهندڙ ڳوٺ فضل محمد ٽالپر ٽنڊو الهيار (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاه
ايف سي سوٽ نمبر 246 سال 2025

(1) امتياز ڪيريو ولد الله بچايو ڪيريو رهندڙ QUEST ڪالوني نوابشاهه (2) سيد اسد عباس شاهه بکيراڻي ولد گل حسن شاه رهندڙ پوليس لائن ڪوارٽر نوابشاه (3) عرفان ارشد ولد ارشد علي آرائين رهندر فارسي باغ سانگهڙ روڊ نوابشاه (4) عبدالفتاح رند ولد احمد خان رهندڙ نوابشاه سٽي (5) نثار احمد ولد رياض احمد ارائين رهندڙ رياض چئيرٽي اسپتال تاج ڪالوني نوابشاه .پلينٽف... بخلاف (1) سيڪريٽري انفارميشن ڪراچي (2) ڊي سي شهيد بينظير آباد (3) ڊائريڪٽر انفارميشن شهيد بينظير آباد (4) صدر پريس ڪلب نوابشاه محمد انور شيخ (5) جنرل سيڪريٽري نوابشاه پريس ڪلب ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينيٽري انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 39 سال 2026

(1) مسمات نبيلا بيواهه ميان بخش زرداري رهندڙ ڳوٺ ڏڱاڻو خان زرداري تعلقو نوابشاه.ايپليڪينٽ... بخلاف (1) مسمات طاهره (2) مسمات صنم ٻئي ڌيئرون مرحوم ميان بخش (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) منصور اعلي (2) جانب علي جي گارڊين جي مقرري بابت تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر 15 سال 2026

مسمات حميده بيواهه الله ورايو عمراڻي رهندڙ ڳوٺ بوچاڻدي تعلقو سڪرنڊ..ايپليڪينٽ.... بخلاف (1) مختيار علي (2) اختيار علي (3) دلدار علي (4) مسمات زبيده (5) مسمات سميرا سڀ پٽ ڌيئرون الله ورايو عمراڻي (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) مصرت جنت خاتون (2) منثار علي (3) راحيله (4) نثار آحمد (5) حميرا (6) اسرار علي جي گارڊين جي مقرري بابت تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شهزادي ڌيءِ فتح محمد ذات سولنگي رهندڙ رحماني نگر وارڊ نمبر 5 سيتا روڊ ڪي اين شاه .پلينٽف... بخلاف ... امير بخش ولد محمد عثمان ذات سولنگي وينل وارڊ نمبر 12 سولنگي محله سعيد آباد ضلعو مٽياري ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف خلاع، ٻارن جو خرچ ۽ ادت جو خرچ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 45سال 2026

مسمات زينت ڌيءِ علي انور ملاح وينل رحمت ڪالوني ڪي اين شاه ضلعو دادو .پلينٽف... بخلاف ... حبيب الله ولد علي محمد ملاح وينل چمن شاه ڪي اين شاه ضلعو دادو ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 45سال 2026

مسمات سپنا ڌيءِ سليمان جوڻيجو رهندڙ ريلوي ڦاٽڪ ڪالوني نزد تاج ڪالوني نوابشاه .پلينٽف... بخلاف ... مشاهد علي ولد علي شاه رهندڙ ڳوٺ ليمون شاه تعلقو ضلعو نوشهروفيروز سيل نمبر 03000035347 ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ ڏاج جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات فيض النساءِ زوجه عبدالرحمن وينل ڳوٺ نواب ولي محمد تاجپور تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي عبدالرحمن ولد محب علي خان لغاري جيڪو ايجوڪيشن کاتي ۾ رٽائرڊ استاد هو ۽ سني فرقي جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 12-12-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات فيض النساءِ بيواهه (2) محمد لطيف يعني لغاري (پٽ) (3) مسمات عطيه (نياڻي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي منير احمد ولد عبدالغني عرف شيدو جانوري ۽ عتيق احمد ولد عبدالرحيم لغاري جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين وارثن جي نالي تي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

سڀني عام وخاص ماڻهن لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته عرضدار نالي محمد ڪوڙ ولد دلاور ذات مري رهندڙ ڳوٺ الهرکيو پناڻ ديهه ٽيڪي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار اسان وٽ درخواست ڪئي آهي ته سندس والد نالي دولار ولد الهبچايو جيڪو تقريبن 15 سال اڳ فوت ٿي ويو آهي سندس نالي تي ديهه ٽيڪي ۽ ڌاسوڙي تعلقو جهنڊو مري ۾ زرعي زمين آهي جنهن جو فوت کاتو سندس جائز وارثن ۾ تبديل ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ علائقي جي ٻن معزز ماڻهن هر هڪ نالي (1) امير بخش ولد ملوخان ذات پناڻ (2) غازي خان ولد قادر بخش ذات سنڌي پناڻ رهندڙ ڳوٺ الهرکيو پناڻ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو آهي جنهن موجب فوتي دلاور ولد الهبچايو هيٺيان جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد ڪوڙ پٽ فوتي جو (2) مسمات مياڻ زال دلاور ان بعد مسمات مياڻ زال دلاور پڻ فوت ٿي چڪي آهي جنهن جو نالي محمد ڪوڙ پٽ دلاور جائز وارث آهي جيئن ته فوتي دلاور کي نياڻين جو اولاد پڻ هو نالي هر هڪ (1)مسمات حڪيم زادي ڌي دولاور زال سيف علي (2) مسمات زيب النساءِ ڌيءِ دلاور زال الهبچايو جيڪو فوتي دلاور جي حياتي ۾ فوتي ٿي ويل آهن تهنڪري هن اشتهار ذريعي سڀني عام و خاص ماڻهن لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي ۽ فوتڻ جي فوتي کاتي بدل بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪو به اعتراض آهي ته ان بابت هن اشتهار جي اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت جي صورت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ داخل ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتي بابت وڌيڪ تحرڪ ورتو ويندو ۽ ڪا به حجت نه ٻڌي ويندي

مختيارڪار روينيو تعلقو جهنڊو مري

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات بشيران بي بي زوجه عمر وينل ڳوٺ ريحان مري تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي عمر ولد يوسف مري جيڪو پاڪستان ريلوي ۾ گينگ مين هو ۽ سني فرقي جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 19-02-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات بشيران بي بي (بيواهه) (2) رضوانه (ڌي) (3) نصيبان (ڌي) (4) عظيمه (ڌي) (5) گل رقيه (ڌي) (6) نازش (ڌي) (7) عارفه (ڌي) (8) ندا (ڌي) (9) حسنا (ڌي) (10) ڪامران (پٽ) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي ظفر ولد يارمحمد مري ۽ جاويد علي ولد الهه بچايو مري جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين وارثن جي نالي تي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي شفقت حسين ولد مولا بخش خواجه درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي مولا بخش ولد علي ڏنو خواجه جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي جي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقي بدين تڪراري سروي نمبر 210 جيرا نمبر 1935 مان ايراضي 387 چورس اسڪوائر فوٽ پلاٽ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شهباز روڊ لڳ ڪاٽڻ مولا بخش جعفري اسپتال شهر بدين تعلقا بدين ۽ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن تفصيل فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي مولا بخش ولد علي ڏنو خواجه جي جائز وارثن جا نالا وارثن جا 1 انصار حسين پٽ فوتي جو 2 شفقت حسين پٽ فوتي جو 3 مختيار علي پٽ فوتي جو 4 مسمات خير النساءِ ڌيءِ فوتي جي 5 مسمات ڪنيز عزرا ڌيءِ فوتي جي جائز وارث چئيا آهن تهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته هن مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات نائلا زال امتياز علي شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جو مڙس نالي امتياز علي ولد الهڏنو شاهه جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي جي ديهه ڳها گهوڙو ٽپو دونگهڻدي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 253 ۽ ٻين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۽ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن تفصيل فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي امتياز علي ولد الهڏنو شاهه جي جائز وارثن جا نالا وارثن جا 1 علي شاهه پٽ فوتي جو 2 عليزا فاطمه ڌيءِ فوتي جي 3 مسمات نائلا زال فوتي جي جائز وارث چئيا آهن تهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي جاويد انور ولد محمد انور ذات پرڳڙي درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي ماجد انور ولد محمد انور تاريخ 30-10-2024 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي جي ديهه 222 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۽ بلاڪ سروي نمبر 289 ۽ ٻيا مان ڪل حصي موجب ايراضي 11-18 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ جئيو پرڳڙي ديهه نمبر 222 ۾ ڪري اٿئي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا آهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) جاويد انور (2) شاهد انور (3) امجد (4) مسمات سيمه پرڳڙي (5) مسمات سلميٰ (6) مسمات ثمينه هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

بقايا 1 نقصان

حاصل ڪيل ڄاڻ موجب ڳوٺ منهدار ۾ گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي ويئي جنهن سبب 30 کان مٿي پوراهيتن جا گهر سڙي رک ٿي ويا جن ۾ دوست علي ويسر ممتاز ويسر بلال ويسر جمال پورو جلال ملن پنهل نصير سنگراسي سردارو سلطان ماڻڪ آدم ، صمد سرون حڪيم لاکو علي نواز سبحان علي قائم اميد علي سڀ سنگراسي، هاڻي ميگهواڙ ساجن ميگهواڙ ۽ ٻيا شامل آهن باهه سبب گهرن ۾ پيل سمورو الهه تلهه سميت سڙي رک ٿي ويو ۽ ٻڪريون پڻ سڙي ويون جڏهن ته لڳ ڀڳ ساڳئي ئي وقت اسلام ڪوٽ جي ٻئي ڳوٺ گوڙهيار ۾ اوڏا برادري جي گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي ويئي جنهن ۾ 35 کان مٿي پوراهيتن جا گهر سڙي رک ٿي ويا جڏهن ته هڪ لانگ جيپ سميت 10 چوپايو مال ٻڪريون ڇيلا ۽ هڪ اٺ پڻ سڙي ڪوئلو ٿي ويا.انهي سلسلي ۾ متاثر ڳوٺاڻن موجب اطلاع باوجود فائربرگيڊ عملو دير سان پهتو جنهن سبب نقصان وڌيڪ ٿيو.باهه سبب گهرن ۾ موجود لکين رپين جو اناج سون ۽ چاندي جا زيور ڪٽ بسترن سميت سمورو الهه تلهه سڙي ڪوئلو ٿي ويو ڳوٺاڻن موجب باهه جي شدت تيز هئڻ سبب صرف پنهنجن ٻچن کي بچائي سگهياسين باقي گهرن ۾ پيل سڀ ڪجهه سڙي ڪوئلو ٿي ويو آهي علائقي واسين موجب ٻنهي ڳوٺن ۾ 70 جي لڳ ڀڳ گهر جن ۾ سوين ڪکاوان چونئرا لاڏيون ۽ واڙون سڙي رک ٿيون ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو آهي.باهه لڳڻ جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي باهه متاثر سخت گرمي ۾ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن ڪنهن به سندن سار نه لڌي آهي متاثرن وس وارن کان واهر جي اپيل ڪئي آهي.ٻئي پاسي ٿر ۾ فائر برگيڊ گاڏين جي کوٽ جو مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي. راڄ سوسائٽي پاران وڏي وزير کي خط لکي ٿرپارڪر ۾ يونين ڪائونسل سطح تي فائر برگيڊ گاڏيون مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي آهي.انهي سلسلي ۾ راڄ سوسائٽي پاران ٿرپارڪر ۾ هرسال وڌندڙ باهه جي واقعن ۽ شديد عوامي تڪليف سميت جاني ۽ مالي نقصان کي نظر ۾ رکندي رائيٽس اوبرنيس اينڊ جسٽس سوسائٽي پاران شديد خدشا ظاهر ڪندي سنڌ جي وڏي وزير کي خط لکي ويو آهي.سوسائٽي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ سماجي اڳواڻ اسد آزاد پاران لکيل خط ۾ ڄاڻايو آهي ته ٿرپارڪر ضلعو سنڌ جو سڀ کان وڏو ضلعو ۽ صحرائي علائقو آهي جتي شديد گرمي پد سبب باهه جا تمام واقعا پيش اچن ٿا. حڪومتي سهولتن تي مايوسي جو اظهار ڪندي هن ڄاڻايو آهي ته ضلعي جي 7 تعلقن ۾ ڊٻل فائربرگيڊ گاڏيون اڪثر ٿيندڙ واقعن تي مشيني خرابي ۽ طويل مفاصلي سبب ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ ناڪام آهن.انهي لاءِ هر يونين ڪائونسل سطح تي هڪ فائير برگيڊ گاڏي ڏيڻ سميت تعلقي سطح تي ايمرجنسي ڪنٽرول روم قائم ڪرڻ ۽ ڪائونسلس جي مدد سان هر ڳوٺ ۾ بنيادي باهه وسائڻ وارا اوزار ڏيڻ جي گهر ڪندي جاني توڙي مالي طور ٿرپارڪر جي ماڻهن کي بچائڻ لاءِ اپيل ڪئي آهي.

بقايا 2 بيان رڪارڊ

به اغوا ناهي ڪيو اهڙي بيان کان پوءِ ڪيس فريد ڪوسو جي پيءُ ڏاڻر ڪوسو حوالي ڪيو ويو ۽ فريد ڪوسو کي جوڊيشل ڪسٽڊي ڏادو موڪليو ويو ٻئي پاسي، چوڪري کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا ۽ وڏي انگ ۾ پوليس اهلڪار موجود هئا. ان موقعي تي شبانه چانڊيو جا والدين به عدالت پهتا، پر ڪين پنهنجي نياڻي سان ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي، جنهن تي هو سخت احتجاج ڪندا رهيا.

بقايا 3 لاش وارثن حوالي

ميڊيا تي نشر ٿيڻ بعد وارث اسپتال پهتا جتي اسپتال انتظاميه ضروري ڪارروائي بعد فوتي پيرسن جو لاش سندس پٽ يار محمد بروهي حوالي ڪري ڇڏيو ان حوالي سان اسپتال انتظاميه جو چوڻ هو ته فوتي پيرسن چانڊڪا سول اسپتال جي او پي ڊي ۾ ڇاتيءَ جو ايڪسري ڪڍرائي علاج لاءِ آيو جتي دل جو دورو پوڻ سبب هو فوت ٿيو جنهن جو لاش چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو هوڏانهن فوتي جو لاش وارث ايمبولينس جي ذريعي ڳوٺ ڪٺائي ويا جتي لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 4 تعزيت

شبير علي بجاراڻي، صوبائي وزير علي حسن زرداري، صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه صوبائي وزير بابل خان ڀيو صوبائي وزير سعيد غني صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، ايم پي اي منظور حسين وساڻ سينيٽر محمد اسلم ابڙو اڳوڻو صوبائي وزير سردار يار محمد رند ۽ ٻين جکراڻي هائوس پهچي پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان سندس ننڍي پٽ مير زيد خان جکراڻي جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ايم پي اي مير ممتاز حسين جکراڻي مير خالد خان جکراڻي سردارزاده نور الرحمان خان جکراڻي ميونسپل ڪاميٽي جو چيئرمين مير غلام عباس جکراڻي ضلع ڪائونسل جو چيئرمين مير طاهر حسين ڪوسو انجمن تاجران جو صدر مير احمد علي بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. مرحوم مير زيد خان جکراڻي جي تيجهي جي دعا سياڻي جکراڻي هائوس جيڪب آباد ۾ گهري ويندي

بقايا 5 قتل جو الزام

جو چوڻ هيو ته منهنجي زال اڪبر بيمار رهندي بيماري سبب فوت ٿي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته پوسٽ مارٽم اچڻ کان بعد حقيقت سامهون ايندي جنهن بعد قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 6 الهه تلهه رک

۾ پيل هر شيءِ خاڪ جي ڍير ۾ تبديل ٿي وئي متاثر خاندانن کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن متاثر خاندان اعليٰ اختيارين ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته سندن مالي سهائتا ڪئي وڃي ته جيئن ٻچن جو گذر سفر ڪري سگهن

بقايا 7 نوجوان فوت

زخمي ٿي پيو زخمي کي مقامي ڳوٺاڻن بيهوشيءَ جي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سگهندي فوت ٿي ويو آهي، زخمي نوجوان نيوسعيدآباد شهر جي عاشق علي ڪالونيءَ جو رهواسي هو ، اطلاع تي وڏي تعداد ۾ سندس وارث پمس نواب شاهه اسپتال پهچي ويا، جتي ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ٻئي پاسي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بقايا 8 احتجاجي ڌرڻو

ڪندڙ خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي مظاهرين جي هٿن ۾ نعري وارا پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي بيٺا هئا، جن تي قبرستان جي تحفظ ۽ قبضي ختم ڪرڻ بابت نعرا لکيل هئا، ان موقعي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ علي امداد لاڙڪ، شوڪت گهانگهرو، ڊاڪٽر نظير ڪوڪر شاهنواز وساڻ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ڪندي چيو ته عيسو لاکو قبرستان راڄي پور ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن جي تاريخي ۽ مذهبي اهميت جو حامل آهي، جتي اسان سميت آسپاس جي علائقن جي رهواسين جي ابن ڏاڏن جون قبرون موجود آهن تنهنڪري ان تي ڪنهن به قسم جو ناجائز قبضو هرگز قبول نه ڪيو ويندو هنن الزام هنيو ته ڪجهه بااثر ماڻهو قبرستان جي زمين تي قبضي جون ڪوششون ڪرڻ جي لاءِ اتي لڳل تاريخي اوائلي وڻ وڍايا ويا آهن جيڪا نه رڳو غيرقانوني آهي پر مقامي ماڻهن جي جذبات سان پڻ کيڏڻ جي برابر آهي مظاهرين اهو پڻ چيو ته جيڪڏهن قبضو ڪندڙ ۽ وڻ وڍيندڙن خلاف انتظاميه فوري قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو مظاهرين حڪومت سنڌ، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ان معاملي جو نوٽيس وٺي قبرستان تي ٿيندڙ ناجائز قبضي جي ڪوششن کي روڪيو وڃي ۽ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو اجان وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 9 رهيا ڦر

وڃي رهيو هو جڏهن هو مٽياري ٽول پلازه ويجهو پهتو ته اڳواٽ پيڇو ڪندڙ نامعلوم ڌاڙيلن سوارن سندس گاڏي کي روڪي ورتو اطلاعن موجب هٿيارٻند جوابدارن ڪار سوار کي يرغمال بڻائي نقد 6 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واردات بعد جوابدار تيزي سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته متاثر شخص سخت خوف ۾ مبتلا ٿي ويو واقعي جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته پرپاسي وارن علائقن ۾ ناڪابندي پڻ ڪئي وئي پوليس موجب جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي ٻئي پاسي شهرين ۽ واپارين سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته قومي شاهراهه ۽ ٽول پلازه جهڙن حساس هنڌن تي به جيڪڏهن ماڻهو محفوظ ناهن ته پوءِ عام شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪيئن ممڪن ٿيندو هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مٽياري ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي گشت وڌايو وڃي ۽ ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته تازن ڏينهن ۾ ڦر ۽ چوري ۽ رهزني جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي، جنهن سبب ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن شهرين مطالبو ڪيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا فوري طور امن امان بحال ڪري عوام کي تحفظ فراهم ڪن

بقايا 10 جوابدار گرفتار

ڪيون ويون اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مڱسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌائي سندس چوڻ موجب اطلاع ملي هئي ته شراب سپلائرز گينگ جو هڪ جوابدار شراب کڻي پنهنجن گراهڪن ڏانهن وڃي رهيو آهي جنهن تي ٻبرلو پوليس کي ناڪابندي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ٻبرلو پوليس ناڪابندي دوران قومي شاهراهه تي ٽيڙهي پرسان جوابدار کي روڪي تلاشي ورتي، جنهن دوران سندس قبضي مان 62 بوتلون شراب هٿ ڪيون ويون جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي موجب منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو سماج لاءِ خطرناڪ آهن ۽ انهن خلاف بنا وقفي جي ڪارروايون جاري رکيون وينديون

بقايا 11 احتجاج

گرفتار ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان بار بار سڪرنڊ ٿاڻي تي ويا آهيون پر پوليس نه صرف سندس پياءُ بابت ڪا به ڄاڻ ڏئي رهي آهي، پر ڪيس ظاهر به نه پيو ڪيو وڃي هن چيو ته پنهنجي پياءُ جي گمشدگي بابت اين سي درج ڪرائڻ وياسين پر پوليس اين سي به داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو عامر بروهي چيو ته منهنجو پياءُ بيگناهه آهي ۽ خدشو آهي ته ساڻس ڪا زيادتي نه ڪئي وڃي هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي منور بروهي کي بازياب ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 12 گهر ۾ ڪهرام

ڪانيون پاڻ کي قتل ڪرڻ وارو واقعو زخمي ٿيل عورت لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ فريد آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي ۾ رشتو نه ڏيڻ تان جوابدار شهمير ڪولاچي پاران گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪري نوجوان ناري ريما کي قتل ڪري سندس جي امڙ مسمات سيما ڪولاچي کي زخمي ڪري پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪرڻ واري حملي ۾ زخمي ٿيل مسمات سيما ڪولاچي لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ پنهنجي زندگي جي جنگ هارائي ويٺي آهي جڏهن ته عورت جي فوت ٿيڻ جي خبر پوڻ تي سندس جي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو

بقايا 13 قتل جو الزام

ڪري قتل ڪيو آهي جوابدارن خلاف ڪيس داخل نه ڪيو ويو ته ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو جلال بوزدار جون ميڊيا سان ڳالهايون تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو جي صحافي جلال بوزدار جي ڀيڻ مبينه طور فوت ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ صحافي جلال بوزدار ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته پوليس اهلڪار گلاب بوزدار شاهد بوزدار شعيب بوزدار پورل مانڻ ۽ شاڪر سميت ٻين ڀيڻ تي حملو ڪري قتل ڪيو آهي جيڪو ظلم آهي هن چيو ته ڪجهه وقت اڳ پڻ ساڳي ئي جوابدارن گهر تي چڙهائي ڪري اسان جي گهرن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو هيو هاڻ وري هڪ ڀيرو ٻيهر حملو ڪري منهنجي ڀيڻ کي بي گناهه قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن جيڪو ظلم آهي پر جوابدار پوليس اهلڪار هجڻ سبب بي لغام بڻيل آهن سندن خلاف پوليس ڪارروائي نٿي ڪري هن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڀيڻ کي قتل ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندوهوڏانهن الزام هيٺ آيل اهلڪار گلاب بوزدارسوشل ميڊيا تي قرآن پاڪ رکي چيو ته مان منهنجي سوٽيلن جو قتل سان تعلق ناهي عورت کي اسان قتل ناهي ڪيو هن ايس ايس پي گهوٽڪي ٻين وس وارن اپيل ڪئي شفاف جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي اسان کي جلال وارااناحق خون ڦاسائڻ چاهن ٿا اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 اعتماد جو اظهار

جلاوطن احمد ٻلاغ جي صدارت ۾ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پ پ هالا سٽي جي سينيئر نائب صدر فياض علي ڏرس جنرل سيڪريٽري ريحان مغل ڊپٽي جنرل سيڪريٽري جمشيد ملاح محمد رمضان ملاح، انفارميشن سيڪريٽري محمد جمن ٿمن ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري سڌير خاصخيلي بلاول ملاح سيڪريٽري رڪارڊ اينڊ ايونٽ نياز لاکو فنانس سيڪريٽري دوست محمد راهو آفيس سيڪريٽري نثار احمد ٻلاغ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته اسان چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ڪوچيئرمين آصف علي زرداري ميڊم فريال ٽالپر سرپرستي جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان صوبائي صدر نثار کهڙو ضلعي صدر سيد امير علي شاهه هاشمي سميت سموري پارٽي قيادت جا تمام ٿورائتا آهيون جن اسان تي ڀرپور اعتماد ڪندي اسان کي پ پ هالا سٽي جي عهديدار ڪري اهم ذميواري ڏني آهي هن چيو ته اسان پ پ جا پراڻا جيالا ۽ نظرياتي ڪارڪن آهيون اسان جي جيئڻ مرڻ پاڪستان پيپلزپارٽي سان آهي پارٽي طرفان اسان تي اعتماد ڪري اسان کي اهم ذميواري ڏيڻ تي اسين سندن تمام ٿورائتا آهيون ۽ اسان واعدو ٿا ڪريون ته بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم پاڪستان بڻائڻ سميت پارٽيءَ لاءِ هر قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه هٽنداسين هن اجلاس ۾ نظام الدين ارباب خيرمحمد ڪوري پيو لاکو رياض ڏرس اسلم سومرو عبدالغفور اوٺو حسن راڄو معشوق گهوٽانو ۽ ٻين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 15 عورتون بازياب

جي حد شورا واڙو وڏان 3 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل ٻن عورتن صائمه مجيداڻو ۽ خاني مجيداڻو کي ٽنڊوالهيار پوليس جاکري ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪري بازياب ڪرائي ورتو آهي انهي حوالي سان ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته سگاوتي تڪرار تان ڀلاڻ جي مجيداڻا برادري جي ٻن عورتن کي اغوا ڪيو ويو جنهن بعد اسان جي آءِ جي جوڙي ٽيم تشڪيل ڏني اسان حيدرآباد ۽ مٽياري جي علائقن ۾ آپريشن ڪري 6 سهولتڪار حراست ۾ ورتا جن جي مدد سان اسان اڄ جاکري ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪري ٻنهي عورتن صائمه ۽ خاني کي بازياب ڪرائي ورتو آهي جتي مزاحمت تي ٻن ڄڻن دلدار علي ۽ محمد اسماعيل کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته اسان جون ٽيمون اڃان به ڇاپا هڻي رهيون آهن هن ڪيس ۾ جيڪي به ملوث هوندا انهن کي گرفتار ڪري ڪيفري ڪردار تائين پهچائينداسين هن چيو ته سانوڻ نالي شخص وارن جي نياڻي پنهنجي پسند سان شادي ڪئي انهي جي بدلي ۾ هنن عورتن کي اغوا ڪيو ويو هو اسان عورتن کي بازياب ڪرائي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ياد رهي ته 3 ڏينهن اڳ ٽنڊوالهيار ويجهو شورا واڙو وڏان ٻن عورتن خاني ۽ صائمه کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪيو ويو جنهن جو ڪيس عبدالله مجيداڻو جي فرياد تي عمرساند ٿاڻي داخل ڪيو ويو هو

بقايا 16 رتوريت

ته اطلاع باوجود محرابپور پوليس واقعي کان ڪن لاڙ ڪندي رهي هوڏانهن زخمي ٿيل مالوند واپاري سوهر خاصخيلي کي علائقي واسين محرابپور اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي ياد رهي ته واپارين کان ساڳئي رستي ڪجهه هفتا اڳ ڦر جو واقعو پيش آيو هو.

بقايا 17 رهڻون بجلي ڪاٽا

ڪرائڻ بعد بجلي ڪنيڪشن بحال ڪيو ريوگڊريل ڏينهن ٻيهر ايس ڊي او عملي سان پهچي ڪنيڪشن ڪاٽيو ويوانهي سلسلي ۾ ايس ڊي او ملي حيسڪو خالد حسين شاهه چيو آهي ته پي پي ايچ آءِ رورل هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ تي بجلي جي ٻن ڪنيڪشنن جي مد ۾ پوڻا 2 ڪروڙ بقاياجات رهيل آهن سنڌ حڪومت به واضح ڪيو آهي ته اسپتال پي پي ايچ آءِ حوالي آهي اسان جو واسطو ڪونهيپي پي ايچ آءِ نجي ادارو آهي بل هو پاڻ ادا ڪري اسان هڪ سال کان مسلسل پي پي ايچ آءِ انتظاميا کي بل ادا ڪرڻ بابت نوٽيس ڏنا پر بل ادا نه ٿو ڪيو وڃي اڄ اسان بجلي ڪنيڪشن ڪاٽيو آهي بل ادا ڪرڻ جي صورت ۾ بجلي بحال ڪئي ويندي پي پي ايچ آءِ سنڌ ۾ وڏو ادارو آهي پر ان وٽ بجلي بل ڏيڻ جيترا پئسا ناهن جيڪا افسوس جهڙي ڳالهه آهي.

بقايا 18 بار جو احتجاج

ايچ او ڏهرڪي خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو تفصيل موجب چار ڏينهن اڳ پيپر ڏيڻ لاءِ ويندڙ 17 ورهين جي ڏهرڪي واسي شاگرديائي اريبه غفار اعوان جي اغوا واقعي خلاف ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جي صدر جي شاهنواز وسير ايڊووڪيٽ عظمي اعوان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته شاگرديائي اريبه غفار اعوان 24 اپريل تي گرلز ڪاليج ڏهرڪي پيپر ڏيڻ لاءِ وئي هئي جتان ڪاليج جي ٻاهران هٿيارٻند اغوا ڪري کڻي ويا آهن ليڪن پوليس جو هن وقت تائين اهو ئي روايتي بيان سامهون اچي رهيو آهي ته ڪوشش ڪيون پيا ليڪن چار ڏينهن گذرڻ باوجود هن وقت تائين ڏهرڪي پوليس شاگرديائي کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي هنن الزام هنيو ته اغوا ۾ داد لغاري ٿاڻي جو اي ايس آءِ آفتاب لغاري جو پٽ عديل لغاري ۽ ٻيا ملوث آهن هنن چيو ته پوليس عوام کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته چوويهن ڪلاڪن اندر شاگرديائي کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس ايچ او ڏهرڪي خلاف عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا 19 سيمينار منعقد

پاران ريڊيو پاڪستان خيرپور جي سهڪار سان ترتيب ڏنو ويو. سيمينار جو مقصد قومي يڪجهتي ثابت قدمي ۽ نوجوانن جي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ هو ته جيئن امن، حب الوطني ۽ قومي ذميوارين بابت شعور پيدا ڪيو وڃي.جڏهن ته ڊاڪٽر علي رضا لاشاري، ڪوآرڊينيٽر اسٽوڊنٽس سوسائٽيز سينٽس مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن کي پليڪارڊ چيوهن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اهڙا پليٽفارم نوجوانن کي مثبت ڳالهه ٻولهه ۾ شامل ڪرڻ ۽ اتحاد، ذميواري ۽ قومي هم آهنگي کي وڌائڻ لاءِ انتهائي اهم آهن. هن وڌيڪ چيو ته تعليمي ادارا باشعور ذميوار ۽ محب وطن شهري تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.هن پاڪستان جي هٿيارٻند فوج ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جي قيادت کي ڀرپور پيش ڪندي سندن قربانين خدمتن ۽ پيشاورانه مهارت کي ساراهيو. معرڪه حق جي حوالي سان هن چيو ته هٿيارٻند فوج قومي سالميت جي حفاظت ۽ امن جي قيام لاءِ بهادري، ثابت قدمي ۽ حڪمت عملي جو مظاهرو ڪيو جيڪو سڄي قوم لاءِ فخر جو باعث آهي. هن شاگردن ۾ قومي تاريخ جي ڄاڻ جمهوري قدرن جي واڌاري ۽ شعور پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو ته جيئن هو جديد چئلينجن کي علم اتحاد ۽ تنقيدي سوچ سان منهن ڏئي سگهن. تقريب ۾ مس شمائله رباب رضوي، شهزاد زيب ۽ مس سحرش نور شامل هئا، جن نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ سماجي شموليت ۽ قومي ترقي ۾ سرگرم ڪردارادا ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو.جڏهن ته ريڊيو پاڪستان خيرپور جي نمائندن جن ۾ مير ملاح، ميڊم سنوبر ۽ وزيراعظم يوٿ ڊولپمينٽ ڪائونسل جا ميمبر شامل هئا، سيمينار ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ ان جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 20 انصاف جو مطالبو

مورو وياجين زندگي جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏي آهي هاڻي ته روزگار ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو آهي ۽ چون پيا ته جيڪڏهن گاڏو لڳائيندين ته سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا. هن الزام هڻندي چيو ته موکي وياجي شاهنواز ابڙو ۽ روشن ڪوڪر ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن جو چوڻ آهي ته تون اسان کي پئسا ڏي نه ڏيڻ جي صورت بخش نه ڪيو ويندو هن چيو ته مان انهن وٽ مزدوري ڪندو هئس جنهن دوران مون مجبوري تحت پئسا 8 لک رپيا ورتا هئا جن جي رقم هر مهيني 60 هزار رپيا ڏئي آهي پر هو ان کي تسليم نه پيا ڪن ۽ چوڻ آهي ته توڏي اسان جا 18 لک رپيا آهن جيڪي ڏيڻا پوندا ٻي صورت هاڻي ڪاٿي به روزگار ڪرڻ نه ڏينداسين ۽ اڄ پوليس وٺي گهر تي چڙهائي ڪرائي آهي جنهن ۾ منهنجو پاءُ ظهير ابڙو کي کڻي ويا آهن جيڪا ظاهر نه پيو ڪيو وڃي هن الزام هنيو ته هي وياج خلاڦي ماڻهن کي ڦاسائي رهيا آهن جن سوکي ڦاسايو آهي هنن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت مون سميت گهر ڀاتين کي ڪجهه به نقصان پهتو ته پاڻ ساڙينداسين هنن گهرو وزير آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي مورو ايس ايچ او مورو کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 21 زال مڙس فوت

واقعي واري هنڌ پهچي ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪرڻ فوتين جا مڙهه تعلقه اسپتال جوهي ڪٺائي وئي جتان بعد ۾ مڙهه وارثن حوالي ڪيا جتان وارث فوتين جا مڙهه کاڇي جي اباڻي ڳوٺ ميٿهون جمالي ڪٺائي آيا مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو هراڪ آلي ٿي وئي معلوم ٿيو آهي ته نوجوان اسماعيل جمالي 3 مهينا اڳ پسند جي شادي ڪئي هئي ميهڙ ماڻهن جي شادي جي دعوت ڪائڻ ويل هئا جتان واپسي تي حادثو پيش آيو

بقايا 22 ٽورنامينٽ

برڙو ، سينئر نائب صدر هالا پريس ڪلب رئيس مسعود مهدي ، ايس ايچ او هالا ڪرم عمراڻي ، ايس ايچ او هالا عبدالحفيظ رند ، مختيارڪار هالا نصر الله چارڙو ، قاضي اميد علي ، قاضي خرم ، ملڪ يونس سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته آيل تقريب ۾ مهمانن کي ٽورنامينٽ جي آرگنائيزز ۽ سنڌس ٽيم طرفان سنڌ جي ثقافت لونگين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا .

بقايا 23 سهولتون فراهم

شهدادپور اڊيرولال ويلفيئر ۽ سنڌ حڪومت جي بحالي پروگرام جي سهڪار سان پوچ هندو پنچائت شهدادپور جي تعاون هيٺ سوائي ولاڻ سوائي روڊ تي هڪ ڏينهن وارو مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا 24 بستري پيڙو

علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي عبداش پنهور ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ وڏين وڏين اخبارن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي اڄ پنهنجي زندگي جا ڏهاڙا بيماري سبب بيماري جي بستري تي گذارڻ لڳو آهي

بقايا 25 عرفان ظفر لغاري

هلي ٻيو لياقت جتوئي 8 هزار پارٽيون متاثي چڪو آهي لياقت جتوئي کي ساٿهو ڇڏي ويندا آهن پوءِ وري پارٽي متاثيندو آهي پ پ لياقت جتوئي کي جو آئيندي

بقايا 26 ماءُ کي قتل

نشي جي حالت ۾ پنهنجي ماءُ تي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ موقعي تي ئي فوت ٿي وئي واقعي جي اطلاع ملندي ئي سي آءِ انچارج گل حسن لغاري ۽ ايس ايچ او بدين علاؤدين خاصخيلي پوليس نفري سميت واقعي واري هنڌ پهتا، جتي ڪارروائي ڪندي وحشي جوابدار کي ڪهاڙي سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس لاش کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي هوڏانهن واقعي خلاف وهٽائي شريف ۽ پرپاسي جي علائقن جي رهواسين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي ڳوٺاڻن آئيس جهڙي خطرناڪ نشي جي وڪري خلاف روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو مظاهرين جو چوڻ هو ته علائقي ۾ آئيس منشيات جو ڪاروبار بي قابو ٿي ويو آهي، جنهن سبب اهڙا افسوسناڪ واقعا پيش اچي رهيا آهن مظاهرين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن خلاف فوري ۽ سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن معاشري کي هن لعنت کان بچائي سگهجي

بقايا 27 الهه تلهه رک

باهه تي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ ڳوٺ کي نقصان کان بچايو ريو ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏيپلو جي ٽيم بروقت ڳوٺ پهچي وئي، جڏهن ته گذريل ڏينهن به ساڳي ڳوٺ ۾ باهه لڳڻ سبب 08 خاندانن جا گهر سڙي ويا هئا، ڊي سي ٿرپارڪر جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏيپلو جي ٽيم ڳوٺ پهچي سمورن باهه متاثرن کي رهائش جي لاءِ ٽينٽ ۽ ٻيو ضروري سامان ڏنو ويو آهي باهه متاثرن کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن باهه متاثرن سبب مڪمل گهر سڙي ويا آهن باهه متاثرن سنڌ حڪومت، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ سمورن وس وارن کي اپيل ڪندي چيو آهي ته اسان جي مالي مدد ڪئي وڃي ته جيئن گهر ڻاهي سگهون ڳوٺ ۾ تيز هوا سبب چلهه مان چڻنگ اڏڻ سبب ٻن ڏينهن کان باهه جا واقعا ٿيا آهن

بقايا 28 7 ڄڻا زخمي

بنا جواز حملو ڪري اسان جي عورتن تي تشدد ۽ زخمي ڪيو آهي هنن چيو ته معمولي ڳالهه تان بااثر جوابدارن حملو ڪيو آهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر کان گهر ڪئي ته ڄاڻايل بااثر حملي آور جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 29 گهر سڙي رک

سڙي رک ٿي ويو آهي ۽ متاثرين کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن.

بقايا 30 ڦر احتجاج

ڏينهن پڻ ميرپور ماٿيلو ڪوسا ڦاٽڪ وٽ شهري ذوالفقار ڪورائي ۽ سعد الله ڪورائي کان ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي سوار هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي روڪ رقم موبائيل فون ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي واقعي بعد ڪورائي برادري پاران قومي امن ڪاميٽي جي اڳواڻ سعد الله ڪورائي جي اڳواڻي ۾ ميرپور ماٿيلو ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي چوڻ هو ته ظلم جي حد آهي هاڻ شهري گهرن ۾ غير محفوظ بڻجي ويا آهيون پر پوليس رڳو منشيات جي اڏن تان حصو پٽي وڃڻ تائين محدود بڻجي وئي آهي ڦورو آسائي سان ڦر ڪري فرار ٿي وڃن ٿا

بقايا 31 نگراني ۾ ساڙيو

مئجسٽريٽ وقاص احمد قريشي جي نگراني ۾ ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات فروشن کان هٿ آيل لکين رپين جي منشيات کي ساڙي منشيات فروشن کي اهو پيغام ڏنو ويو آهي ته ٽنڊو آدم ۾ هاڻي منشيات نه هلندي ۽ جيڪڏهن ڪوبه اهڙي برائي ۾ ملوث هوندو ته ان خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 32 [illegible]

ڪري پڳدار پٽ مير نويد ٽالپر کي سنڌس پڳ ٻڌائي وئي

بقايا 33 علامتي بڪ هڙتال

وئي بڪ هڙتال ۾ موجود تنظيمن جي اڳواڻن ڪامريڊ سينگار نوناري، ابراهيم چانديو نياز حسين ڪلهوڙو ڪامريڊ شيراز پنوحو منصور حالاڃ زاهد ٽنيو ضمير مغيري ياسين ڦليوٽو دلدار ابڙي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نصيرآباد ۾ بدامني جا واقعا وڌي ويا آهن ۽ شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن ٿا هنن چيو ته سيپڪو انتظاميه طرفان غير اعلانيه لوڊشيڊنگ، ناجائز ڊيڊڪشن بل ۽ صارفين سان ناانصافيون معمول بڻجي ويون آهن جنهن ڪري شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پوليس پنهنجي ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جنهن سبب چوريون ڦرون ۽ ٻين ڏوهن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي حالتن جو نوٽيس وٺي شهرين کي رليف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 34 انصاف جو مطالبو

رهواسي آهن هن جو چوڻ آهي ته سندس پاڻ ڀهرين هن جي نياڻي جو رشتو ورتو جيڪو توڙي ڇڏيو ان کان پوءِ منهنجي ڏوهٽيءَ کي بري صحبت ۾ رجهي موبائل فون ڏئي پئسن عيوض وڪرو ڪري ڇڏيو جڏهن هن ڌانهن ڪئي انهن ڌانهن ويو ته جوابدارن ڪيس بي رحمي سان تشدد ڪري وايس موڪائي ڇڏيو متاثر نذير احمد سومرو جو چوڻ آهي ته هاڻي ڪيس جوابدار جاڻ سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن خدشو آهي ته ڪيس قتل ڪيو ويندو هن چيو ته مان ڪيترائي ڀيرا پوليس وٽ به درخواست ڪئي ويو آهيان پر پوليس جوابدارن جي پٺڀرائي ڪري آهي هن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور سميت اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ انصاف ڏنو وڃي

بقايا 35 3 ڄڻا زخمي

امداد ڏني وئي ۽ وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 36 پرمار

انڪشاف ٿيو آهي ان سلسلي ۾ شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي شهر مان عطائي ڊاڪٽرن غير قانوني ليبارٽرين ۽ غير قانوني ڊينٽل ڪلينڪس بند ڪرائي انساني زندگيون بچايون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو.

بقايا 37 وڻ وڍي ڇڏيا

وڌيڪ وڻ وڍي ويا ڳوٺاڻن جو احتجاج ڳوٺاڻن غلام سرور محمد نواز عبدالمنان بڙدي ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن ڌوهارين پاران فون ذريعي پيو گهريو ۽ پرچيون اماڻي ڌمڪيون ڏنيون ويون ته پتو ڏيو نه ته ٻي صورت ۾ اوهان کي وڏو نقصان پهچائينداسين

بقايا 38 7 ڄڻا گرفتار

فورس ۽ ٿاڻي جي پوليس منشيات جي موجودگي جي اطلاع تي ڳوٺ عادل نوناري تي چڙهائي ڪري سرچ آپريشن ڪيو ان دوران پوليس ۽ ڳوٺاڻن ۾ جهڙپون ٿي پيون جنهن بعد پوليس پاران هوائي فائرنگ ڳوڙها آئيندڙ گيس جا شيل آڇلايا ويا ان دوران عورتن پوليس تي پٿراءُ ڪيو پڻ ڪيو جنهن سبب هڪ پوليس موبائيل جا شيشا ڀڄي پيا جڏهن ته پوليس آپريشن دوران وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري وڌي آهي ۽ اتان 7 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جا نالا راز ۾ رکيا ويا آهن جڏهن ته آپريشن دوران ڳوٺ جون وڏي تعداد ۾ عورتون پهچي وين جن پوليس تي پٿراءُ ڪرڻ شروع ڪيو جنهن بعد پوليس منشيات ۽ گرفتار ٿيلن کي ساڻ کڻي ڳوٺ سان ڊڪڻا ٽڪري ويا ۽ واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا 39 گندگي جو ڍير

،جنهن ڪري ڪيئي بيمارين ڦهلجڻ جو خطرو آهي صفائي وارو عملو ۽ هفتي ۾ هڪ دفعو مختلف گلين سان ٻهاري هڻي رفيو چڪر ٿيو وڃي ،جڏهن ته وارڊ جون مختلف گليون گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويون آهن ،جنهن ڪري ٻارڙن ۽ وڏي عورتن مردن توڙي ٻارڙن کي وڏي ڏشواري پيش اچي ٿي ، ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته انهي وارڊ جي مختلف گلين ۽ روڊن جون ماپون به ٿي وڃن آهن پر ڪافي وقت گذرڻ باوجود هيلٿ ٽائون ڪيو ناهي ٿي سگهيو ، ياد رهي ته هي وارڊ نمبر 1 چيئرمين ٽائون محمد عثمان ميمڻ جو وارڊ آهي جيڪو هر دفعي انهي وارڊ مان ڪٽي ٿو

بقايا 40 انصاف لاءِ احتجاج

ڪيس تيز موٽرسائيڪل هلائڻ جو بهانو بڻائي وڌيڪ شنبو ڪولهي جي موجودگي ۾ بيگناهه مارڪٽ جو نشانو بڻايو ويو

بقايا 41 احتجاج

شاهه 9 سال اڳ فوت ٿي چڪو آهي جنهن کي پنج ايڪڙ زرعي زمين ملڪيت هئي جنهن تي پائرن وزير شاهه ظفر شاهه ۽ نياز شاهه قبضو ڪري پينرن کي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته پائرن ملڪيت مان حصو ڏيڻ لاءِ تيار ناهن جنهن سبب مجبور ٿي پريس ڪلب پهچي آهيان هن چيو ته اسان کي پائر ۽ به پيئرون آهيون هن وزير اعلي سنڌ ڊي سي خيرپور ايس ايس پي خيرپور ڊسٽرڪٽ بار خيرپور ۽ واسطيدار احڪام کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي قانوني حق ڏياريو وڃي.

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited for the following:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-319308903-2026	SEISMIC DATA ACQUISITION OF KOHLU-2D PROJECT	18.05.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-FD-CB-ECMP-319403588-2026	SPARES FOR GROUND ELECTRONICS	03.06.2026 AT 1100 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **20.01.2026, 19.02.2026, 11.03.2026, 12.03.2026, 28.03.2026, 14.04.2026** and **19.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SERVICES-CB-PROD-315673088-2026	HIRING OF CONSULTANCY SERVICES FOR INTEGRATED WELL INTERVENTION STRATEGIES	05.05.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-308636654-2026	HIRING OF FIELD SUPPORT RESOURCES FOR DRILLING OPERATIONS	12.05.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 204/59

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن گهوٽڪي بمقام ميرپور ماٿيلو

اي ميل: xenphedmirpurmathelo@yahoo.com

No. TC/G-148/of 2026
"بدعنواني کان پاڪ"
M. Mathelo Dated. /2026

تصحيح

هن آفيس جي اين آءِ ٽي نمبر TC/G-148/ 676 تاريخ 12-04-2026 جي ذريعي گهرايل ڪمن جون آڇون / ٽينڊر، جيڪي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيا هئا. تن جي وصولي ۽ کولڻ جون تاريخون هيٺين ريت ٻيهر مقرر ڪيون ويون آهن:

01. آڇن جي وصول ڪرڻ جي تاريخ 19-05-2026 تي صبح جو 10:30 وڳي ۽ ساڳئي ڏينهن 19-05-2026 تي صبح جو 11:00 وڳي کوليا ويندا.

ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

(ABHEMENO)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن،
گهوٽڪي بمقام ميرپور ماٿيلو

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1624/2026

اسلام ڪوٽ: ٻن ڳوٺن ۾ خوفناڪ باهه، 70 کان وڌيڪ گهر سڙي رک، ڪروڙين رپين جو نقصان

منهتار ۽ ڳوڙهيار ڳوٺن ۾ اوچتو باهه، پورهيتن جا گهر، چوپايو مال ۽ قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو

فائر برگيڊ دير سان پهتي، گرمي ۽ وسيلن جي کوٽ سبب نقصان وڌيڪ وڌي ويو آهي: مظاهرين

ٿرپارڪر ۾ فائر برگيڊ نظام تي سوال، هر يونين ڪائونسل ۾ گاڏيون ڏيڻ ۽ ايمرجنسي نظام بهتر ڪرڻ جو مطالبو

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) گذريل ڏينهن اسلام ڪوٽ تعلقي جي ٻن ڳوٺن ۾ خوفناڪ باهه لڳڻ جا واقعا پيش آيا جنهن ۾ پورهيتن جا 70 جي لڳ ڀڳ گهر سڙي رک ٿي ويا انهي سلسلي ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: باهه لڳڻ سبب سڙي ويل گاڏي واقعي واري هنڌ بيٺل آهي

ميهڙ عدالت ۾ شبانه چانڊيو ۽ فريد کوسو پيش، 164 جو بيان رڪارڊ

ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو فريد کوسو سان 6 مهينا اڳ نڪاح ڪيو آهي: شبانه چانڊيو

عدالت فريد کوسو کي جوڊيشل ڪسٽڊي تحت دادو موڪلي ڇڏيو، پيشي دوران سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي

ميهڙ/راڌڻ (نمائندن وڪان) شبانه چانڊيو ۽ فريد کوسو واري معاملي ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. ٻنهي کي ميهڙ جي فرسٽ سول ڪورٽ ۾ جج اعجاز حسين ٽونيو جي روبرو پيش ڪيو ويو جتي شبانه چانڊيو جو دفعه 164 تحت بيان رڪارڊ ڪيو ويو عدالت ۾ پنهنجي بيان دوران شبانه چانڊيو چيو ته سنڌس فريد کوسو سان شادي ٿي چڪي آهي جنهن بابت نڪاح نامون به عدالت آڏو پيش ڪيو ويو جڏهن ته هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ڪيس ڪنهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: اغوا ڄاڻايل ناري کي عدالت پيش ڪيو پيو وڃي ٻي طرف اغوا جي الزام هيٺ آيل نوجوان لاڪپ ۾ بند آهي

لاڙڪاڻو سول اسپتال ۾ علاج
لاءِ آيل 80 ورهين جو پيرسن
مريض فوت، لاش وارثن حوالي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي چانڊڪا سول اسپتال جي او پي ڊي ۾ علاج لاءِ آيل 80 ورهين جو پيرسن مريض فوت ٿي ويو جنهن جو لاش چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي فوتي پيرسن جي سڃاڻپ وارهه تعلقي جي ڳوٺ ظفرآباد ڪلر واسي 80 ورهين جي خان محمد بروهي ٿي اهڙيون خبرون اليڪٽرانڪ ميڊيا توڙي سوشل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مٽياري ويجهو ٻن تيز رفتار موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، نوجوان فوت

مهراڻ هاءِ وي لڳ ڳوٺ نبي بخش جمالي سامهون موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ عديل سولنگي زخمي ٿي پيو، اسپتال ۾ زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏنو

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

مٽياري (ڏ ر) مٽياري ويجهو مهراڻ هاءِ وي لڳ ڳوٺ نبي بخش جمالي جي سامهون ٻن تيز رفتار موٽرسائيڪل سوارن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 18 ورهين جو نوجوان عديل پٽ ميرڻ سولنگي سخت

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: تاريخي قبرستان عيسو لاکو تي مبينا قبضي ۽ وڻن جي واڍي خلاف احتجاجي ڌرڻو

اسسٽنٽ ڪمشنر صوبوديرو آفيس آڏو شهرين ۽ سماجي تنظيمي اڳواڻ جو مظاهرو نعريبازي

بااثر ماڻهن پاران قبرستان جي زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ تاريخي وڻن جي واڍي ڪئي پئي

راڌڻ (ن ع) راڌڻ شهر ۾ قديمي قبرستان عيسو لاکو تي مبينا قبضي ۽ اتي لڳل وڻن جي واڍيءَ خلاف شهرين ۽ مختلف سماجي تنظيمن جي اڳواڻيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر صوبوديرو جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻيو ويو جتي مظاهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري انتظاميه جي نااهليءَ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ قبضي جي ڪوششن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: مال پڙي تان
موٽرسائيڪل چوري ڪندي
چور سوگهو، پوليس حوالي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو جي مال پڙي تان چابي چور موٽر سائيڪل چوري ڪندي واپارين سوگهو ڪري ڪنڪو ڏيڻ بعد پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جي تلاشي دوران سنڌس جي جيب مان مختلف قسمن جون چابيون ۽ ٻيو سامان هٿ آيو آهي ٻي پاسي شهرين پاران پڪڙي پوليس حوالي ڪيل چور کي ڇڏائڻ لاءِ بااثرن ۽ پوليس ۾ ڳالهيون هلندڙ هيون

مٽياري لڳ ڏينهن ڏٺي ڪار سوار کان 6 لک رپيا ڦر

ٽول پلازه ڀرسان هٿياربند ڪار سوار کي روڪي روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي

مٽياري (ڏ ر) ضلعي مٽياري ۾ بدامني جا واقعا وڌي ويا، مٽياري ٽول پلازه ڀرسان نامعلوم هٿياربند ڌاڙيلن ڪار سوار شهري کان 6 لک رپيا ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي وڃڻ جو واقعو پيش آيو آهي جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ذريعن موجب محبوب ٽالپر همراهه جيڪو پنهور برادري سان تعلق رکي ٿو پنهنجي ڪار ۾ حيدرآباد کان شهدادپور

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس ڪارروائي، شراب
سپلائرز گينگ جي سرگرم
جوابدار گرفتار

خيرپور(ڏ ر) خيرپور پوليس فورس ٿيڙهي ڀرسان ڪارروائي ڪندي شراب سپلائرز گينگ جي جوابدار صفيع الله ميمڻ کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب جوابدار جي قبضي مان 62 بوتلون شراب پڻ هٿ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

پريس ڪانفرنس
KTN

ڪي اين شاهه: راشد محمود سومرو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ماٿيلو: صحافي جلال بوزدار جي ڀيڻ مبينا طور فوت، برادري تي قتل جو الزام

پوليس اهلڪارن ۽ برادري جي هٿياربندن حملو ڪري ڀيڻ کي قتل ڪيو آهي: جلال بوزدار

جوابدار پوليس اهلڪار هجڻ سبب بي لغام بڻيل آهن سندن خلاف پوليس ڪاروائي نٿي ڪري

ڀيڻ کي قتل ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي، ٻي صورت ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو جي صحافي جلال بوزدار جي ڀيڻ مبينہ طور فوت برادري جي هٿياربندن ڀيڻ تي حملو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

محرابپور: ڦر جي مزاحمت تي زخمي ٿيل ڳوٺاڻو

هالا ۾ پيپلزپارٽي سٽي عهديدارن جو اجلاس، قيادت تي اعتماد جو اظهار

پ پ سٽي هالا جي نون عهديدارن جي پريس ڪلب ۾ اجلاس، مختلف اڳواڻن جي وڏي شرڪت

پارٽي قيادت بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف زرداري سميت اڳواڻن جو شڪريو ادا ڪيو ويو

هالا(ٽ ر) هالا ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي جي نون چونڊيل عهديدارن ۽ ورڪرن پاران پارٽي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ويو ان سلسلي ۾ پريس ڪلب هالا تي پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي هالا جي صدر

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو الهيار مان 3 ڏينهن اڳ اغوا ڄاڻايل ٻہ عورتون بازياب

پوليس صائم، مجيداڻو ۽ خاني مجيداڻو کي جاکري ٿاڻي جي حد مان بازياب ڪرايو

مٽياري جي علائقي ۾ آپريشن دوران 6 سهولتڪارن کي حراست ۾ ورتو ويو

آپريشن دوران 2 ڄڻا گرفتار، نارين کي پسند جي شادي جي بدلي ۾ اغوا ڪيو ويو: ايس ايس پي

ٽنڊوالهيار(راجه ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار مان 3 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل 2 عورتون ڪجي واري علائقي مان بازياب. 2 ڄڻا گرفتار. ايس ايس پي جي پريس ڪانفرنس خبر موجب ٽنڊوالهيار جي عمرساند ٿاڻي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ معرڪہ حق جي عنوان تحت سيمينار منعقد

پي ايم وائي ڊي سي جي ٽيم پاران ريڊيو پاڪستان خيرپور جي سهڪار سان پروگرام ترتيب ڏنو

اهڙا پليٽفارم نوجوانن کي مثبت ڳالهه ٻولهه ۾ شامل ڪرڻ ۽ اتحاد، ذميواري ۽ قومي هم آهنگي کي وڌائڻ لاءِ انتهائي اهم آهن: علي رضا لاشاري

هٿياربند فوج قومي سالميت جي حفاظت ۽ امن جي قيام لاءِ بهادري، ثابت قدمي ۽ حڪمت عملي جو مظاهرو ڪيو

خيرپور(ڏ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي اسٽوڊنٽس سوسائٽيز سينٽر ۾ معرڪہ حق جي عنوان تحت سيمينار منعقد پروگرام وزيراعظم يوٿ ڊوليپمينٽ ڪائونسل (پي ايم وائي ڊي سي) جي ٽيم

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مورو واسين جو وياجين
خلاف احتجاجي مظاهرو،
انصاف جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو شهر جي ملاح چونڪ جي رهواسي صدام ابڙو پنهنجي امڙ مسمات اقبال خاتون ۽ ڀاءُ مختيار ابڙو سان گڏجي احتجاج ڪيو جتي هن چيو ته

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ ٽرڪ تي پورهيت ڪڻڪ جون بوريون لوڊ ڪري رهيا آهن

واهي پانڊي لڳ ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، زال مڙس فوت

ٻاءِ پاس وٽ سامهون ايندڙ ريتي سان ڀريل ٽرڪ جو موٽر سائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ زال ۽ مڙس موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، لاش اسپتال منتقل

پوليس پهچي ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

واهي پانڊي (ن ع) واهي پانڊي جي ڳوٺ ميهون دلشادائي جمالي واسين سان روڊ حادثو ميهڙ کان سائٽن جي شادي جي دعوت کائي واپس پنهنجي ڳوٺ ايندي ڪاچي جي ڳوٺ ميهون دلشادائي جمالي واسي اسماعيل جمالي ۽ سنڌس جي وني ثناء جمالي سان جوهي واهي پانڊي ٻاءِ پاس وٽ سامهون ايندڙ ريتي سان ڀريل ٽرڪ جو موٽر سائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي زال مڙس موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن جوهي پوليس

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هالا: مرحوم صحافي عبدالڪريم ميمڻ جي ياد ۾ نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

صوبائي وزير جي پرسنل اسسٽنٽ مير مسرت جعفري ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪيو

ڊي ايس پي، مختيارڪار ۽ پوليس آفيسرن سميت معزز شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

هالا(ٽ ر) هالا پريس ڪلب جي اڳوڻي سرپرست اعلا سينئر صحافي مرحوم عبدالڪريم ميمڻ جي ياد ۾ هالا پراڻا جي سيد ميرل شاهه ڪرڪيٽ گرائونڊ تي نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ لڳائي وئي آهي جنهن جو افتتاح صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي پرسنل اسسٽنٽ مير مسرت جعفري ڪيو. نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب ۾ هالا ۽ هالا پراڻا سميت آسپاس جي علائقن جي معزز شخصيتن ڊي ايس پي هالا يعقوب

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ مفت ميگا ميڊيڪل
ڪئمپ، سوين مستحق مريضن کي
علاج ۽ ٽيسٽن جون سهولتون فراهم

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ، سوين مستحق مريضن کي علاج ۽ ٽيسٽن جون سهولتون فراهم

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قاسم آباد جا رهائيشي مقامي ايس ايڇ او خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد: وڏو وزير مراد علي شاهه خورشيد شاهه نويد قمر الزمان شاهه،سعيد غني منظور وسان جام تماچي انڙ محمد علي ملڪاڻي ۽ ٻيا اعجاز جکراڻي سان سندس فرزند جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد مير اعجاز جکراڻي جي پٽ جي وفات تي وڏي وزير جي تعزيت

جاويد عالم اوڍو،ناصر پٺاڻ، نوابزاده خالد مگسي، نادر مگسي، شير محمد مغيري عذر خواهي ڪئي

خورشيد شاهه، نويد قمر، شبير علي بجاراڻي، علي حسن زرداري، ذوالفقار شاهه، بابل خان ڀيو ۽ ٻين پڻ تعزيت ڪئي

جيڪب آباد (ڏ ر) ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي جي ننڍي پٽ مير زيد خان جکراڻي جي وڇوڙي تي سوڳوار جکراڻي خاندان سان تعزيت جو سلسلو جاري؛ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ وفاقي وزير نوابزاده خالد حسين مگسي ايم پي اي نوابزاده نادر خان مگسي ايم پي اي شير محمد مغيري ايم اين اي سيد خورشيد شاهه ايم اين اي نويد قمر ايم اين اي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ويجهو عورت پراسرار نموني فوت، مڙس تي قتل جو الزام

ڳوٺ صاحب خان نظاماڻي ۾ پراسرار نموني فوت صغران جو لاش اسپتال منتقل

عورت جي پائرن جو مڙس تي قتل جو الزام، زال بيماري سبب فوت آهي: مڙس

پوسٽ مارٽم اچڻ کان بعد حقيقت سامهون ايندي جنهن بعد قانوني ڪارروائي ڪبي: پوليس

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ويجهو ڳوٺ صاحب خان نظاماڻي ۾ شادي شده عورت ٻن ٻارن جي ماءُ 30 سالا صغران زال محمد جمن سوهي پرسرار نموني فوت ٿي وئي آهي . جنهن جي لاش کي پوسٽ مارٽ لاءِ سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو جنهن جو لاش کي ڊاڪٽرن پاران پوسٽ مارٽم ڪيو پيو وڃي . عورت جي پائرن محمد علي خاصخيلي ۽ وحيد علي ٻڌايو تہ اسان جي ڀيڻ کي مڙس تشدد ڪري ماريو آهي جيڪو موالي قسم جو آهي . سنڌس مڙس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سڳيون لڳ پورهيت جي گهر کي باهه، الهه تلهه رک

امن جي ڇهي لڳ پورهيت عبدالغني جي گهر کي چلهه، چڻنگ مان باهه لڳي

گهر ۾ پيل موٽرسائيڪل، سونا زيور، روڪ رقم، هنڌ، بسترا ۽ ٻيو سامان سڙي خاڪ

سڳيون (ن ع) سڳيون ڀرسان گذريل رات مشهور ڊنڊ امن جي ڇهي لڳ پورهيت عبدالغني چنو جي گهر کي چلهه مان چڻنگ اڏڻ سبب باهه لڳي وئي تيز طوفان هئڻ سبب ڏسندي ئي ڏسندي آڪ ڇنڊ ۾ گهر اندر پيل قيمتي ڪپڙا ،روڪ رقم ،سونا زيور ،هڪ عدد موٽر سائيڪل سميت ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو پاڙي وارن موقعي تي پهچي باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر تيز طوفان هئڻ سبب باهه تي ڪنٽرول نہ ٿي سگهيو جنهن سبب گهر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

INDOMITABLE RESOLVE

فيصل آباد: پاڪ فوج سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوابشاهه ۾ ور اسٽاپ جي رهواسين جو سڪرنڊ پوليس خلاف احتجاج

سڪرنڊ پوليس منور بروهي کي بنا جواز جي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي: عامر بروهي

منهنجو ڀاءُ بيگناهه آهي، خدشو آهي تہ ساڻس ڪا زيادتي نہ ڪئي وڃي

نواب شاهه(س ر) نواب شاهه ڀرسان ور اسٽاپ واري علائقي جو رهواسي عامر بروهي پنهنجي عزيزن سان گڏ نواب شاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي عامر بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سڪرنڊ پوليس منهنجي ڀاءُ منور بروهي کي بنا ڪنهن جواز جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

فريد آباد: جوابدار جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل عورت لاڙڪاڻي اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

5 ڏينهن اڳ جوابدار، ناري کي قتل ڪري ۽ سنڌس امڙ کي زخمي ڪرڻ بعد پاڻ کي ماري ڇڏيو هو

زخمي ٿيل مسمات سيما ڪولاچي لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ پنهنجي زندگي جي جنگ هارائي وئي

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ؛ "پاڻ تہ ريو هليو پر 2 جانيون بيون بہ وڃائي ريو "فريدآباد لڳ ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي ۾ 5 ڏينهن اڳ جوابدار پاران ناري کي قتل ڪري ۽ سنڌس جي امڙ کي زخمي ڪرڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ملتان: نارين اسڪوٽي تي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن

محرابپور ٿاڻي جي حد ۾ واپاري کان هڪ ڀيرو ٻيهر ڦر، مزاحمت تي رتو رت

واپاري سومر خان ٽانگور کي هٿياربندن يرغمال بڻائي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿياربندن ڪيس سخت زخمي ڪري آساني سان فرار ٿي ويا، اسپتال منتقل

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور ٿاڻي جي حد ۾ واپاري کان هڪ ڀيرو ٻيهر ڦر مزاحمت تي رتو رت پوليس گم ان ڏس ۾ محرابپور پرسان ڳوٺ پير قائم علي شاهه واسي چوپائي مال جو واپاري سومر خان ٽانگور کي محرابپور ٿاڻي جي حد پيروسڻ روڊ تي موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن يرغمال بڻائي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش دوران مزاحمت تي هٿياربندن ڪيس سخت زخمي ڪري باآساني سان فرار ٿي ويا واقعي سبب علائقي ۾ خوف هيراس ڇانئجي ويو جڏهن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ جي اسپتال تي حيسڪو جون پوڻا 2 ڪروڙ جون رقمون، بجلي ڪاٽا

بي بي ايڇ آءِ رورل هيلٿ سينٽر ٻن ڪنيڪشنن جي مد ۾ پوڻا 2 ڪروڙ بقاياجات آهن: ايم ايس او

مسلسل بي بي ايڇ آءِ انتظاميا کي بل ادا ڪرڻ بابت نوٽيس ڏنا پر بل ادا نہ ڪيو وڃي

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ بي بي ايڇ آءِ حوالي ٿيل رورل هيلٿ سينٽر اسپتال تي بجلي جي بلن جي مد ۾ حيسڪو جون پوڻا 2 ڪروڙ رقمون بقايا رهيل آهن،مسلسل هڪ سال کان حيسڪو اختيارين پاران بار بار بل نہ ڏيڻ بابت بي بي ايڇ آءِ انتظاميا کي ليٽر لکي وارننگ ڏني وئي،مختلف وقتن تي بجلي ڪاٽا بعد ٻيهر بل ادا ڪرڻ جي يقين ڏياڻي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: شاگرديائي اريبا اعوان جي مبينا اغوا خلاف بار ايسوسيئيشن جو احتجاج

ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جي پريس ڪانفرنس، شاگرديائي جي فوري بازيابي جو مطالبو

ڏينهن گذرڻ باوجود ڏهرڪي پوليس شاگرديائي کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلوڏهرڪي ڪاليج مان شاگرديائي اريبا اعوان جي مبينہ اغوا خلاف بار جي پريس ڪانفرنس 24 ڪلاڪن ۾ بازيابي جو مطالبو ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ملاح برادري پاران سحري ٿاڻي جي پوليس جي زيادتن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دوڙ: صحافي، اديب ۽ ليکڪ عبداش پنهور بيماري سبب بستري پيڙو

ڪينسر، دل ۽ ساهه جي تڪليف سبب عبداش پنهور زندگي جا ڏکيا ڏهاڙا بستري تي گذارڻ لڳو

سينيئر صحافين ۽ سماجي اڳواڻن پاران عيادت، صحتيابي لاءِ دعائون ۽ علاج تي زور

سنڌ حڪومت کان ڪراچي ۾ فوري سرڪاري علاج ڪرائڻ ۽ زندگي بچائڻ جو مطالبو

دوڙ (ن ع) دوڙ سڄي زندگي سياست، ادب ۽ صحافت کي ڏيندڙ ناميارو سينيئر صحافي، اديب، قلمڪار، ليکڪ ۽ اڳوڻو شاگرد اڳواڻ محترم عبدالرحمان المعروف عبداش پنهور بيماري سبب پنهنجي زندگي جا ڏکيا ڏهاڙا پنهنجي اباڻي شهر دوڙ ڀرسان ڳوٺ دولو ۾ پنهنجي گهر بيماري جي بستري تي گذارڻ لڳو آهي. گلي ۾ ڳوڙهي، ساهه جي تڪليف (ڪينسر) ۽ دل جي بيماري سبب سنڌس زندگي جا ڏهاڙا تمام تڪليف ۾ گذرن ٿا. سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ عبداش پنهور جو ڪراچي جي ڪنهن بهتر اسپتال مان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لياقت جتوئي جي پ پ ۾ اچڻ جي افواهن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي: عرفان ظفر لغاري

لياقت جتوئي 8 سئو هزار پارٽيون مٽايون آهن، پ پ هن کي ڇو اٿيندي، هن کي عوام رد ڪري ڇڏيو آهي

اسان پنهنجي تڪ ۾ ترقياتي اسڪيمون روڊ رستا ڏنا آهن، عوام جا بنيادي جائز مسئلا حل ڪيا ويندا

5 ڪروڙ جي لاڳت سان روڊ جو تعميراتي ڪم مڪمل ڪيو آهي، يوسي چارو ۾ واٽر سپلا جي تعمير لاءِ ڪم هلي پيو

ميهڙ (ن ع) فريدآباد پ پ اين اين اي عرفان ظفرلغاري فريدآباد شاهه گوڏڙيو روڊ جو افتتاح ڪيو، 5 ڪروڙ جي لاڳت سان روڊ جو تعميراتي ڪم مڪمل ڪيو آهي يوسي چارو ۾ واٽر سپلا جي تعمير لاءِ ڪم

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بدين: آئس جي نشي ۾ مبتلا پٽ پنهنجي ماءُ کي قتل ڪري ڇڏيو، احتجاج

ڳوٺ عرس ملاح ۾ نشي جي حالت جوابدار ۾ ڪهاڙي جا وار ڪري ماءُ کي ماري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي ڪارروائي ڪري جوابدار کي ڪهاڙي سميت گرفتار ڪري ورتو

رهواسين جو روڊ بند ڪري احتجاج، آئس منشيات جي خاتمي ۽ سخت ڪارروائي جو مطالبو

بدين (ڏ ر) وڻڪائي لڳ ڳوٺ عرس ملاح ۾ دل ڏاريندڙ واقعو پيش آيو جتي آئيس جي نشي ۾ مبتلا هڪ موالي پٽ پنهنجي ماءُ تي ڪهاڙي سان وار ڪري بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو اطلاع موجب جوابدار

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

WORLD MALARIA DAY
Malaria Ends With Us
"Driven to End Malaria: Now We Can. Now We Must."
WORLD MALARIA DAY
مليريا جو عالمي ڏينهن
25th April 2026
NRSP
DISTRICT HEALTH OFFICE BADIN

بدين: مليريا جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڊيپلو جي ڳوٺ لسيو ۾
پورهيت جي گهر کي باهه،
الهه تلهه رک

ڊيپلو(ن ع) ڊيپلو جي ڳوٺ لسيو ۾ هڪ دفعو ٻيهر اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن سبب پورهيت ايسر داس ميگهواڙ جو گهر سڙي رک ٿي ويو اوچتو باهه لڳڻ سبب باهه جي شدت وڌي وئي، جنهن سبب گهر ۾ پيل قيمتي سامان اناج، بسترا ڪٽون ۽ ٻيو ڪاڏي پيتي جو سامان سڙي رک ٿي ويو اطلاع تي ڊيپلو ملي کان فائر برگيڊ گاڏي ۽ 1122 جي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي ڳوٺاڻن جي مدد سان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ بااثرن جو گهر تي حملو 7 ڄڻا زخمي

معمولي ڳالهه تان بااثر جوابدارن ڪهاڙين ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري ڏنو

حملي ۾ گلان، الهه ڏني، منشان ڪاجل، فلڪ ۽ رشيد زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

خيرپور(ڏ ر) خيرپور لڳ معمولي ڳالهه تان بااثر جوابدارن جو گهر تي حملو ڪهاڙيون ۽ڏنڊا هڻي 6عورتن سميت 7 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب ڳوٺ امير بخش ڪٽوهر ۾ عامر علي جي گهر تي حملو ڪري بااثر جوابدارن حملو ڪري ڪهاڙين ۽ ڏنڊن جا وار ڪري 7 ڄڻا مسمات گلان الہ ڏني منشان ڪاجل ، فلڪ ۽ رشيد کي زخمي ڪري ڇڏيو جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ڳوٺاڻن عامر ڪٽوهر ٻڌايو جو چوڻ آهي تہ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ شخص ديسي ڪڪڙ وڪرو ڪرڻ لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

ٽنڊوآدم: پوليس پاران منشيات
جي وڏي مقدار کي عدالت جي
نگراني ۾ ساڙيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم پوليس پاران سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي نگرانيءَ ۾ منشيات فروشن وٽان هٿ آيل شراب ماوا گٽڪا ۽ ٻي منشيات ساڙي ڇڏي رپوٽ موجب ٽنڊوآدم سٽي پوليس پاران سال 2022 کان گرفتار ڪيل منشيات فروشن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿ آيل شراب. ماوا گٽڪا ۽ سفينہ سميت ٻي منشيات جيڪا سٽي وٽ پراپرٽي طور جمع هئي کي ساڙي ڇڏيو اهو عمل سول جج ۽ جوڊيشل

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ لڳ اچانڪ باهه لڳڻ سبب 30 گهر سڙي رک

ڳوٺ مهتار ۾ دوست علي، ممتاز، بلال ۽ ٻين جي گهرن کي باهه لڳي

باهه لڳڻ سبب الهه تلهه سڙي خاڪ، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل

مٺي (ڏ-ر) تعلقي اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ مهتار ۾ اچانڪ باهه لڳڻ سبب 30 گهر سڙي ويا، متاثرين ۾ دوست علي ويس ممتاز ويس بلال ويس جمال پورو جلال ملن پنهل تصير سنگراسي سردارو سلطان ماڻڪ آدم، صمد سرون حڪيم لاکو علي نواز سبحان علي، قائم اميد علي، هاڻي ميگهواڙ ساجن ميگهواڙ جا ٻہ گهر پنهون ويس حڪيم ويس ممتاز جي هڪ هڪ ٻڪري سڙي مري ويون لڳل گهرن جي باه سبب متاثر گهرن ۾ الله تل

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ڏينهن ڏٺي جو ڦر، احتجاج

ڪوسا ڦاٽڪ وٽ هٿياربندن پاران موٽر سائيڪل، رقم ۽ موبائيل فون ڦر

واقعي خلاف شهرين جو احتجاج، موٽر سائيڪلون واپس ڪرائڻ جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ بدامني جي باهه تي ضابطو نہ اچي سگهيو شهري کان ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل ڦر شهرين جو ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو موٽر سائيڪلون رڪور ڪرائڻ جو مطالبو ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻي جو اعلان تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو پوليس ۽ ڦورن جو مبينہ ڳٺ جوڙ هجڻ سبب شهر مان ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪلون ڦر ٿيڻ ۽ چوري ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ گذريل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: مير خالد ٽالپر جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو، عوامي خدمتن تي خراج تحسين

تعزيتي ميڙاڪي ۾ اڳواڻن پاران مرحوم مير خالد ٽالپر جي سماجي ۽ سياسي خدمتن کي ساراهيو ويو

پڳدار پٽ مير نويد ٽالپر کي پڳ ٻڌڻ جي رسم ادا، مختلف سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي شرڪت

پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي سنڌس ساڳي جدوجهد سان عوام جي خدمت ڪندس: نويد ٽالپر

ٽنڊو محمد خان(ڏ ر) ٽنڊو محمد خان جي پائي خان ٽالپر جي سياسي سماجي اهم شخصيت مير خالد ٽالپر جي وفات تي ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ سنڌس ڪيل عوامي خدمتن تي خراج تحسين پيش

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ڳوٺ پائي خان ٽالپر ۾ مير خالد ٽالپر جي وڇوڙي بعد سنڌس فرزند کي پڳ ٻڌرائڻ واري تقريب کي نويد ٽالپر سجاد ٽالپر ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

نصيرآباد ۾ امن امان جي بحالي ۽ سيپڪو جي زيادتين خلاف علامتي بک هڙتال

فوري طور تي حالتن جو نوٽيس وٺي شهرين کي رليف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

شهري اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ٽائون هال آڏو احتجاج ڪيو

نصيرآباد(ن ع) امن امان جي بحالي ۽ سيپڪو زيادتين خلاف علامتي بک هڙتال ٻئي ڏينهن بہ جاري نصيرآباد ۾ شهري اتحاد پاران امن امان جي بحالي ۽ سيپڪو انتظاميہ جي زيادتين خلاف ٽائون هال آڏو علامتي بک هڙتال ٻئي ڏينهن بہ جاري رهي بک هڙتال ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ شهري تنظيمن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جتي شرڪت ڪندڙن پاران سيپڪو انتظاميہ ۽ نصيرآباد پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسي جو پنهنجي
پائرن خلاف احتجاج،
انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڏ ر) خيرپور جي رهواسي نذير احمد سومرو پنهنجن ئي پائرن خلاف احتجاج ڪندي روئي پيو هن چيو تہ مون سان ناانصافي ٿي رهي آهي منهنجا پائر جيڪي سراد شاهه ڪالوني خيرپور جا

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مورو: منشيات خلاف ڪارروائي دوران فائرنگ، پوليس اهلڪار سميت 3 ڄڻا زخمي

پانڊي روڊ تي منشيات فروش جي سڌي فائرنگ، زخمين کي نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

پوليس پهچي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار نبي بخش عرف بجلي زرداري کي گرفتار ڪيو آهي: ڊي ايس پي

منهنجا پائر ملڪيت ڪري جان جا ويري بڻيل آهن، منشيات وڪرو ناهيان ڪندو الزام ڏنو ويو آهي: جوابدار

مورو (ن ع) مورو شهر جي پانڊي روڊ تي منشيات فروش نبي بخش عرف بجلي زرداري جي پوليس مٿان سڌي فائرنگ سنڌس پوليس اهلڪار ڀاءُ [illegible] بخش زرداري، حبيب الله زرداري ۽ واٿيڙو زاهد علي زرداري کي زخمي ڪري ڇڏيو زخمين کي مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي طبي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

هڪ نينگر هٿ نلڪي تي پاڻي پي رهيو آهي

ماٿيلي ۾ غيرقانوني ليبارٽرين ۽ عطائي ڪلينڪس جي ڀرمار

سيڪڙن عملي پاران غلط رپورٽون ڏئي انساني زندگين سان کيڏڻ جو خدشو وڌي ويو

شهرين جو فوري ڪارروائي جو مطالبو ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو شهر ۾ غير قانوني ليبارٽرين جي ڀرمار سيڪڙن ڇوڪرا غلط رپورٽون ڏئي انساني زندگين سان کيڏڻ لڳا هيلٿ ڪيئر ڪميشن ٽيم ۽ ڊرگ انسپيڪٽر حصو پتي وٺڻ ٿائين محدود تفصيل موجب صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميہ جي نااهلي سبب ميرپور ماٿيلو ڊاڪٽر ايريا ۾ غير قانوني طريقي سان ڪيترين ئي ليبارٽرين ڊينٽل ڪلينڪ ۽ عطائي ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون کليل آهن جتان غلط رپورٽون جاري ٿيڻ جو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

خيرپور ڌوهارين پتو نہ ڏيڻ تي
ڳوٺاڻي جي انبن جي باغ مان 10
وڻ وڍي ڇڏيا، احتجاج

خيرپور(ڏر) پريالوءَ ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهوڏايو بڙدي ۾ ڌوهارين پاران پتو نہ ڏيڻ تان ڳوٺاڻن جي انبن جي باغ مان 10 ڪاڻ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

مورو: زخمي علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل آهن

حيدرآباد: عادل نوناري ڳوٺ ۾ منشيات خلاف ڇاپو، پوليس ۽ ڳوٺاڻن ۾ جهڙپون، 7 ڄڻا گرفتار

اسپيشل ٽاسڪ فورس جي ڪارروائي دوران سرچ آپريشن، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي

جهڙپن دوران هوائي فائرنگ ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گيس جو استعمال، پوليس موبائيل جا شيشا ڀڄي پيا

عورتن پاران پٿراءَ، پوليس 7 ڄڻن کي گرفتار ڪري منشيات سميت روانو، ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو

حيدرآباد(رپورٽ: مختيار برڦت) حيدرآباد جي عادل نوناري ڳوٺ ۾ منشيات جي موجودگي ۾ پوليس جي پاري نفري جو ڇاپو عورتن ۽ مردن جو پوليس جهڙپون فائرنگ ،پوليس 7 ڄڻن کي گرفتار ڪري وڏي تعداد ۾ منشيات هٿ ڪري ورتي پٿراءَ سبب موبائل جا شيشا ڀڄي پيا خبر موجب ڪالهه حيدرآباد جي اسپيشل ٽاسڪ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي جي وارڊ نمبر 1 پٺاڻ ڪالوني ۾ ترقياتي ڪم بند، علائقو گندگي جو ڍير بڻيل

چار سالن کان گليون ۽ ناليون نہ ٺهڻ سبب رهواسي سخت مشڪلاتن ۾ مبتلا

کليل گٽر، ڪچري جا ڍير ۽ صفائي عملي جي غيرموجودگي، بيمارين جو خطرو وڌي ويو

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي جي وارڊ نمبر 1 پٺاڻ ڪالوني ۾ ترقياتي ڪم هڪ روپي جو نہ ٿي سگهيو ،وارڊ 1 جون سموريون گليون ۽ ناليون نہ ٺهڻ ڪري پورو محلو گندگي جي وڙ چڙهيل کليل گٽرن ۾ ڪنهن وقت بہ واقعو پيش اچي سگهي ٿو جڏهن تہ ناليون گندي پاڻي سان ڀريل آهن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ نوجوان تي تشدد، متاثر جو انصاف لاءِ احتجاج

سامان جا 66 هزار روپيا وٺڻ لاءِ ويس تہ بدتميزي ۽ تشدد جو نشانو بڻايو ويو: بلال شيخ

واقعي جي اين سي داخل ڪرائي آهي پر اڃا تائين ڪا بہ گرفتار عمل ۾ ناهي آئي

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر)ڪوٽ غلام محمد ۾ نوجوان تي تشدد، متاثر جو انصاف لاءِ احتجاج ڳوٺ گهمن ڪالرو جي رهواسي نوجوان بلال شيخ سان مبينا تشدد ۽ تذليل جو واقعو سامهون اچي ويو آهي متاثر نوجوان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد آڏو احتجاج ڪندي الزام لڳايو تہ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: گرمي وڌڻ بعد هڪ ٻولڙو واشبيسن تان پاڻي پي رهيو آهي

محرابپور ۾ عورت جو
ملڪيت مان حصو نہ ڏيڻ تي
پائرن خلاف احتجاج

محرابپور (ٽ-ر) پائر اباڻي ملڪيت مان حصو ڏيڻ بجاءِ بيدخل ڪري ڇڏيو آهي سيد زادي انصاف لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي ان ڏس ۾ هنگورجا پرسان ڳوٺ گاد شريف جي رهواسڻ سيد زادي مسمات بشيران بي بي پائرن جي ظلمن کان تنگ ٿي پاڪ ڪتاب کڻي پڻائي پريس ڪلب محرابپور پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ والد علي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چينل سوري مان نينگر مڇي پڪڙي رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.